داستان ويهون مالڪوس جي ڪافين جو

ڪافي مالڪوس ١٢٧٦

سانون لي چل نال وو ميان! جيئڙا نهين رهندا

١. مين تا تيڏي ميان اصل آهي وي. تون تا صاحب ميان، مين سپاهي وي
آءُ هادي مُڙ ٻال وي ميان

٢. نهين وسيلا ڪوئي اسان نونّ وي. دامن لڳڙي دا شرم تسان نون و
جيوين ٻاوين تيوين ٻال

٣. جهيڙا ڪيُتا وي مثان ڪيڏا وي، مئين رانجهن دي رانجهن ميڏا وي
ڪيڙا سو خام خيال

۴. رانجهن تخت هزاري والا. چاڪ سڏايُس هُڻ چا نالا
مين تاهير سيال

۵. مين تا تيڏي بندي بردي، پورهيا ڪردي وي تيڏي دردي ميان!
جيهي تيهي حال

٦. **سچو** دي وچ سهس خطايان، توهين صاحب ميان بخش عطايان
گهن قلم چا وال

ريختو مالڪوس ١٢٧٧

دل میری بیران ہوئی،اج یار سئلانی ہوا
زاھدا اس میری دل پر،داغ ضعانی ہوا
١۔ نہیں جمعیت دل میری کوں،ہجر کی بیهات ہے
اب دیوانا ہوپھروں،کس جاء پر جانی ہوا
٢۔ ہے غنیمت مجھ کوں یارو،دوستی دلدار کی
میں بیگانا ہورہوں،اس جگ سوں جگ فانی ہوا
٣۔ ایک پل ہمدرد پایا، پھیر اس سوں لیا فراق
پھر وصالت یار کی،جوں ابر آسمانی ہوا

Scanned by CamScanner

۴-بو گدا گر میں پھروں،اب یار کیتے دربدر
کس گلی میں کب جو دیکھوں،سیل سلطانی ہوا
شرط،سردی کیا یہی ہے، سرن اس کی طلب میں
سر سچُو کا اس گلی میں،کار قربانی ہوا

ڪافي مالڪوس ١٢٧٨

هن غريب جو حال
توکي معلوم آهي
١. صدقي ڪنديس سِرُ سائين تؤن
پيو سڀ ملڪ مال
٢. دوست اوهان ريءِ ديس ۾
جيئڻ آهي جنجال
٣. ڇئي پڌايان ڪيترو
آرياڻي احوال
۴. مِج سچوءَ جو سپرين!
سائين لڳ سوال

Scanned by CamScanner

داستان ايڪيھون متفرقو ڪَلامُ

ڪافي پيروي ۱۲۷۹

جھـڙو ھـي عـجائـب آءِ

ناھ عجب ٻيو ڪو اھڙو

۱. ھيڏي ھوڏي نہ ڏسين

مُنھـن پـاڻ ئـي ۾ پـاءِ

۲. ٻُئـہ تـصـور ھـن ۾

ٻـي بـازي ڪـانـہ بـنـاءِ

۳. اڪيون ٻئي جي ڏسين

ھـادي آھـي ھـر جاءِ

۴. سچوءَ سارو سچ چيو

ھـي رمـز دل سـان لاءِ

ڪافي گونھري ۱۲۸۰

سڀ ڪنھن ويڙھي تون وسين، توري۽ آھي ڪونہ ٻيو

۱. چولي ھئين چاتوم، توکي سانول سڃاتوم، ھر جا آھين حاضري

۲. ھر جا حاضر تون، موٽي کھڙي آھي مُون، ھادي ڪَرڻ حجاب کي

۳. ڪاتين قاضي ٿئين، ويھي ناحق فتوي ڏئين، سوري ٻي منصور جي

۴. موٽي ٿئين منصور، ڪيئي مُلن جو مذڪور، شاھد ٿي ٻيھين شرع ٿي

۵. اناالحق آواز، ھي تا سارو تنھنجو راز، ظاھر ڪَيُئي زمين تي

۶. سرمد ٿي اسرار، ڪيو عالم ۾ اظھار، وري وڌئي شور شھر ۾

۷. ھي سڀ ڪم سنداءِ، آھن جاني جاءِ بجاءِ، جيڪي ڪرين تون ڪرين

۸. حاضر ناظر تون، باطن ظاھر تون، تنھنجو ھُل ھنگام ھي

۹. اپريو آفتاب، جھليو تارن ھڏ نہ تاب.گوشا ويڙا گم ٿي

۱۰. سچو ٻيچ گمان، ٿي حيرت ۾ حيران، جو مؤلا مؤن ٻانھون ٿئين

Scanned by CamScanner

ڪافي پرج ١٢٨١

چل تہ ويکڻ وڃان، سهيو! ميڏا رانجهن ندي دي ڪناري

١. هتڪي هوري مُول نہ رهسان، منت ڪائي نہ مڃان
٢. مين تي رانجهن ڪني هوڪي، نينهن لايوسي اڃان
٣. پڃان پوٽيان تاڙيان سنيان، پهلي پيري پڃان
٤. **سچو** عشق الهہ دي ٻاجهون، ٻيان سڀ ڪوڙيان ڪڃان

ڪافي ڪامول ١٢٨٢

يڪدل يڪدل هيئين وي ميان! تانہ تا مولا تانہ رهي

١. خاڪ متي دا بتڙا بنايئي، وچ پڪي پرڏيهي ڏيهي
٢. پاڻي پيندا داٽا چڱدا، ذات نڃاٽا ڪيهي ڪيهي
٣. ڪل انهيندي ڪَل نہ ڪائي، سمجهہ اسان ڪل پيئي پيئي
٤. هي جڳ سارا خواب نيشاني، سمجهہ **سچو** تون ايهي ايهي

ڪافي ڪونسيو ١٢٨٣

هادي اپٹا ڪرم فرمايا، هُڻ تا بارو بار

١. مين مسڪين تي دلبر تيڏا، ڪرم هويا بيشمار
٢. تيڏي هُڻ تا دل وچ رهيان، خوني عجب خمار
٣. آپو چاٽي آپ ڪيتا، هُڻ عاجز سان اقرار
٤. ڪوئي دم دُور نہ هوسان، هن واعده تي اعتبار
٥. هوسي هميشہ چاڻ يقيني، برهي وچ بهار
٦. حاضر مجلس اڳون ياراندي، هويا **سچو** عشق اُنار

ڪافي بلاولي ١٢٨٤

آءُ تہ مان تون وڃي يار، ٻي ڳالهہ ڪر م ڪائي

١. ڳجهي ڳالهہ هادي واري دل تي دائم، فراموش ٿي ٻي ورونهن وائي
٢ بحر تي جا لهر لڳي ٿي، اسان پاڻ بازي اصل ڪؤن بنائي

٣. آهي هُوءِ حيرت هُو جي جسم تي، حرف حق جو آهي صورت سپائي
٤. لتو جُهڙ جو نظر ۾، ظاهر ٿيو سچ، ٿي اڄ سراسر سهائي
٥. آهي **سچو** سچ تحقيق ڄاڻي، جنهن مست ماريو دم خدائي

ڪافي ١٢٨٥

آهي منهنجو سڱ تا پنهڻ توئي ساڻ
١. آءُ اوري تون وچ نه پري، ساه وني وچ ساڻ
٢. هوت جي ني هلڻ جو، ڪونه پيم اُهڃاڻ
٣. ڇُلي پينيس ڇپرين، سڱ پنهڻ تنهنجي ساڻ
٤. لڳو آهي دل کي، پاروچل تنهنجو ٻاڻ
٥. سِرُ **سچوءَ** جو يار اوهان سان، تون ڪوڙين ٿي قربان

ڪافي سسئي ١٢٨٦

آءُ ڪوڙين تيان قربان
جوڳيئڙن جي جات تؤن
١. ڪاڪيون ڪاپڙين جو
ڏاڍو آهي مُون ارمان
٢. آيل آڏوتن جو آهي
گنگا ۾ گذران
٣. نانگن سندي ڳالهڙي
هت پورب ۾ پروان
٤. **سچو** نات نهارين ڇو تو
ٻئي هنڌ ٿي مهمان

ڪافي ڪوئنسيو ١٢٨٧

جيئن سچ آهي پريشان
سوئي ڳولي سچ کي الوالو

Scanned by CamScanner

١. مڇلي جيئي آب سان
آب ڀــــڇي طــــغيــــان
٢. تـارو ڀـڇي نـجم کـي
مـؤج ڀـڇي مـهـريـاڻ
٣. ڦڙي پڇي مينهن کي
شـاه ڳولـهـي سـلـطـان
۴. هُو مـڙيـئـي پـاڻ ٿـيـو
کـيـر ٿـيـا حـيـران
۵. **سچو** جي صـفـت ۾
اهـو بـاريءَ کـيـو بـيـان

ڪافي ١٢٨٨

ڀلا ڀلا چايا چايا مهٽان چايا چايا
وي پـرديـسـي يـار دا
١. ســاري جڳ دي وي بـديـان چاتم
رانـجهـي نـيـنـهـڙا لايـا
٢. رانـجهـن سـائين وي تخت هـزاري دا
ڀُڄ ڀُڄ جهـنـگـڙا آيـا آيـا
٣. راڄ ســـيـــالـــين دا دل دا ڏاڍا
مئيڪون نينهن نوايا نوايا
۴. ٻـابـل ويـر تـي نـال اسـاڏي
جهڳڙا ڪرڻ اجايا اجايا
۵. ڳل مـاهـي دي هـئـي مـهـين دا
يار **سچو** ٻيلي سايا سايا

ڪافي ١٢٨٩

مين ڳڏي هان عشق آياڻي

هيڏي هوڏي گهمڻ نہ ڏيندا

١. نيڻن سندي نازسان

ڪيئن هتيڪو هاڻي

٢. ڏيل ڏنائون ڏکيءَ جي

اهو آرانيو آڻي

٣. ڏنا دلاسا دل کي موتي

سو يار سياڻي

٤. ماريون وِڏم مامري

سندن سانگ سڻائي

٥. **سچو** سگ اوهانجو آهي

سائين پاڻ سڃاڻي

ڪافي ١٢٩٠

اها حال منهنجي هاءِ هاءِ وو

توريءَ لهن هي ڏينهڙا ڏينهڙا

١. آهي هن احوال تي

ولها تان واءِ واءِ

٢. دوست تنهنجي ديس جي

اُڪند اسانکي آءِ

٣. ڏسيون ڏهاڙي رُوان

جاني تنهنجي جاءِ

٤. ڪاڪ نہ لڳي ڪس مُون

سودل تنهنجي ساءِ

Scanned by CamScanner

٥. سوڏا ستاري ڪري
پير اڳڻ منهنجي پاءِ

٦. درمندن جُون دانهڙيون
والـيءَ لـڳ ورناءِ

٧. سوال سچوءَ جا سپرين!
تون لالن دل سان لاءِ

ڪافي ١١٩١

ويهي جان ڪيم قياس، هاريا وو

١. جوئي چوندڙ سُٽندڙ سوئي. سيڪنهن صورت آپ اهوئي. رهندا شڪ گمان نه ڪوئي
ڪيتس لڪ لباس

٢. جائي صورت مورت سائي، نقش نقاش جو رمز رلائي، لڪ چوراسي هڪا وائي
وائي وائي واسُ

٣. سر انهيندي سُڌِ تنهان نون، اهو هوسي احوال جنهان نون، ڪيهي سو خبر خيال ٻنهان نون
نهين سو تور تپاس

٤. سمجهه سچو تون ڳالهه اهائي، اندر ٻاهر هڪا وائي، وحدت دي وچ ٻوڙ ٻيائي
خودي ڪنون ٿي خلاص

ريختو ڌناسري ١٢٩٢

جتھاں ملاحظہ سرکار ہووے،اتھاں عاشق آویگا
توڑ تمنا دین دنیا کی،سارا جیٔ جلاویگا
١- اول آخر عشق اسی کوں،سولی،پر چڑھاویگا
عقل علم تے شرم حیا کوں،کلی عشق اڈاویگا
٢- جتھاں جاء نہ پیردھرن کی کونتل برہ کڈاویگا
مُہرا جوڑ خانے پر پہلے عاشق سر کٹاویگا

Scanned by CamScanner

۳۔ دم اسی میں اناالحق کرے، آخر بات بتاویگا
دستوں دست حال اسی میں عاشق آپ کہاویگا
۴۔ سُوتُو اقبال انت سُوتُوا، سارا حکم چلاویگا
سلت مذہب دین کفر کوں سچُو برہ لٹاویگا

ڪافي جوڳ ۱۲۹۳

جنهن دل تي آهي جوش
سا دل سُورن سان سنري
١. آءُ هڏ گهوري اُن تؤن ميان!
جنهن تي جوش خروش
٢. ڳالهه ڳرهڻ کهڙي
خلق اڳيون خاموش
٣. اثر اهي عشق جا
اول وڃائي هوش
۴. سالڪ سُک نه سرها
گوندر ڏي ڪن گوش
۵. خلق الانِسانَ عليٰ صورته
پاتشاهي پوش
٦. سچو سُوريءَ وڃڻا جي
مئي ۾ تيا مدهوش

ڪافي بلاولي ۱۲۹۴

سڀ ڪنهن صورت ۾ سپرين، ساري ڳالهه سليائون
١. ڏيو پاري سج ڪي، ڪاتي ڪين ڏنائون
٢. ساڻ روشني صبح جي، پُرجهي سجُ پسيائون

Scanned by CamScanner

۳. وحدت ڪثرت هڪڙي، جيئن مينهن ڦڙيون مورائون
۴. **سچوءَ** سنـدي نـانءُ ۾، اهـڙي طـرح اُتـائـون

ڪافي بلاولي ۱۲۹۵

هُت تـا ڪـير هُيـاس، پـلـو مـيـان!
هِت تـي آيس ڪـير نـہ ڄاڻـان
۱. نانءُ پيوهُت هو منهنجو سائين لا
هِت پـئـي نـانءَ تـيـاس
۲. اڄڻ نـہ هو هِت منهنجو سائين الا
پـر ڪنهن تـا خواهش ڪنياس
۳. هـت هُيس معشوقيءَ ۾، سـائين الا
هِت عـاشـق تـي آيـاس
۴. هيءَ هيءَ هُئي هُت ڪانڪا، سائين الا
هِت مـنـجهـہ پـروڙ پـيـاس
۵. **سچو** سارو سچ تيو، سـائين الا
وچـوڻ آءُ ويـاس

ڪافي ۱۲۹٦

ڪـنـهـنـڪـي حـال چوان هـي
اديـون ڙي واويـلا وو
۱. ڏيـرن ڏيـئـي ڇڏيـا
مـوتـي سـور نـوان هـي
۲. مـهـڻـا مـحـبـوبـن جا
ڏنـا پـاڻ اوهـان هـي
۳. **سچو** سـرواڻـن ڪـي
وجي پـيـريـن پـوان هـي

Scanned by CamScanner

ڪافي ١٢٩٧

هادي ني سبق پڙهايا، ٻلو سنيان! اهو هادي ني سبق پڙهايا
١. غير جو ڇاتو ئي حق اُهوئي، سائين اينوين سمجهايا ٻلو
٢. ٻيت اهوئي هُو دا هيئي، سمجهه اهو ڪر سعيا
٣. سچ سچو وچ، سچو سچ وچ، ميان! ٻيا سو پنڌ اجايا

ڪافي ڏناسري ١٢٩٨

ڪر نينهن سندو ئي ندان
جلدي آءُ چڙهه سُولي تي
١. مرد ٿيوين مردود نہ ٿيوين
ٿيوڻ اتان سلطان
٢. مست اُتي معراج اهوئي
متان ڪرين ارمان
٣. سورهيہ ٿيوين آءُ سچو تا
گوءِ اهو ميدان

ڪافي ٻيروي ١٢٩٩

تو ڪيئن وڃايو پاڻ، ڳولي لهج پاڻ
١. پاڻ وڃايو نہ لهين، ٻچي شڪ گمان
٢. اکر گڏيئي گهر ۾ ميان، سوئي گهر سڃاڻ
٣. مکڻ آکر هيڪڙو ميان، سوئي ڪير سنباڻ
٤. آهين ناهين آهہِ سيوئي، آهہِ نڪو اُهڃاڻ
٥. ڇاڇي ٿيندو ڇاڇي ليندو، صورت وچ سڃاڻ
٦. سچو تي سچ آئيو، ماڳ انهيءَ مهمان

Scanned by CamScanner

ڪافي پيروي ١٣٠٠

جا چوڻ جيهي ناءِ
سائي ڪيئن چوان
١. ڳجهي آهي ڳالهڙي
ڪنهن کل نہ آهي ڪاءِ
٢. اوڏي ناه پروڙ ڪي
ويجهي نہ ويساه
٣. هئڙي سڌ جلاج ڪي
تنهن سِسي ڪوڏ ڪپاءِ
٤. پوڻ آهي اونهن ۾
جتي هوءِ هواءِ
٥. **سچو** سِرَ نہ سلڻ جو
سو تا سڀ منجهاءِ

ڪافي ڏناسري ١٣٠١

اکيان ڪول تہ ظاهر ڏيکين، اتان اُهو اسرار
١. جنهندي ڪارڻ جهنگ ووڙيندئين، سوتئين وچ تڪرار
٢. آدم جوڙ تماشا لايُس، آپ ڪِيتُس اظهار
٣. بازيگر بازي پتريس، ڪوئي چاٽي خبردار
٤. پُتلي دي تند هٿ تنهندي، آپ نچائڻ هار
٥. آپ اليندا سُڻيندا آپي، صورت دا سينگار
٦. وچ **سچو** دي سوئي بولي، نانهہ اتان انڪار

ڪافي پهاڙي ١٣٠٢

پُتلي دي وچ ڳالهيان يار ڪريندائي
ڪيهان ڪيهان سي تعجب جيهان

١. تند تهيندي دست سڄڻ دي، سو ڪرائيندا هس چاليان
٢. آپ هلايس وي آپ چلايُس، رنگ ديکين رنگ واليان
٣. ڪنهان پُتليان نون خرقہ ڏيندا، ڪنهان نون سو شاليان
٤. ڪئين ٻوليان آپ ٻوليندا، هڪ هويان هرتاليان
٥. ٻن بازيگر وي ناچ نچينديان، ڪڏهان نہ هونديان خاليان
٦. پتلي اُتي نام **سچو** ڌر، باتيان ڪري ٻرجهاليان

ڪافي جوڳ ١٣٠٣

نيڻان دي عجب نگاهہ

جو ول ول هونديان هادي دي نال

١. هادي سانون سر اهيندي
آهہ ڏيکالي راهہ
٢. هتان ڦيريان ڏي ڪر رهيان
آپ لهان هر گاه
٣. ڪتي تائين نظر آيا
ٻِن الله دي آگاهہ
٤. اکيان وچ سيو ڪجهہ آها
متان ٿيوين گمراهہ
٥. **سچو** تئينون رمز ڏيکالي
هادي ٿيا همراه

ڪافي ١٣٠٤

نيڻاندي مين ماري، وو هوءِ هوءِ

١. عاشق ٻانهان ٻڌ ڪرا هُڻ، ڪڙ ڪريندا زاري وو
٢. مين اياٽي نينهن ڪي چاٽا، ٻره چاڙهيوني ٻاري
٣. مين نماٽي ڪون مزگان والا، ڪيبر ماريئي ڪاري
٤. **سچو** آک سياندي اڳون، حال حقيقت ساري

Scanned by CamScanner

كافي كؤنسيو ١٣٠٥

هَي هَي هـــن جي حـــال
سڳر ٽيس نہ ساميڙن جي
١. كم منهنجو آهي كاپڙين ۾
نـاتہ جوڳـي آهـن جـال
٢. ويم ويـسـاهـي وو نـكـري
رات لانـــگــوٺــيـــا لال
٣. ڳوليان ڦوليان واٽڙين تي
جي كُهي ويڙم كالهہ
٤. كات اُتي كنڌ آٽي كپائن
لاهـــي جيءُ جنـــجال
٥. منجهہ گداوَ وريَ مانَ، گڏجن
جنـــجا خـــواب خيـــال
٦. راتــو ڏيـنـهـان آڏوتـين جي
سچو ســاه ســنــيـــال

كافي ڌناسري ١٣٠٦

هـــاريـــون هـــهـــڙي حـــال
ڏيان ڏوراپو كيهو پرين كي
١. مـين نمـاڻـي يـاد يـاران نـون
آپــي نـــيـــنـــدا نـــال
٢. راتـو ڏيـنـهـان آهـي اسـاڏي
جـــوشـــان دي وچ جـــال
٣. نـــال تـــســـاڏي دلـــبـــر آهـــا
سچو آپ ســـنـــيـــال

Scanned by CamScanner

ڪافي پيروي ١٣٠٧

الحق الحق هوالحق هو
المالك ملك بلاشك هو

١۔ اب ظاہر کیسا یار ہوا، اس دم میں دلدار ہوا
یوں ایسنا ہی اسرار ہوا، یوں سری سر انسان ہوا

٢۔ اس جا سے اس جا آیا ہے، اس لالی رنگ بنایا ہے
اوئی سب میں شاہ سمایا ہے، ہر شاہ گدا حیران ہوا

٣۔ اس حیرت میں حیرانی ہے، یہی مشکل نا آسانی ہے
میری جان جتاسب جانی ہے، اس صورت میں سئلان ہوا

٤۔ جس اس مئے ذی ہے مخموری، تس درجہ پایا منصوری
چل چوٹ چلاوے سرسوری، یہی مرداں کا میدان ہوا

٥۔یہی یار بیٹھا گلزاری میں، وہو سئل کرے سنساری میں
اوئی باز چلے بازاری میں، اوئی لاشک لامکان ہوا

٦۔ کسی مذہب کی یہی راہ نہیں، وہ کسی کوں آگاہ نہیں
بن کام فنا فی اللہ نہیں، یوں مرشد کا فرمان ہوا

٧۔ ہو مرد آویں صف مرداں میں، سرسارا پائو کر میداں میں
آئو گوئے ماریں اس چوگاں میں، اوئی دین اوئی ایمان ہوا

٨۔ تم اناالحق کا نعزا کر، وہو ناز کا نغارا کر
تب اپنا نور نظارا کر، اب سولی کا سامان ہوا

٩۔ او کتلے ڏینهه گدائی میں، دت ہوویں یار جدائی میں
ہن آویں خاص خدائی میں، اوئی سارا جگ سلطان ہوا

١٠۔ کب شمع جو کب پروانہ ہوا، کب داماں ہو، کب دانہ ہوا
کب دانا کب دیوانہ ہوا، ایہے برہے کا جو بیان ہوا

١١۔ اس راہ میں شافعی یار نہیں، وہو حنفی کوں اعتبار نہیں
وھُو حنبل خبردار نہیں، اتھ مالک بھی مستان ہوا

Scanned by CamScanner

۱۲- اس بازی میں سربازی ہے، سر ڈیون سر افرازی ہے
اہو عشق میں عرض نیازی ہے، جندجان کلی قربان ہوا
۱۳-ہے مرشد خواجو عبدالحق، نہیں عبد ہوا ہے حق الحق
ہے دونوں جگ سوں لاتعلق، میرا پیر بحر عرفان ہوا
۱۴-ہے نام سچو کا ذاتی میں، وہو سارا جسم صفاتی ہیں،
ہوہ چھین نادن راتی ہیں، وہوہ اس کا طوفان ہوا

ڪافي ۱۳۰۸

آءُ تا روز روان ساريون، سوڏا تنهنجيون وو ڳالهڙيون ڪيتريون ڪيتريون

۱. ٻــڌي وچ ولــهــا زور مــنــهــنــجــيــون زاريــون
۲. سڪ سنديوَ ڪيون ڪيتريون، جيءَ اندر جاريون
۳. راڻــا رُسڻ تــانــهــنــجي، ڪُوڪــان هــت ڪــاريــون
۴. ويــنــي ڳرهــيــان ڳالــهــڙيــون، هــنــجــون هِت هــاريــون
۵. جيــڪــي جايــون جيءَ ۾، ورهــ تــنــهــنــجي واريــون
۶. **سچو** ســهــنــدا ســپــريــن، عــاجز جيــون آريــون

ڪافي پهاڙي ۱۳۰۹

سڀ ڪنهن پار پرين جو پرتو، خوابون عين ڳلايو

۱. وحدت مؤن وه ڪثرت ڪيائين، رنگي رنگ رسايو
۲. تون مان جي پردي مؤن ٻاهر، سرتيون! چونـ سڏايو
۳. طرحون طرح پوشاڪان پهري، لعلن پاڻ لڪايو
۴. هي سڀ حُسن هادي جو آهي، ٻينرا ڪيم ٻُلايو
۵. پاڻ ڳجهو ڪيائين پڌرائي ۾، هِيءُ تنهن هُنر هلايو
۶. **سچيڏنـ** جي صورت ۾، تنهن اهڙي رمز رلايو

Scanned by CamScanner

ڪافي پهاڙي ١٣١٠

صدقي صدقي سرميان!
آهي ڪوهيارل تؤن صدقي
١. ڪاف ڪشالا وو ڪيچ جا ميان الله
ظاهر مُجن تا زرميان
٢. جبل گهايا وو جوش مؤن ميان الله
گهائي ڪيڙم گهر ميان
٣. محبت جي ميدان ۾ ميان الله
گهيڙُ ڏسي وجي گهر ميان
۴. وهڻ مونکي وِهُ تيو ميان الله
ترسان هڏ نہ تِرُ ميان
۵. جيڏيون! جانب جَت لاءِ ميان الله
پئي پئي وتي هي بر ميان
٦. حبيباڻي هنج ۾ ميان الله
ڪيهہ ڪري وجي ڪِرُ ميان
٧. **سچو** سچيءَ سڪ مؤن ميان الله
فاقو ڏسي نا ڦِرُ ميان

ڪافي ڪؤنسيو ١٣١١

تيڏا ديسڙا وسي سائين!
سڳها اسان ڏهون آوين
١. مَتِ وو مصلحت يار تُساڪُون
ڏاها ڪؤن پيا ڏسي
٢. عاشق تيڏي لڪين ڪروڙين
ناهيون هڪڙا اَسي

Scanned by CamScanner

٣. وِره تيــذيَ دا ســر اســاذي
اٿ مــيــنــهــڙا وســي
٤. نينهن دي نياپي پارؤن تساذي
شـــال راه وچ رســي
٥. ڪنهين ويلي يار **سچو** ڍهون
مــان هــيــنــئــڙا هــسي

ڪافي ڌناسري ١٣١٢

مــون وٽ هــو مــهــمــان
پلو جيڏيون! اجان ڪالهہ قافلو
١. اٿـم اوٺـارن جو ميان
آيـــل ڙي ارمـــان
٢. ڏٺي ڏکــيءِ کي ويــا
سُـــورن جـــو ســامــان
٣. جتن سندي جات لئي
هَــي هَــي هِــيءَ حــيــران
٤. ڪندي وجي ڪيچ ۾
هــي بــره جو بــه بــيــان

ڪافي آسا ١٣١٣

عاشق ڪيئي اُداسي، وه واه ڳالهہ خاصي
١. لون لُون منجهہ روز ازل کؤن، آهي وره اوهانجي واسي
٢. عشق نار احترق سڻي اشارت، هي دل تا ڪين هراسي
٣. هيـذي هوذي ڪين وياسي، بات اها اسان باسي
٤. بـره اوهـانجي ڪيو بـيراڳي، **سچو** رنگ سناسي

Scanned by CamScanner

ڪافي ڀيروي ١٣١٤

شـــوريـــدن ڪــؤن حـــال
پـــڇج وڃي پـــوءِ هـــوءِ ۾

١. مـجلس وڃج اُن جـي
تـــا ڏســين خاص خيـــال

٢. مُئي ڪون پُڇج مَئي کي
تا ڪندئي ڪوٺ ڪلال

٣. آگـــهــ لـــهــج اُنـجي
تـاتـو وڻ تـڻ آهـي وصال

٤. ورق وسارج وچ جا تا
فـــارغ ٿـــين فـــي الحـــال

٥. عـــقـــل اڇلـــج آب ۾
تـــا بره ڪـرئـي بي حـال

٦. جي تون وسهين ويسلا
هـــي **سچو** ســـچ ســـوال

ڪافي ١٣١٥

آڪـــڻ مـــشـــڪـــل هـــيـئـــي
ڳالـهيان يـار ديـان ميـان

١. صـم بـڪـم سالڪ آهـا
قُرب والـــي ڪـــيـــئـــي

٢. بار بره دا ڪنهين نہ چايا
فـــال آدم ســـر پـــيـــئـــي

٣. ظاهـر ڪـرڻ واجب نـاهين
سچو رمـــزان ســـيـــئـــي

Scanned by CamScanner

ڪافي پيروي ١٣١٦

نينهن نباهي نينديون
اديون اولاڪن ڪؤن
١. جنين سانگو ساه جو
ڏاگهه اهي سِرُ ڏينديون
٢. ٻُڌن جي هي ٻوليون
آر اُهي هن اينديون
٣. ڪاهي قتل جي جاءِ تي
وره واريون ڪي وينديون
۴. **سچو** سڪ واريون سي پڌريون
ڪوڙين قرباني ٿينديون

ڪافي ١٣١٧

نيٺان والي نوڪ، اسان نون يار رلايئي يار وو
١. ويک جو مين حيران رهي، اهين اکين دا اسرار وو
٢. محض اُنهان منصور مرايا، خونيان دي ٻه خمار وو
٣. ڏتڙي سِرُ جو عالم دي وچ، عاشق ٿي اظهار وو
۴. ڪيئي داناءَ ديوانا ڪيتا، چشمان دي چمڪار وو
٥. رُخ تي زلفان لٽڪ رهيان، سي خوني ڪر خمدار وو
٦. ڪالي وال ڪاريهر وانگي، چاري ٿي چؤڏار وو
٧. منهن ڏيکڻ مهتاب سجڻ دا، ڪِتُم حج هزار وو
٨. **سچو** صدقي ٿيڙا، سُهٽي تؤن سؤوار وو

ڪافي ١٣١٨

مين ماري
محبت تنهنجي ميان

Scanned by CamScanner

١. ورتم دڳ درد جـــــو
تـنـهـن سـيـڪـاوات وسـاري
٢. گـــلا ۽ غيــبـــت جي
ســـرتـــي چاتم ڪـــاري
٣. چنـــڊ اُيـــري آئـــيـــو
ويـــئـــي ســـپ انـــڌاري
٤. مـــڙنـــي مـــتـــيـــاڻـــين ۾
نـــيـــنـــهـــن ڪـــئـــي نـــرواري
٥. تــوڪــل ڪــري تــڪــيــو
بـــرهُ ڪـــنـــيـــو ســـي بـــاري
٦. ســـهـــجـــون **سچو** ڪـــي مـــلـــي
ســـائـــين ڪـــؤن ســـرداري

ڪافي ١٣١٩

مـــين تـــا تـــيـــڏڙي آهـــي
وي پُـــنـــهـــڻ ســـائـــين
١. ساري شـهر ڀنبور دي، ميان!
نـــال مـــيـــڏي تـــا نـــاهـــي
٢. ڀـنـيءَ تـنـهـندي پـريـت مؤن
روئـــي ٿـــيـــســـان راهـــي
٣. هَي هَي هنجي حال جي، ميان!
اتـــي تُـسـان نـــون آگـــاهـــي
٤. ڏونگر ڏيندئين ڏکن جي ميان
هِن گـــولـــيءِ جي گـــواهـــي
٥. طـــاقـــت تـــيـڱڻ دي نـــهـــين
هـــادي ڪـــيـــتـــي هـمـــراهـــي

Scanned by CamScanner

٦. **سچو** خيال تي قائم رهڻا
ملسئي شاهنشاهي

ڪافي ١٣٢٠

ناهي ويچاري ء جو وس ني
توکي معلوم مڙيوئي ميان

١. آهي هِن ڪميٽي کي ميان
ڏونگر سندو ڏس ني

٢. چڙي ڏونگر ڏاکڙو ميان
ويڙهي اسانجي وس ني

٣. حال هن جو هيٺو ميان
پنهون اچي پَسُ ني

۴. ٻاروچاڻي جات ۾ ميان
تون سانول آهين سرس ني

۵. **سچو** سندي حال تي
پوئي شال ترس ني

ڪافي ١٣٢١

مين تارمزان والي دي آهي وو

١. مين رانجهن دي رانجهن ميڏا، نال ڪيڙاندي ناهي وو
٢. رانجهي نون ڪوئي آک سڻائي، اڄ ڪيڙاندي ڄڄ آئي وو
٣. ڪيڙياندي ساري نگري نون، شال آوي ٻاهي وو
۴. نال ماهي دي آپي ويسان، چوڙ ٻباٽي شاهي وو
۵. حال اساڏي هڻ پيڙي، رانجهي نون آگاهي وو
٦. **سچو** رانجهو تيڏا هويا، نال ورهه دي واهي وو

ڪافي ١٣٢٢

هي وي سنيان ويل آهائي، پڇي هٿ مليسين، جو گذري رات سيائي

١. دوست ظاهر دي وچ آيا، آپ ڪنون چا آپ لڪايا
رنگان وچ ڪوئي رنگ ڇپايا، وه جا بازي يار بنائي

٢. وه جو ڪيا پير بنايس، تعجب جيها جو رنگ لايس
شاه هويا هُڻ چاڪ سڏايس، پير حقيقت هي سمجهائي

٣. جاڏي ويکان تاڏي ماهي، ذات صفات جا هڪا آهي
گم ٿئي هت شاهنشاهي، اندر ٻاهر اها وائي

٤. **سچو** نالا تي ڪي آيا، وچ درازين رکيس رايا
ڪوزي دي وچ سمند سمايا، گيت اناالحق ڳائي

ڪافي مومل ١٣٢٣

ٻاجهه پوئي يار، ڪا مهر پويئي مينڊرا

١. آءٌ تا ٻُلي آهيان، جو ڪيو مون ماڻو
آيل آهي ڪينڪي، اُهو رُسڻ جو راڻو
ويٺي ڪنڌيءَ ڪاڪ جي، آءٌ ڪانڌ اُڏايان ڪانگ
موٽي اچج سپرين اي سوڊا ڪنهين سانگ

ڪافي ١٣٢٤

سُهڻي واليان ڳالهين

ڪنهنون آک سٽايان مين وو

١. مين آياٽي نينهن ڪي ڇاٽان

آءٌ هادي مڙ پالين

٢. ريس ڪريندياں مين ٿون، سائين!

سب سيالين

Scanned by CamScanner

ڪافي ١٣٢٥

ڀهري پوش جو تُر ڪي آيو. الله آدم نامُ سڏايو

١. زيور سُرخ طلائي سوئي، الله آدم آهِ اهوئي
شڪ گمان نہ رهندا ڪوئي، واه رنگيءِ جو رنگ لايو
٣. آب شڪر گڏ شربت پايو، جسم اندر اينوين اسم سمايو
تنهن جو اصلي هي هو رايو، چاهہ مان تنهن هو چاڪ سڏايو
٥. ڪئي بانگ صلواة چوائي، ڪئي در در ليئو پائي، ڪٿي **سچو** نانءُ سڏايو

ڪافي ١٣٢٦

آپي شاهہ آپي گدائُ، آپي امير الامراءُ

١. آپي ڏيءُ، آپي پيءُ، آپي پوٽ، آپي ماءُ
٢. آپي، جوءِ، آپي مڙس، آپي پيڻ، آپي پاءُ
٣. آپي موج، آپي لهر، آپي دم دم درياءُ
۴. آپي احد، آپي احمد، اهو **سچو** سچ الاءُ

ڪافي ١٣٢٧

سانول سوين ڳڻ تنهنجا ٿي ساريان

١. هُرن منهنجي هينئڙي اندر، سي تا ڪيئن وساريان
واتان اچڻ جون وو تانهنجيون، ويٺي سي نِتُ نهاريان
اوهان ٻاجهون سپرين! گوندر ڏينهن گذاريان
٢. جُهري جهوريءِ ۾ پيو، هينئڙو ني هيڪارين
آسروندي آهيان، قول ڪياسي پارين
سچو سگ در تنهنجي جو، پنهنجي ڪڍ قطارين

ڪافي ١٣٢٨

مستانا ڪيون ماريوئي، وو ديوانا ڪيون ماريوئي

شاه منصور نون دار چڙهايوئي، شمس الحق دي کل ڪلايوئي
ميان چگا ڪيتوئي

عاشق نون عشرت سرڙيوڻ دي ميان. محبوبان نون ڪار ڪهڻ دي ميان
ڀلا ير ڪيتوئي

Scanned by CamScanner

ڪافي ١٣٢٩

سچ تئينون ڪؤن آکي دلبر
ڏاڍا تون، هيٺي مئن
١. دانهن جي تيڏڙي ڏيوان بي تئينون
مُحب ماريو ماکي
٢. هينئڙا ڪس کي هُڻ هُريندئين
چڪن تئين تون چاکي
٣. الا الله اثبات ڪرين تون
آکيوءِ ڪڌ تون "لا" کي

ڪافي ١٣٣٠

تيڏي بره بيراڳي ڪيتيان، ڏيهه ڏوريندي وتان
١. عشق تيڏي آرام وڃايا، ڪيڪر آتڻ ڪتان
٢. راتو ڏينهان فڪر تُساڏا، چرخي تندنہ گهتان
٣. تيڏي درد فراق وچي، روندياں هردم وتان
٤. نيٺان اُتي سدا **سچو** دي، لعلن ڏيوين لتان

ڪافي ١٣٣١

ڪير آهيان الاجي آءٌ. نہ ڄاڻا سڃاڻا آءٌ
١. بعضي ڄاڻان پاڪي، آءٌ آهيان گهنگار
جان سمجهي ڏسان سرتيون! آءٌ سيوئي سردار
٢. اهو اتو سرتيون! دهشت جو درياءُ
ڪيئي موتيا پوئتي يار هزارين هِتاءُ

ڪافي ١٣٣٢

جهنگ سدا خوش هو سُون سهٽيان دي نال
نانءُ سائين دي سُهڻا سائين! ورق وڇوڙيدا وال
١. حيرت ديوچ پؤ ڳيوسي ويک ڇاڪاندي چال

Scanned by CamScanner

۲. اوڙي پاڙي چري آکن، پوئگئين کهڙي خيال
۳. عمر سيائي يار **سچو** ري، بره کيتُس برحال

ڪافي ۱۳۳۳

مارو سي تہ مليام عمر چام!
وو طلب جنين جي آهہِ تن کي

۱. ڪرم ڪيائون وو کهڙو
ڏوتي هِت ڏنام

۲. هت تا حاصل ٿيا هنکي
مارئڙا ايي مدامُ

۳. طالع وارا تن جي
گولن جاب غلام

۴. هت جنيکي هُت پي تنکي
اچي پيو آرامُ

۵. ڪاڏنهن **سچو** سالڪان
ٿئي طلب تمامُ

ڪافي ۱۳۳۴

مولا مولا ري ويکو سڀ مولا

۱. خلق الاشياءُ وَهُوَ عينها، ٿيو ڳالهہ انهيندا ڳولا
۲. خلق الانسان علي صُورته، پيچ مڙيوئي پولا
۳. من عرف نفسه فقد عرف ربه، رمز انهيندا رولا
۴. **سچو** سري سره هيئين، چڪ ڪرين ڪيون چولا

ڪافي ۱۳۳۵

جن ڏوراپو پرين جو ڪيئن جرون سي جينديون

۱. جانب گڏيو جنکي، ٿاڪ وجي سي ٿينديون
۲. نيست نماڻيون جي ٿيون، پُر پيالو سي پينديون
۳. سي دم **سچو** سچ جوکري، چانگاران چينديون

Scanned by CamScanner

ڪافي ١٣٣٦

مين ماهيدي لڳ ماري، مين عشق سڄڻ دي چاڙهي، ماري آءِ ڦر جياري

١. چوندیس پیش پرین جي حال حقیقت ساري

٢. جا نالو وٺندي نينهن جو، تهنکي ايندي شهر نڪاري

٣. دم نہ رهندي دوست ريءُ شوق سندءِ شُشڪاري

۴.مستن ڪي محبت جي، آهي ڳچيءَ ۾ ڳاري

۵. جي اول ماريو پوءِ جيارن، تنين گڏ قطاري

٦. چڱي تيڙس چت ۾، دوست ڏني دلداري

٨: **سچيڏني** ڪي عشق جي، صاحب ڏني سرداري

ڪافي ١٣٣٧

مونکي ياد، مٺيون تهنجيون ڳالهيون ڳالهيون

١. هي نماڻي، ڏوهن هاڻي، دوست پهچائين داد

٢. پرين پنهنجي پار جو، عشق ڪرين امداد

٣. **سچو** آهي اوهانجو، تنهنجي دوست ڪريو دلشاد

ڪافي ١٣٣٨

اسان هين يار، اسان هين يار

اها ڳالهہ سپيريان دي

١. عالم اڳون ڳالهہ باطن دي

نهين ڪرڻ اظهار

٢. ڪؤن تون پڇيندا هين ڪنهن نون

آ ول ٿيوين هشيار

٣. **سچو** وچ سچي دي آها

اِن حق دا اقرار

Scanned by CamScanner

رسالو

ميان سچل فقير جو

(پاڱو ٻيو)

متفرق ڪلام

Scanned by CamScanner

سِي حَرفِي پَنجَابِي ٻوليءَ ۾ هُو

الف: اَحد تي اَحمد ديوچ نهين تفاوت كوئي
محمد حيدر هكو آها هِكا صورت سوئي
اندر ٻاهر سير تهيندا سمجهين سِرُ سيوئي

ب: ٻاس اِهائي ٻات مئيڏي يار تون تا غير نہ آهين
خام خيال جو ٻانهپ والا "لا" وِچ لاشك لاهين
مَن عَرف نَفسه فَقَد عَرفَ ربهُ كيڏي تُون وَت كاهين

ت: تحقيق حَقُ اُهوئي غير تُوئي جو ڄاتا
"عَرفت ربِي بِرَبي" تَهنكُون نا كنهن آپُ سُڃاتا
كَل اُنهان نُون كَلَ اِهيندي پير ايڏنهن جنهن پاتا

ث: ثابت رَهہُ يك وِچ يقيني غير گمان نہ آڻين
اندر تُوهين ٻاهر تُوهين جي تُون آپ سڃاڻين
خَلق الانسان عَلي صُورته ڇَول اهوئي ڄاڻين

ج: جَهانُ جو جِسم اُهيندا كِيونكر نانءُ ركيوني
"اَلست بِربكُم قَالُو بلي" آپون آپُ آكيوني
"خَلق الاَشياء وَهُوَ عَينُهَا" سارا سر سِكيوني

ح: حالُ سارا سِر جُهليا ميڏي هادي مَهدي والا
مَئي دي مَتْ مُحبت وچون پُر كرڏتس پيالا
"وَسَقاهم ربهم شرابا طهوُرا" تيا سُركي نال سنيالا

خ: خُمر خُمار اُهيندا ڏاڍا سولِي چڙهڻ سُرورِي
ازلا ابد عجائب جيهي مَئي اِهين مخموُري

"اَنا احمد بِلا ميمي" مارِين دَمُ منصوري

د: دلير كرين دل اتان سُست يقين نہ ٿيوين
ٿوڙين شڪ گمان سڀوئي تاوت پيالا پيوين
" مُوتوا قَبلَ اَنتَ مُوتُوا" وچ جيوڻ مَرجيوين

ذ: ذات صفات هڪائي آهي ٻول نہ گهتن ٻولي
سوئي اندر سوئي ٻاهر سوئي تئيڏي چولي
"وَفي اَنفُسكُم اَفَلاَتُبصِرُونَ" وسَدا وِچ وچولي

ر: رواج سڀوئي ڇوڙين آءُ ٿيوين مردانا
آپ بيگانا مُول نہ ڄاڻين هووين ياريگانا
"ونَفختُ فِيہ مِن روحِي" بلڪل ڇوڙ ٻهانا

ز: زبانُ نہ هرگز كريئي عُمرسراپا ساري
ركين فكر تا آتڻ ٻهڻ داڄاڻ سڄڻدي ياري
"مَن عَرف ربہ مِن حَركَاتِ الاعضَا" هوش رکين هوشياري

س: سِراپا سوئي وسدا جو تون يار كريندا
جيها اِتان تيها آتان ڇوڙ گمان گهريندا
"لَوكشف الغِطَاءَ مَازدت يَقينا" وت كيها ڏيان ڏريندا

ش: شرم نہ ٿيوي تئكُون جو آپ كِيتُءِ گم سارا
الله الله ٻيتا آكين ساعت كرين نہ سنيارا
"مَن قال الله لاَيَعرف الله" كِتوئي ٻحث ٻيچارا

ص: صَريح آكايان تئكون كرڻي صحيح گويائي
وبي ينطق وبي يُبصر ٻوڙين ٻول ٻيائي
"كُلُ شيءِ نَاطِقِ بِالحَق" ركين سُرت سيائي

ض: ضرور اهوئي هيئي آپ سڃاڻين سارا
كڏهان ناز نياز كڏاهين اي سڀ تئيڏا وارا

Scanned by CamScanner

"كُل يَوم هُو في شان" نِتُ نِتُ مار نغارا

ط: طبل وڄاءِ وحدت والا غازي ڇوڙ گدائي

هيڏي هوڏي تون هين هوين وَت كيهي جاءِ جدائي

"الانسان سِري وَانا سِره" هيني خاص خدائي

ظ: ظاهر ٿي نغارا مارين كٿ توڙي تون ڇپين

تابن تيغ وحدت والي وال وجود نه كپين

"مَا لِلتُراب رَبُ الا ارباب" كتلي توڙي كَپين

ع: عطر عنبير جو لاءِ كڙيس اڄ يار ميڏي گهر آيا

اَتڻ ٻهڻ سڀ نال اَهيندي كنهن تا رمزريجهايا

وَنحن اقرب اِليه من حَبل الوَرِيد رڳ رڳ وچ سمايا

غ: غمزا رمزا يار مئيڏيدا ڏيک جو وتدا تائي

جثان كٿان حاضرناظر آپ كڙا رنگ لائي

"وَهُوَ مَعكُم اَينما كُنتُم" جائز كِتس جائي

ف: فرق كُفراسلام نه كوئي ڄاڻ اِهو ئي ڄاڻين

كافر مؤمن هكو آها غير نه اٿان آڻين

"كُل شيءِ هُو الله" سڀ صورت ايک سڃاڻين

ق: قُرب تيوئي مئين آک سُڻاوان سِرُ ساكُون سارا

آپكون هرگز غير نه ڄاڻين غير نه پاوين يارا

"لِي مَع الله وقتُ لايسعني فِيهِ" نورنبي دا نيارا

ک: كيفيت تئيكون حقدي ساري سُڻ ته سٽائي

ويل ديدارڊي اِها هيئي پڇي هٿ مليسي جائي

"مَن كَان هلذه اَعمي فَهُوَفي الاخِرته اعمي" پُرجهه ايوين پرجهائي

ل: لباس صحي كر سارا جو ٻوليان كِتليان ٻولي

"هُو الظاهر هُو الباطن" ويکين اکيان کولي
"لَيسَ في الدارين الاهُو" پَنِ گهتين سڀ پولي
م: مست رهيس مئيخاني وچون منگ ڳڏي مئين مستي
مستي نال نہ آپ سڃاڻي تهندا کم کم بختي
"لَيسَ في جُبتي ماسو الله" هيچ ٿئي سڀ هستي
ن: نغارا احمد والا مردانا ٿي مارين
سِردا سانگا چوڙ کراهڻ اي اوسڀ اڌارين
"اَنتَ مَعي وانا مَعَکَ" سارا عزم سنيارين
و: وَست اهِين وو يگاني دا تون قيمت قدر سڃاڻين
البت دُريتيم جوهئين کنگڻ کَچ نہ چاڻين
"خلق الانسان عَليٰ صورته" دِلدي گوش گذارين
هہ: هَواءِ وچي مئين پيان کيتي مُحب ملڻ دي
غالب شوق رهيا دل اُتي ناهين کم اَلڻ دي
"طال شوق الابرار اليٰ لقائه" عاشق نهين جهلڻ دي
ء: اندر پاهر اُهو توڙي کردا لک قبائين
هر کنهن شيءِ وچ سيل تهيندا پول نہ ذرا پاوين
"مارائيت شيءِ الا ورايت الله فيه" ڏيکين جٿ کتائين
لا: لنگهہ پئين وچ شهدي احمد محمد صحي کريجي
"من رآني فقدراي الحق" دل تي دُرس ڏريجي
"مَن رآني فَقَد کفَر" سارا سِرُ سٽيجي
ي: يقين اِهو ئي آها تنا شک سيوئي
جو کُجهہ آهَيس سو وَلِ تيسان تنهندا غم نہ کوئي
"کُل شيِ يَرجعَ اِليٰ اَصله" رهسان عين اُهوئي

Scanned by CamScanner

ابيات متفرقه

۱. ڪوئي اور نہ سُجهدا مينون آپي آها ظاهر
"الله نُور السمٰوت وَالارضَ" اوئي مُنظر ناظر
"وَلقد ڪَرمنا بني آدم وحمَلنا هُم في البَرِوَالبحر" سچو هردم حاضر
۲. هادي مهدي مُرشد مئيڏا قادري هي ڪامِل
عارف عبدالحق بَهر دَم نال مُريدان شامل
۳. مهدي شاه مُربي مئيڏا رهبرراه ڏَسيندا
حق مُحقق مستي مئي دي بلاشڪ بخشيندا
۴. ڏاڏا محمد حافظ جنهندا وچ درازين ديرا
دست تنهيندي اصلون آها مقصد سارا ميرا
۵. شاه عُبيدالله اساڏا خواجہ پيران پيران
آل نبي اولاد علي ع هَئي حضرت ميران ميران
۶. ڏاڏا أسدا غوث الآعظم مُرشد ڪُل اوليااوان
قدم مبارڪ هويا تحقق گردن سب سرتاجان

نمبر ۲ سي حرفي

الف: آب اواگهہ ڪُون واءُ لڳي أنهين واءُ ڏاڍي ڪائي مؤج ماريس
تنهين مؤج دي اِنتها ڪوئي نهين چولِي چوهہ ڪنون آسمان چاڙهيس
ب: بحربره دي ووبار چاڙهئي ڪاري ڪَن ڪِيتي ڪڙڪار ڏاڍي
ڏوڏات وچي گهوگهات لڳي سَرسي سِير دي تئي سَنڪار ڏاڍي
ت: تَن تي مَنَ وساڙِڌَس لهرين نال أهي ڏُنهين لڙهہ ڳئي
ٿ: ڌڪارڪِتا درياءِ ڏاڍا پارو پار تنهندي پرواز پَئي
ث: ثابت پچي اثبات ڪنون باقي چاڻ رهي وو غلام ڪتي
ڪتي نيڪ ڪتي بدنام رهي ڪتي ڪُفر رهي اسلام ڪتي

Scanned by CamScanner

ج: جوش آندا بحروحدت والي ٿيان مؤجان گهريان گونا گون کيهان
اُهي موجان چاڙهين سڀ مُورتيان وچ وَه جلوه گريان ووعجائب جيهان
ح: حال هادي حق الحق سانون بخشاراهـ ڏيکاريُس بار بارا
تصوير وچي اَجساميان دي آيا بحر عميق سَمُوند سارا
خ: خيال خبر اِها پڇي ڏتي تحقيق ماريُئي اعتبار سکي
تئي کثرت مؤجان وچون ڏيکو يارو درياء وحدت دا وو هِکي
د: دل مئيڏي کوئي دؤر کاڏا عالم مؤج ساري نظر نہ آئندي جي
مئيڏا خيال خُمار وڏاء ڳيا سِيني وچ سَمونڊ سمائندي جي
ذ: ذات سڄاڻ صفات کنون پڇي ذات صِفات هکائي هيئي
اِها آک صفات تاکتون آئي هکا هک چاڙهين وه سيائي هيئي
ر: رُخ پيارنگ رنگ اُتي تيئي موج کڙي چولئين چول پئي
خس خار اڏار اُڏار ڏِتُس سارابحر وچون بدنيک ڳئي
ز: زور تي بحر زُخار آندا تنهندي وچون تَئي کو بخار کڙا
اُهين شور مچائي آسمان توڙي وسَکار دي تئي وو غبار کڙا
س: سِير اهندا جنهن سئير کِيتا تنهندي جِندُ ساري ناپيد تئي
کتي نام نشان نسب تنهندا مَن ماءِ وچولي دي قوک ڳئي
ش: شور مچائي وو مؤج ڏاڍا پئي زور جهلڻ دي وو جاءِ نهين
برابر زمين آسمان کِتُس ڏَني کَني تنهندي وو کاءِ نهين
ص: صورت گم هوئي وو ساري لهرين لک پياپي وو چڙهـ پيان
کائي خبر اُتان پوندي وو نهين نُوروُن نُور ديان نديان آءُ نيان
ض: ضرب بحر دي وو زور لڳي هک وار وجود اُڏار ڏِتُس
مئين دي هک رَتي رهندي کِتَ اتان سارا نام نشان اُتار ڏِتُس
ط: طالب وچ عميق پئي ڏونهين کنڌيان اُهين کنون پُل ڳيان
پڇي وَسُ اُهيندا وو کوئي نهين مؤجان مؤج تکيريان آءُ پيان

ظ: ظاهر دي اِها بات نِسي جو آيا اُهين اِها سُڌ پئي
پچي سُڌ والا موجود نهين دُئي والڙي ڳالهه نکال ڳئي

ع: عشق عميق درياء وچون آئي هڪا موج جنهن نعرا مارا هو
تہ مئين هڪ آهِس اور ڪوئي نهين اَن حق دا هيئي نغارا هو

غ: غش غريق عميق وچي ٿيان ڪِٿ جسم رهيا ڪِٿ جانِ ڪٿي
ڪِٿي شڪل رهي ڪِٿ عقل رهيا ڪِٿ فهم ڪِٿي انسان ڪٿي

ف: فڪر فنا دا ڪِيُون نہ رکين تا مُلڪ بقا بالله لَهين
چوڙ آپڪون آپ وسار سارا ڄاڻين هڪ خدا بيرنگ رهين

ق: قُل هُوَالله احد هيئي ڄاڻين سمجهہ سُڄاڻين ڪو اور نهين
ڪڙ وحدت دي درياء وچي اُهو آپ آها ٻئي دي ٿور نهين

ڪ: ڪِٿ توڙي مئين چِپسان اِها ڳالهہ هادي والي هَڻ چِپدي نهين
ٿِيسين ظاهر آپون آپ اِها پئي روز اسان ڪَني تالڪدي نهين

ل: لهريان بحريان زور پيان وَس ڪوئي نهين مئين لڙهہ ڳئي
ڏاڍيان مؤجان چڙهيان بره واليان اُٿان هَستي گم ماري مؤجان موج ٿَئي

م: مئي پيوڻ نال مؤج چڙهي ڪوئي خُم اُنهين وو خُمار ڏتا
مدهوش ڪِتُس ڪُلي هوش ڳيا اِهين عيش سارا اعتبار ڏتا

ن: نام نشان اُتار ڏتس ڳئي رنگ همہ بي رنگ رَهي
غوطامارڪي غرقي جوئي ٿَئي آزاد ڪنون رنگ رنگ رهي

و: واءُ لڳي تئي سوچ ڪڙي بحر زور پَئي چولِين چِٽڪ پيان
اِها هَڪل ماريس اَنا بحر آڪيس باران ديان نديان تيز نيان

هہ: هادي عبدالحق سدائين سچي راهہ سانون سمجهاءِ ڳيا
تسان غير نهين سراپاءِ ڄاڻين اُهو آپ هَئين پُرجهاءِ ڳيا

ي: ياد رهيان باتين وحدت ديان جيئي آپ هادي فرماءِ ڏتيان
سچو حق اَهين اِهي ڪُل شڪ ٻنين اُهي راز ديان ڳالهِين چماءِ ڏتيان

Scanned by CamScanner

نمبر ٣ سي حرفي

الف: آڳ لڳي عشقي والي سانون قاضي اور ڳلهان ڪيون ڏَسيندا هين
ساڏي دل تہ تخت هزار ڏهون مسلي جوڙڪي آپڪون مُسيندا هين
وچ ٻُڏمرين مُلا مؤنجهہ پوين ڪنون راه سچي وو گسيندا هين
منگين خير ڪيڙاندا وو ڪهڙي ڳالهيون رانجهو يار اسان ٿونُ رسيندا هين
ب: بحربره دي وو زور رکيا ميڏي ذات سِيال سا لُڙهہ ڳئي
ڪتي جهنگ تي ننگ ناموس رهيا پڇي چاڪدي مئين تا آءُ ڳئي
دل درد مندان دي چوٻار والي حُڪمان حڪم سا غمزي نال لَئي
مِهٽي ماهي والي سي قبول ڪِيتُمِ جيڪا تيوٽي هوئي سچو سائي ٿَئي
ت: ترڪ ڏهاڙي ميثاق دي مئين تا رهيان ذات سيال ڪنون
توبه توبه تي استغفار ڪِيتُم خوشي نال ڪيڙاندي خيال ڪنون
هڪو دَمُ نہ فارغ مئين هوسان چاٽي يار رانجهو دي وصال ڪنون
ڏوجهي ڪارنهين ميڏي دل آتي سچو يار دي سار سنيال ڪنون
ث : ثابت ساڏڙين دل هوئي راتيان ڏينهن سنيان رانجهي يار ڏهُون
اُهين دم لاڪُون اڄ توڙي ڏيڪو مئيڏا خيال تہ تخت هزار ڏهون
الَست بلىٰ ڏونهين هڪ هويا ڏتم گوش اُهين اقرار ڏهون
بنان شڪ گمان سچو دا سارا دل آءُ پئي اعتبار ڏهون
ج: جهنگ ڪنون مئين چُت پئي هت ڏوءُ ڳيان وو سياليان جِي
لاهان نال پينگهوڙا وو ساڙ ڏيوان گهتان آگ ديوچ نهاليان جِي
سيي چاڻ رهو وو خيال اِهو اِهي چاڪ عشقديان چاليان جي
سچو رک سنيال جو هيئي اِهي بره واليان ڳوڙهيان ڳالهيان جي
ح: هُل سِياليانْدي وچ پيا چُوچڪ ڪَن ڪيها اڄ چاڪ ڪڙي
غلبہ عشق اُهين تي ڪيڏا ڪِيتا تَنهندي جاءِ بجاءِ جو قِردي پڙهي
سينگي هير سيال اساڏي آهي تنهندي نال اُهين دي وو عين آڙي

ڏونـهين سِر نـاگاه جو آءُ ڏيـكـو محبت والي سـچو كـيـڏي لـڙهي چڙهي
ڻ: خويـش قـبـيـلـي وو ٻـل ڳئـي رانـجـهـو نـال مـيـڏا ڏاڍا خيـال پـيـا
رنـگ پـور كـيـڙانـدي وو شـال كـوئـي سُڻان مـئـين تـا سِـگـهـيـرڙا كـال پـيا
ٿِيـوَن غار سـيـپـي وو غرق اُتـان كُـهــ ٻَن پـيـڙانــدا وو ٻـال پـيـا
اسـان يـار مـاهـي ڏُونـهـين هـڪ هـوئـي هـر ويـلـي سـچو وو وصـال پـيـا
د: دل هِكا ساتـا يـار ڏهـون ڏُوجهي هـووي تـہ سـا مـئـين عـام ڏيـوان
بـرهـي ذات مـئـيـڏي سـا وسـار ڏتـي ٻَـٿ هـكـواري نـنـگ نـام ڏيـوان
ساڏي طرفُ اوڏانهين ويندا كوئي نهين جنهنكُون پرت والي پيغام ڏيوان
ٻانـهان ٻڌ ٻـهـون مئن زاري كـران سچو دوست ڏهـون وو سلام ڏيوان
ذ: ذات سيـال مـئِـين مُنـڍون نـهين كـؤن چُوچـكُ تـنـهـنـدا وو راڄ كـيـهـا
جائي نِال هـكـي يار هـڪ هوئي تـنـهـنـدا آک قـاضي ٻـيا كـاج كـيـهـا
جنهن كون عشق رانجهو دي وو كڍ نيتا، تنهن كون اوران داهڻ احتياج كيها
دل هـڪ هـوئـي مـاهـي يـار نـتـي وت كـيـڙان ٻيـڙان دا وو ڏاج كـيـهـا
ر: روءِ رانـجـهـودي مـئـين هـوءِ رهـيـان كـوئـي اور نـظـر لـهـين آونـدا جِي
نـدي دي كـنـارڙي وڏي ويـلـي ونـجـهـلـي سـوز كـنـون وو وڄاونـدا جي
الله آپ ڄاڻـي مـاهـي يـار مـئـيـنـون ٻـنـهـان كُل كـنـون اهـو پـاونـدا جي
اِهين رانـجـهـو اُتون سـچو صدق ٿيوان اگڻ ساڏي جڏهـان پـير پـاونـدا جي
ڙ: زور گـهـتـيـا بـره بـاري ڏاڍي مـئـين مـسـت ديـوانـڙي هـوءِ رهـي
هُڻ انــگ پـيـوت جو لاءِ كــڙان دل هـاءِ حـيـرانـڙي هـوءِ رهـي
رانـجـهـو كـٿ اسـان وت كـٿ رهـي نـيـنـهـن دي نـشـانـڙي هـوءِ رهـي
اُهين كـيـتـي اُداس بـيـراڳ ڦـران سـچو مـونـجهـہ مـسـتـانـڙي هـوءِ رهـي
س: سـپ سـيـالـيـان چوڙ ڳيـان ڏيـک ويـک اسـاڏڙا حـال ولـي
شـرم ٻـوڙ ديـوانـڙي هـوءِ رهـي ڳڏي رانـجـهـودي عـشـق كـمـال ولـي
راتـو ڏيـنـهـان اُهـين وت چاڪ ڏهـون كـڙي دمـبـدم وو خـيـال ولـي

مت ساڏڙي مُول نا گهني اها ولڻ پڇون سچو جي محال ولي
ش: شوريي عشق مچايا ڏاڍا هُڻ عقل والي وو صلاح کيهي
راهہ عشقدا سچا تا مئين ڳڏا تُسان سڀ آکو ڏوجهي راهہ کيهي
رانجهو يار مئيڏي وو سِردا سائين کيڙيان پيڙيان ڏهون وونگاهہ کيهي
پئيان پاهر ننگ ناموس کنون هڻ آک سچو وو پناهہ کيهي
ص: صدق ساڏا رانجهو يار ڏهون نهين کيڙي پيڙي کُون مئين ليکديان جي
نظر غير دا اسان ٿون ٽٽ ڳيا جِت کِٿ ماهِي نُون سو ويکديان جِي
سؤ رنگ وچي رنگ لاءِ کڙا دم دم کري لک بيکديان جِي
اِهي مِنيان ڳوُڙهيان ڳالهيان ني سچو سٹين اساڏڙي شيخ ديان جي
ض: ضرور کيڙاندا وو مئيکون نهين رانجهو يار مئينون ڳل لاءِ رهيا
سٹو سڀ سياليان لون لون سيا جند جان وچي پيچ پاءِ رهيا
کائي غير دي جاءِ نہ رهندي اتان سراپاءِ اُهو وو سماءِ رهيا
سچو آپ سارا وو مُحيط تيان جت کِٿ سوجاءِ بجاءِ رهيا
ط: طلب ميڏي رانجهو يار ڏنهين کڑا هوسين ندي دي کنارڙي جي
عشق لاوڻ کِيتي ساڏي طرف سنيان آيان کنون سوتخت هزارڙي جي
چؤپارا چوڙيس جهنگ آءِ کڙيا اسان طالب نِت نظارڙي جي
خواهش چا پيَسِ ڏيکڻ سياليان دي ساڏا تِل نهين اختيارڙي جي
ظ: ظاهر اساڏڙا عشق تيا مئيڏي پڇون سياليان ڊيکي لائي
ڏيکڻ آئي اسان نون جهنگ سارا آکن سڀُ ديوانڙي هَئين جائي
مائي باپ پينگهوڙي وچ تئيکون دُعا پيران فقيران ٿون منگي کائي
اِهو حال هويا وو سيال تيڏي سچو برهہ تُساکُون آهي پائي
ع: عشق درياهہ موجان موج کڙي کنڏي اُتي کاءِ نهين
اندر شوق مچايا وو شور ڏاڍا اِهين زور جهلڻ دي وو جاءِ نهين
اُها دل آباد تہ تيسي کڏهان جنهن دل وچي هاءِ هاءِ نهين

Scanned by CamScanner

مئيڏا خيال خلاصا وو يار ڏهون هڪو سينگيان سچو وو ساڏي ساءِ نهين

غ: غم لٿا رانجهو يار مليا پج ڪيڙي پيڙي بيزار ٿئي
اسان دوست ڏونهين هُڻ هڪ هوئي ڪيڙي سڀ خراب ٿئي
ڏيکڻ نال ماهيدي وو دل هِڪا ڏوجهي نين تا باغ بهار ٿَئي
حاصل سڀ مُدعا وو اساڏي هوئي سچو خيال مئيڏا وو مختيار ٿئي

ف: فاش ٿيا راز عشق والا قناتان تنبو صحراءِ لڳيان
چن وچ اُهي ڪِتي ڏينهن هويان هڻ ڏيکو تاجاءِ بجاءِ لڳيان
زمين سر زبون نہ ٿيسي ڪڏهان باريان بار وڏي برپاءِ لڳيان
هُڻ نينهن دا مار نغارا اِٿان سچو ويک تہ وچ هَواءِ لڳيان

ق: قُرب سانون رانجهي يار ڏتا وچ جهنگ سياليان پيان پي پهون
راتين ڏينهن اساڏڙي چوءِ رهي دمدم هڪا دل چاڪ ڏهون
عاُمان نال پرور پاڪ چاٽي ڪڏهان مول نہ ٿهرا جوڙ ٿهون
قدمان نال سچو سچي يار دي ني اينوين عمر سيا جوڙا جوڙ رهون

ڪ: ڪار سيا وو وسار ڏتي عشقي چاڪ دي مئين مستان ڪِيتي
اور ڳالهہ اسانِ ڪنون چُڪ پئي دِل درد ڏاڍي ديوان ڪِيتي
خاطر ڏيک ساڏي وو هزار والي هوءِ هوءِ اينوين حيران ڪيتي
قربان اسان سهٽي يار اُتون سچو ساه سيو جند جان ڪِيتي

ل: لوڪ ساري بدنام ڪيتم ويکان يار ڏهون خوشحال ولي
دل لٿ نِتي ساڏي چاڪ مئيڏي ڏوجهي طرف نهين مئيڏا خيال ولي
مئين گهول گهتان سِرُ آپٽان پي اُتون دوست سارا جهنگ سيال ولي
سچو روز ازل ڪنون منگ ڳڏا اِهو هادي والڙا حال ولي

م: مست ڪِيتي دل چاڪ مئيڏي هُڻ ڳيان شرم تي حياءِ ڪنون
رانجهو هڪ هووي شَل هانءُ اُتي مئينون توبه سيالياندي ساءَ ڪنون
آپي پج ڳيان سڀ سينگيان سيان ڏاڍي عشق دي تڪي تاو ڪنون

Scanned by CamScanner

ڏيک حال ساڏا سي حيران رهيان سچو پاسا ڪرن نينهن دي نانءُ ڪنون
ن: نانءُ گهنڻ تا يار دي ني هووان جان جسم وچ مئين تا ڏوڙي
هڪي رانجهي ٻاجهون ٻئي لوڪ ڪنون اسان دوستي والي سڀ ڳالهہ توڙي
ٻاٻل مائي ڀائي بيزار ٿيون ايوين آک ڳيان اسان اِها چوڙي
سچو حمد شڪر ڪتم چاڪي اسان وچ محبت جوڙي
و: واءُ لڳي ڪائي وحدت والي تنهين سڀ ڳالهيان وو وسار ڏتيان
جيڪي حرص هواءِ هَوَس واليان باتيان سيف الاؤ دي مار ڏتيان
جي ڳالهين حق الحق آکيان سي اُتي دل جاءِ اعتبار ڏتيان
باطن ديان اشارتان مرشد سائين سچو ويک تئيڪون اظهار ڏتيان
هہ: هوش ساڏا رانجهو يار ڏهون ٻئي لوڪ ڪنون بي هوش ٿيان
طعنہ ڏيوَن لک هزار مئينون طرفون چاڪ دي ڏيکو سڀ سنيان
جهل ٻَل ڪِيتي وو سياليانديان مئڏي دَر اُتي ڪيڏيان ڏمان پيان
پردا توڙ پَيَس آءُ ٻاهر اينوين سچو يار مئين تاهَڻ وَسؤن ڳيان
ي: يار رانجهو جيڏي ڪيڏي هويا هرجاءِ وچي هڪ جاءِ نهين
ڏوجهي راهہ رنگيلي ڏهون چاٽين هادي آپ آکيا اور ڪاءِ نهين
آپ چوڙ تہ خود خداءِ رهين اور ٻات اسان ڪُون ڀاءِ نهين
سچو سمجهہ تون لائق سڀ ڪنهين اِها عشق والي سروپاءِ نهين

نمبر ۴ سي حرفي

الف: آگ لڳي عشقي والي آيا هادي والا سان تي حال ميان
هڪو هڪ آها ول هڪ ٿيا رک سمجهہ اِها هيئي خيال منيان
ب: ٻاس اِهائي ٻات مئڏي نهين غير اٿان هڪو هڪ آها
ڪِنهان اڳون ظاهر آپي يار هويا ڪِنهان دي اڳون لڪولڪ آها
ت: تار پيا وچ حال مئڏا سُڻ سنيان ساٿون ٻئي سُڌِ ڳئي
دل وحدت دي درياء وچي هڪواري اچانڪ وچ پئي

ث: ثابت مار نغارا سوئي سُولي سِر جوئي منصور ماريا
جند جانِ سيا محبوب کيتي ٻگلي محبت دي وچ آڻ ڳاريا
ج: جان جُثا کر فاني سارا پچي حق ذاتون اسرار ڏيکين
دم خيال دي نال هميشہ هووي ٻئي کيهي زبان دي ليکي ليکين
ح: حق اِهوئي تاشک نهين لاشک چاٽين برحق هيئي
مئين چاتا ساڳي وو سچاتا سوئي مئيڏا هادي عبدالحق هيئي
خ: خيال سمونڊر عميق ٿيا لک وادي اِهين وچ گم ٿئي
جوئي آها سوئي آپي آپ ٿيا ڳالهين جان جسم ديان کُل ڳئي
د: دلفريب دي جاءِ هيئي جند جان عقل سب چوڙ ڏيوين
کيا کُفر کيا اسِلام ڏونهين هٽين تاتسبيح کُون توڙ ڏيوين
ذ: ذات صفات هکائي آهي، قلعي نال شيهي دي جو هک ٿيوي
نانءُ شيشا ول آئينہ ٿيا اپڻا آپ ڏني وَتِ ٿِيوَن کيوي
ر: راز سارا صحراءِ پيا کڙي لَهر ٿئي وَسُ کوئي نهين
دريا ء ڏاڍي کائي موج ماري جوئي چاڻ وچي اها سوئي نهين
ز: زور پيا جَهلي موج نهين بره والا بحر تارو تار وَهي
چوليان چتک پيان زوري زور سانتي مئيڏا خيال اتان بارو بار وَهي
س: سير حقيقت دا تون چاٽين ڏونهين جڳ وچي جهلکار هويا
اِهين جسم دي کر ڏيکالي ڏتُس جيوين اَبر والي چمکار هويا
ش: شک ٻن پچي حق هويا وچون ڏون تري چار شمار کئي
اندر ٻاهر هکوئي هک هويا ٿيا سچ تاگرد غبار ڳئي
ص: صبر ڪيجي آکڻ بات کنون اُهو آپ آکي کجهہ آک ميان
پهلون هک وچون سو شمار ٿيوي ويہ ٿيهہ کرين سؤلاک ميان
ض: ضرب مارين ان حق والي سچي ڳالهہ اتان اظهار کرين
کِتلي ڏينهن چپيسي سِرُ اهوئي هيئي ويل اِها نروار کرين

Scanned by CamScanner

ط: طرحون طرح رنگ يار لايا رنگا رنگ ڪيتُس گلڪاري يارو
سبز سرخ سفيدا زرد سِيه پاتون پات لاتس گلزاري يارو
ظ: ظاهر ڏيک نہ پول وچين هيئي اندر ٻاهر هڪو هڪ سائين
اِها چال تنهندي تون ساري چاٽين اُهنديان هويان لک هزار جائين
ع: عشقدي درياء موج ڪيتي لک لهرين وچ مئين لڙهہ ڳئي
تک تار اُتي هُڻ وچ پيان ول جوشان جوش تي چڙهہ ڳئي
غ: غير ڳيا هُڻ حق هويا پڙقيل ڳيُس سُڻ بات ساري
اصل غير نہ ها ڪوئي آپ آها سمجهڻ ڳالهہ اِها اثبات واري
ف: فرق ڪُفر اسلام وچي نهين ڪوئي حقيقت چاٽين
ڪِيتس لک لباس تي نوعا نوع ٻَنين شڪ اِتان اعتبار آٽين
ق: قِيل تي قال اِهيندي آهي ساري سمجهہ ڏيکين ڪوئي اور نهين
هَئي سٹڻ آکڻ والا اُهو سائين رفتار اُهندي ٻئي دي تور نهين
ڪ: گوش ڏرين وبي يَسمع ڪُون وبي يُبِصر اکيان وچ آٽي
وبي ينطق ڏهون گفتار چاٽين ڪي ڪر برف ڪتون تون چاڻ پاٽي
ل: لنگهہ ٻَيُس درياءِ اُتي تَئي مستي والي سا لَهر ڪڙي
هڪ آوي ٻي تا لنگهہ جاوي خُوني مؤج بمؤج تي چوٽ چڙهي
م: مَئي ٻِيتر منصور والي مستي تنهندي وچون تا آءُ ٻئي
تنهن مستي ڪائي وڏ واءُ ڏتي ٻي سا اسان ڪنون ٻل ڳئي
ن: نُور نيٽان نروار ڪِيتا سارا جڳ فلڪ آفتاب هُوي
هيئي ڪُل موجود اُتي واهہ اتان ڳئي ڪُل تاري مهتاب هوي
و: وحدت دي درياء اندر غوطا مارين تون تا غرق ٿيوين
نڪا جان جسم دي وائي اتان آپي آپ ٿيوين ڪيا اور ليوين
هہ: هادي والي ڳالهہ اِها دائم دل اُتي اسان فراموش نهين
جڏهان نينهن نعرا زوارن زور ماري تڏهان جوشان جوش خاموش نهين

Scanned by CamScanner

ي: يار هويا اَغيارنِسي سچو نگاه جو آونديئي
اُهو حق اهو لاشڪ چاٽي وچ نانواندي ڦيرا پاونديئي

نمبر ۵ سي حرفي

الف: آءُ ميڏي دِل چاءِ نيتي جيءُ جاءِ نهين هاءِ هاءِ ميان
آتڪا ء اکين ڏک لاءِ ڳيون ير آءُ تا ڪُجهہ الاءِ ميان
ڪاڄا واءُ گهلي سنيان ساءُ ڇوڙيا طعنہ تاء ڏيوَن واءِ واءِ ميان
ب: بس سنيان ڪنون رس نهين روح وس نہ مئيڏي وس ميان
جيئڙا جَس نهين پر وَس پيان خاطر ڪَسڪي تِيوَنِ هَسِ ميان
مئين ڪَس سياليان‌دي ڏَس نهين لڳي ڪَس نہ ڪائي ڳالهہ چَس ميان
ت: تات تيڏي وائي وات مئيڪون نيوين سات، نہ ڏيکين تون ذات ميان
سڻ بات سُهڻا هيهات هوئي ڏينهان رات آوين پريات ميان
تسلات ڏيوين مصلحات ڪائي مئيڪون درد لائي ياتويات ميان
ث: ثابت سار سنيار تيڏي اندر عشق ڪِيتا انظار ميان
ڪيئي لک هزار وو يار تيڏي ڪيتي رووَنِ زار و زار ميان
تئيڏي تار لڳي دلدار مئڪُون هڪ وارني بي اختيار ميان
ج: جال مئيڏي تونال سُهڻا برحال تيوين تون پال ميان
ورق وال وڇوڙي دا ڳالهہ سڻين اپڻا آپ ڪرين پلا پال ميان
پيا وچ جنجال دي حال مئيڏا ٻي ڪيهي ڪريان قيل قال ميان
ح: حال خيال دي تئيڪون آکِ ول ڪيون نہ لهين وو سنيال ميان
سڻ سوال ساڏا ڪرين پال پلا مئين تئيڪون سڪنديان سال ميان
رو لعل ڪيتم اکيان خيال تيڏي ڪيتا بره سانون بيتال ميان
خ: خواب ڳئي ڪنون تاب تئيڏي ڪيتا بره سانون بيتاب ميان
بَشتاب آوين ڏيوين آب مئيڪُون سائين ڪول نقاب حجاب ميان

Scanned by CamScanner

نينهن نواب ڪباب ڪتُم ڪوئي نهين عتاب و خطاب ميان
د: دَمُ واندا نهين غم ڪنون هڏ چم واسيا تيڏي وره سائين
ٿيوين جَم نہ گهتين خم اتان سارا ڪم مئيڏي دَرِ ڦيرا پائين
چاوين چم تہ پي طالب تم نهين تون تا شرم عاشقان ڳل ڪيون لائين
ذ: ذوق تئڏا سانون شوق لڳا طعنہ لوڪ ڏيوي چت چوڪ ميان
نينهڙي نوڪ لڳي محبت موڪ لايو اوران ڦوڪ لاهِن سانون ٿوڪ ميان
تيڏا طوق گهتيمِ ڳل ٻانهپ والا سُهٽا سوز ڪِيتا سانون سوڪ ميان
ر: راه ڪڙا ارواح تئڏي چت چاه ني سَنجهہ صباح ميان
وه واهہ سنيال تون آه ڪنون مئيڏي نال سُولاندي سپاه ميان
پند پاه ٿيا تو ماه ڪِيتي مئڏي دل دي هَئي آگاه ميان
ز: زار رووان تو يار ڪِتي ٿِيوي ڪارنہ ڪائي نروار ميان
ڏون چار پئي دِن ڏار تئيڪون جِي جار پيا دلدار ميان
گفتار سٹان هڪوار تئڏي ٿِيوي دل تہ باغ بهار ميان
س: ساري آکان ڳالهہ ياري والي تو نال ڪريجي وو زاري ميان
باري بره وهائي ڪاري سانون ڳل چاءِ گهتيئي وو ڳاري ميان
واري يار تو تؤن سؤ واري وڃان دوستي وچ گهتين متان گهاري ميان
ش: شام صبح آرام نهين پيغام پٺيوئي نہ سلام ميان
اکين خواب حرام تمام ڪِيتا آوٹدا نہ ڪيتوئي انجام ميان
انعام غلام ديدار ٿيوي ڪرين يار قبول ڪلام ميان
ص: صور آواز نياز ڪنون پانهان ٻَڌ ڪڙين بي نياز اڳون
اتان ناز ڪنون تون باز آوين تئيڏا راز پوي ڪارساز اڳون
تن ساز ڪرين آواز رڳان ڪرن صفت تا دلنواز اڳون
ض: ضرر شرر وچ عاشق هويا شِير شَڪر تي نا زهر ميان
شهر بحر وچي تنهندا تي هوڪا ڦريا هُل غُل ٿيا اندر پهر ميان

Scanned by CamScanner

عاشقان ڪنون نظر گذر اِها پئي وهم تادربدر ميان
ط: طور ڏاڍي پُرشور اِها زوري نال گهتي سوئي زور ميان
گهم گهور تنهن وچ جفا جور سنيان هيري نال لاوين ٿيندا هور ميان
جِنهان ڪئيف ڪمال ڪٿور پيتا اُنهان بره بچايا بور ميان
ظ: ظلم جهول ظهور ڪِيتا منظور هويا پر نور ميان
مُصحِف وچي مذڪور هويا معروف اِهو مشهور ميان
چڪچُور امانت عشقي ڪِيتا سِرُ سُولي سَتيا منصور ميان
ع: عشق اَجهل عقل لڳي ڪيا توڙي ڪرين تجمل ميان
ڪوئي پَل نہ سوئي تحمل ڪري پنين برهہ دا ڏيک بدل ميان
تنهندا هيئي عمل اصل ڏاڍا اُونداهہ وچي مشعل ميان
غ: غازي چڙهئي سِر سُولي راضي بانڪي ڪيهي ڪِيتي سِر بازي ميان
آزي ڪر دوڙائڻ تازي اٿان وت ڪيا ڪريسن قاضي ميان
ڪنهندي حال نہ مَنڻ ماضي آهي هَئي سُورهان سرافرازي ميان
ف: فِال پئي عشقدي حال والي سِر آدم سائي برحال ميان
حمال ٿئي وچ خيال اهين ڪِيتس حال جنجال ڪمال ميان
ڪَثال چايُس احوال ڪنون ڪيئي سِر سَنَس سال ميان
ق: قال تي ٻاهر حال ڪنون نهين خاص چاٿوجي خيال ميان
الحال وصال احوال وچي وَتِ ڏيکين جوڙ جمال ميان
ڏينهان رات جهيڙي وو سنيال تئڪون ٻاجهون اُهين ڪيهي وو مجال ميان
ڪ: ڪاءِ نهين ٻي جاءِ تئيڪون ٻاجهون هاءِ هَواءِ ني واءِ ميان
اڪين لاءِ اٿان برپاءِ ڪرين اِهو ڏيک سارا سروپاءِ ميان
سِرُ آءِ ڏيوين چت چاءِ اٿون عاشق اور بازي نہ بناءِ ميان
ل: لَٽ نيتوئي پهلي سٽ مئيڏي دل چَٽ اُلٽ پلٽ ميان
سانونْ قَٽ گهتيوئي زلفان وٽ سُهٽا مئيڏا روح نيتوئي پٽ ميان

Scanned by CamScanner

جُتَ پُتَ لاکي سنيان هٿ رهيان طعني ڏيونِ اسانون ڪٿ ميان
م: مارتلوار فراق والي هڪ وار ڳيون دلدار ميان
پئي پار اورار وويار تئيڏي لنگهه نينهن والي وو نظار ميان
هشيار هزار هلاڪ ٿيونِ جنهان آءُ ڏٺا چمڪار ميان
ن: ننگ چاڙهيوئي غمزي ڪٽڪ سان تي سَٽڪ لاءِ فتح ساري ڪٽڪ ليوي
لٽڪ نال مئيڏي دل چٽڪ نيتيءَ ڪنهندي ڦٽڪ نهين ڪو اٽڪ ڏيوي
وٽَڪ نال زلفان ڏاڍا دام گهتيا جند جان مئيڏي جاني جهٽڪ نيوي
و: وار ڪنهين تون تايار آسين اقرار ڪرين سچا نال مئيڏي
هَنجون هار پوتا جِي جار پئي اسرار ڪيتوئي لڳين ڳالهه مئيڏي
اختيار مئيڏا هي ڪوئي نهين هڪي وار آوين تون تاپال مئيڏي
هہ: هوش وچون مدهوش ٿيان ڏيوين گوش مئيڏي وو فروش ڏهون
سرپوش ٿيوين آغوش مئيڏي آوڻ والي ڪرين بيهوش ڏهون
هُل جوش گهتيا دارون نوش تيڏي ڪائي گهت نگاه انوش ڏهون
ي: يار آئي ول پار ميڏي جنسار ڪري سينگار ميان
اسرار وچون اظهار هويا اِنهان ديدان ڏٺا ديدار ميان
سچو سار سنيال جنهندي آه يسوئي ديس مليا دلدار ميان

نمبر ٦ سي حرفي

الف: آءُ ڪڙيان سيئي سُهٽيان نازين نال ندي دي ڪنارڙي جِي
لَمڪاءِ چوڙيندي وو ڪيس ڪالي آنديان جوڙ ساري سينگارڙي جي
تہ رانجهو مار غلام ڪريسون قابو لهَسُون سڌِ بہ تخت هزارڙي جي
سچو حُسنُ ديان فوجان چڙهہ پيان وَج چاءِ اُنهاندي پيزارڙي جي
ب: بار باري فوجان چڙهہ پيان ڏاڍا زور هي حُسن واليانڊا
ويڪو ناز غُرور غُماز ڪيڏا ڏاڍا ساءُ سلوڪ سياليانڊا
مِنڙا پول نيون دل هڪواري رنگ رَسُ اُنهاندي وو ڳالهيانڊا

Scanned by CamScanner

سچو سحر اُهي جادو لاوندينيي مُک کؤن جهلي متواليانـدا
ت: تاب تِکا اُنهان سُهٽيانـدا کرهار سينگار جو آونـديني
عاشق ڏيک تماشڙي لاءِ کڙن هوءِ هوءِ اکين اٽکاونـديني
عطر مُشک عبير تي کيئي پيان خوشبوئيان لِڳين لاونـديني
سچو ڏونهين کنڌيان وو چناهہ ديان سُرهي واءُ هواءُ اڏاونـديني
ث: ثابت کيهي مئين ڳالهہ کران عقل سمجهہ ساري وو وڃاءِ ڏيندي
جڏهان چشمان اُتيرڙي چاءِ ڏيکن تڏهان متيان سڀ مُنجهاءِ ڏيندي
جا دل محبوبان لٽ نيتي کِيوين دل اُها وو ولاءِ ڏيندي
خوني خونيـاندي وو خُدنگ ڏاڍي سچو وچ سيني دي کُپاءِ ڏيندي
ج: جهنگ سياليان جوڙ کيتا سانون سُرخ سُوهيدا وو ويس ولي
چُڙکاءِ چوڙيندي وو مونڍي اُتي کاريهر ڳنڍي کالي کيس ولي
سُهٽي واءُ لڳي اُنهان سهٽيان نون اُهي لاڏ وڏي وو لبيس ولي
کُڙيان قهر وچون کڍ کئيبر مارن کرن نيڻ سچو سڀ نيس ولي
ح: هَل پيا وچ جهنگ ساري رانجهو يار ندي اُتي آوندا هي
کڏهان کڏهان کناري چناهہ دي اُهو چؤکي هوکي قيرڙا پاوندا هئي
سيالين نال هِيري رلمل چليان تہ کيها درد کنون سُر ڳاوندا هئي
اسان سڀ سياليان صَدق تِيسُون اِهو ناڻُ سانون پهون پاوندا هئي
خ: خاص خيال تـہ هير ڳڌا پيان سڀ تماشڙي آونـديان جي
جنهندي کاڻ رانجهي تہ هزار چوڙيا تنهنديان ڳالهيان تنهن نون سياونديان جي
ڏيک مست صورت اها لاؤبالي اپٽي گهر سيي ول جَاونديان جي
اکين لگ رهيان رانجهو هير ديان سچو سَئي سَئي ڳيان غوطہ کاونديان جي
د: دل ڏتي رانجهو يار ملي سَڏان نال نہ برها لڳدا جي
طرفون ياردي مِهٽي لک طعني سَهندا کيون نہ اُهو ساري جڳدا جي

Scanned by CamScanner

جنهين عاشق نام سڏايا هي اُهو تار ٻاجهون نهين تڳدا جي
اهو عشق چاڙوتا هڻ دا نهين اصل آک سچو هئي اڳدا جي
ذ: ذکر سارا رانجهو يار دا هَئي وچ راڄ سيالين مَردي ٻهون
کڙي ندي دي کنارڙي خان قِرن تِيوَنِ سؤ هزارين بَردي ٻهون
ويک لاوبالي دربار عالي سي تان ڏورون لهرون ڏردي ٻهون
کنيزک غلامي باسن کڙن سچو ويک سُهٽي دي دردي ٻهون
ر: راوي کنون رانجهو کڍ چوڙيا عشقي آڻ چناهه دي کنڌي لايا
بَسمي لاءِ کي انگ ٻيوت کيتسُ ٻُچ ٻُچ سيالنديان راڄ آيا
صدقي تيوان عشق دي نانءُ اُتون جنهن نال اُهين اهو غمزا لايا
مِلک مال وو تخت هزاري والا سڀ لٽ ڏِتس سچو کرکي سعيا
ز: زير زبر سيا ٻَل ڳَئي عشق راه وکايا وو اوُر ولي
عقل شرم حياءُ وسار ڏِتُس ڏاڍا برهه لايا تنهن تي زور ولي
دل نال سياليانڌي لڳِ رَهي کيڏا شوق مچايا شور ولي
سچو مست ديوانه هو رهيا ويک ناز ٻريانڌي ٽور ولي
س: سانگان مريندیان نينهڙي واليان قابو کڙ ندي دي کنارڙي جِي
موتيان نال ياقوت زَمُرد کرن ڳِلوچ گهتن سوني هارڙي جِي
سِرتي سُرخ سُوجي سُنهن سهٽيان نون وه واه صفت سينگارڙي جي
ٽرن ٻانهن لوڏاندي وو لاڏ کنون سچو جوڙ کيئي جنسارڙي جِي
ش: شيرُ وراڏي وو وچ ٻيلي وه واه سياليانڌيان اکيان ني
رلمل چناهه دي وو کنڌي اُتي آون دؤر وڏي سڀ سکيان ني
لکان وچون کِنهان اثبات نالي رمز لنؤن واليانڌي لکيان ني
باشا باز برهه دا بحري ڏاڍا آيا چڙهه سچو سِر ٻکيان ني
ص: صورت سهٽي ياردي نون ويک مست رهيان سڀ سياليان جِي

Scanned by CamScanner

آپت وچ كرن جُٽ پُٽ ڀهون هوءِ هوءِ تا ڳُٽ ڳُٽ ڳالهيان جِي
نہ اِهين جيها اسان كڏهان كوئي نہ سُڻيا آک آک ٿِيوَن بيحاليان جِي
هئي تخت هزاريدا سائين اِتان سچو چاڪ كريسن چاليان جِي
ض: ضرور تفرقہ هوءِ رهيا سڻو وچ حيات ممات ولي
كيا ذكر تي كيا مئين فكر آكان كيا نفي كيا اثبات ولي
كتي هِير كتي رانجهو يار رهيا كتي ذات كتي وو صفات ولي
سچو گم وچون ناپئيدا ٿيا كتي جسم كتي اسمات ولي
ط: طلب كنون رانجهو مست ڦري پئي عشقدي بحر لؤلؤ دي جي
آپي ونجهلي دي وو آواز اُتي ڏاڍي جوش وچون اوئي جُهولدي جِي
جڏهان ڏيكدا اُهو تا سهٽيان نون لؤن لؤن وچي ڀهون ڦولدي جِي
سچو سوهي سياليان كرآون مَن موهيا سو رنگ ٽولدي جِي
ظ: ظاهر رانجهو دي جو دِل لڳڙي كَتيان وچ سو تي ڳئي ميلڙي جِي
سُڻ هير آوي اِهو حال تنهندا تليان هٿ مَلي نال تيلڙي جِي
ڏاڍي غم كنون اِهو جُكداني ٻُڏ ٻڏ وچي وچ ٻيلڙي جِي
سچو هئي هئي سنپال تہ رووي ڀهون محبوباندي وصالدي ويلڙي جِي
ع: عَلو وڏي سيي سُهٽيان وو رانجهو ڏهون آنديان كركر ٽولڙي ني
كَنين واليان سِر تي لنگيان يي سِيني اُتي چكم دي چولڙي نِي
عشق هك هيريدا لڳ رهيا ماهي نال يَني پئي سپ پولڙي نِي
سَڏان نال مريندي ني لافان لكين عشق والي سچو هن ٿولڙي نِي
غ: غمدا غمزا لڳ رهيا رانجهو كو ڏاڍا جهنگ سيالدا جِي
ساري جهنگ وچي انصاف هويا تنهندي ويک تہ خاص خيالدا جِي
عاشق هوءِ كي رهيا سچو سچ والا هوءِ هوءِ حسن دي حالدا جِي
ف: فوج چڙهي حُسن والياندي چُل چُل پئي هوءِ هوءِ ولي
ڏيكڻ نال رانجهو ووني مست رهيا ٻانهان ٻڌ كڙا روءِ روءِ ولي

Scanned by CamScanner

مُک نال ڳوڙهيانديءَ ووکڙکڙي هئي هاءِ رهيا ڏوءِ ڏوءِ ولي
سچو جوش گهٽي وچ جان تنهنديءَ نوين نوين آکان نوع نوع ولي
ق: قرب والا رانجهو يار هويا ڪِيتا عشق ڪيوين وو اُداسڙي جي
ونجهلي ويل وڏي وو وڄاوندا هئي ڪدي درد وچون وو اُلاسڙي جِي
سُڻ هير ٿيوي وو مستان اينوين ڪنون خويش قبيلي خُلاصڙي جِي
سچو عاشق ڏونهين آڻ سوگها ڪِيتا هوءِ هوءِ اِهين اخلاصڙي جِي
ڪ: ڪُل سياليان صورت واليان رَلمِل ندي اُتي آونديان نِيَ
ساوي سُوجي ڪپڙي ڪرن اُتون بازي برهه دي آڻ بناونديان نِي
اکين لاڏ پريان مغرور قرن ويکڻ نال سچو چيتڪ لاونديان نِي
سچو سبز تلي وو تاليانديءَ چناهه دي وو ڪنارڙي ڳاونديان نِي
ل: لوڏ ڏاڍي اُنهان سياليانديءَ غمزي لاءِ چلي غماز وڏي
ڪڏهان بَد پانهان اِڳون آءُ ڪڙن نِتُ نِتُ ڪريندي نياز وڏي
پرواه ڪڏهان ڪنهندا نه رکن بي نياز قِرن ڪنون ناز وڏي
سچو سَوين صِفان سو عاشقان ديان سجدي ڪرن ڪڙي ايلاز وڏي
م: مست قِري رانجهو يار اُتان اکين لاءِ ڪڙيندي خيال ڏاڍي
ويک تخت هزار وسار ڏِتس لڳس عشق ته نال سيال ڏاڍي
اينوين غمدي غمزي بيهوش ڪِيتا ڳيس هوش ٿيا بيحال ڏاڍي
پيچا پيچ زلف دي قساءِ گهتيا سچو بره لڳس سُهٽي نال ڏاڍي
ن: نئين خوني البيليانديءَ سوين راهه مسافر مار ڏيندي
اهِي فوجان حُسن ديان زور ڏاڍي ڪيئي بادشاهيان اُڏار ڏيندي
چرخ نال مُنان تاڙيان پوٽيان نون پهي پَچان سب وڳاڙ ڏيندي
سچو سڳي سوري ووني ويس سارا رمزان نال اُهي ني وسار ڏيندي
و: واءُ گهلي جهنگ سيال ڏهون اُهين عشق رانجهي ڪُون لاءِ ڏتا
اهين برهي ته تخت هزار سارا هڪ لحظي دي وچ لڙهاءِ ڏتا

Scanned by CamScanner

مال ملک جيکا اسباب کُلي تنهن دم ديوچ وڃاءِ ڏتا
سچو عشقديان ڏاڍيان جُنيان نِي اِهو هوکا جاءِ ٻجاءِ ڏتا
هه: هوش رکين جهنگ سيال والا اِهو مُلک تہ عشق آلوٽ دا هئي
رانجهو تخت هزاري والا سائين ساري ڏينهن راتي پيا جُهوتدا هئي
رازان نال عشاقاندي دليان نون جَلوه جوڙ حُسن کنون لوٽدا هئي
ندي دي وو کنارڙي بيٺا روئي.کنهين ويل نيٽان کُون نُوتداهئي
ءَ: آلبيليان لاهان ريشمي ديان ٽالئين گهت هکي ول لڏدي نِي
پکي ڏيک حُسن کون وو ڊهه پوندي هوجي وچ هَوادي اُڏدي نِي
پرون جوڙ صفيران سي اُڏر آندي اُٿان آءُ چناهہ وچ ٻُڏدي نِي
سچو سؤ هزاران عاشقاندا غمزي نال پهلي سوين کُڏدي نِي
ي: يار اسان اغيار نسي سچو آءُ اُٿان وو سڏاوندا هئي
تُسان چاڻ رهو ٻولڻ والا نهين اِهو کؤن جو کوئي آکواندا هئي
آپي عاشق ٿِيوي آپ اوئي آپي نال آپي اکين لاوندا هئي
سچو رک اِها وو سنيال رهو سيا وچ هکو سو سماوندا هئي

نمبر ۷ سي حرفي

الف: اندر ٻاهر تون هين وسدا والي ٻَنان شُبهاسو شک گمان ميان
سيا صورت وچي سارا سير تيڏا اِٿان هيانؤ رهيا حيران ميان
ظاهر ٻاطن ظهور تيڏا هويا وت کيها ڦيرايو فرمان ميان
ب: ٻار ٻرهه دا سو ٻاري هويا کيئي سِر ٻهادر چاوندي ني
جٿان کنڌ حلاج کپاءِ گهتيا تٿان عاشق اجل ڏيک آوندي نِي
عـشـق دي آيـت پـڙهـي عـشـاقـان حُسـن سـنـدي بـيـاض كـنـون
سـچو كُون تـاپـئـي ڳيـان ايـهـي سُڏيـان شـهـر دراز كـنـون
١١٠. اكـيـان بـاز عُقـاب سـهـڻـي ديـان شـور گـهـتن شـهـ زوريـان
مـسـت هـوون مـسـتـانـيـان او، كـنـهـن ڏاڍي كـيـف كـكـوريـان
مُک وچ ڏون مـهـتـاب بـي روشـن، يـا وت نُوركـتـوريـان
توڙي خوني خون كمائينديان سچو، تـه بي سيكنهن جاءِ سڳوريان

Scanned by CamScanner

١١١. مـزگـان زُري زور مـحـبـت ديـان، ابـرو ڪَج ڪـمـانـي
عـاشـق سـيـنـي جهـل ڪـڙوتـي، چاڙ بـجاءِ نـشـانـي
وچ مـيـدان مـحـبـت والـي، مُڙسـن نـا مـرداني
سِرُ دا سـانـگ نـہ رکـن سـچو، لـڳسـي جور جورانـي
١١٢. ابـرو ڪـج ڪـمـانـان ڏونـهين، مـزگـان تـيـر وَسـئـيـنـدا
عـشـاقـان ڪُون قـتـل ڪـريـنـدا، ول ڪـي يـار هـسـيـنـدا
جٿ مـشـتـاقـان نـون مـار گـهـتـين، اَٿ روز بـروز رسـيـنـدا
خَتـمـان ڪـڙ قـبـر تـي ڏيـنـدا، پـيـتـي سـچو ڏک ڏَسـيـنـدا
١١٣. زُري بـاز سـهـڻـي ديـان اکـيـان، شـوقـي زور شـڪـاري
عُشـاقـان دي دلـيـان وچون سـچو، ڪـردي ڦُوت گـذاري
١١٤. زُلـفـان زور سـيـاه مـونـديـان تَون، ڪِيوُن نـہ سُهـڻـا لمـڪـاون
دلـيـان دردمـنـدان ديـان اُنـهـين وچ ڦِـڪـل نـال ڦـسـاون
ڪـالـي نـانـگ مـارن ڏنـگ ڏاڍي، ڪِـتـي ڪـاڙ چِپـاون
جي خُون ڪـرڻ لـڳ ڏارئـي دلـبـر، چوئـڻـا رنـگ وِڪـاون
جنـگ لاون مَرُ نـال جوانـان، سـچو خونـي رُوءِ ڪـڙاون
١١٥. ڏونـيـهـين ڪـنـديـان شـهـر وچ گـهـتن، ڳل وچن اُٿِ ڏونـهـين
تِـيـوي جان جُـثـا حـق سـارا، غيـر نـہ چاڻـين اونـهـين
آب تـيِـسـن او خاڪ پـنـوڙي، آپـي آپ اڳونـهـين
جيـڏي ڪـيـڏي ظـاهـر بـاطـن، سـچو تُونـهـين تـونـهـين
١١٦. حُسن والـيان چليان چڙهيان، ڪُنهن نـہ جهليان پـليان
مـشـتـاقـان دي وراڪـي تـي، گـهـور ڪـريـنـديـان گـهـلـيـان
دردمـنـدانـدي دلـيـان ڪـيـتـي، چوٽـڪ لاوڻ چلـيـان
عُشـاقـان ڪُون اڪـيـان ديـان وَت مـارڪـي فـوجان وَلـيـان

Scanned by CamScanner

دهشت جهل اسان سچوري، رنگ پريان نال رليان
١١٧. سهڻي جوڙ تي ناهه جوڙي، وه رُخ دي ڪول ڪتابان
هڪڙي چوٽي موٽي هوندي، هڪڙي وچ سؤ بابان
هڪڙيان تي شد جزم نهين، وت ڏوجهان ڪُل اعرابان
منهن محبوب دا صحي صحيفه، ڪردي دؤر نوابان
قِردي وچ روشنائي سيئي، ويڪ ڪي ڏُون مهتابان
سچو سؤ هزار مشتاقان، سَتن سِرُ شتابان
١١٨. يار سهڻا تون بخش اسان نُون، جو ڪوئي ڏوه ڪِتوسي
نانءُ سائين دي عفو ڪرين، جو تيڏي درد نِتوسي
پلؤ تُساڏا روز ازل ڪنون، دليون دُرس لِتوسي
هُڻ اپڻا چاڻ سچو ڪُون دلبر، تئيڪون پلؤ گهتيوسي
١١٩. تُسين چاڻ رهو سڀ يارو، مئين تان مُنڪر ڪنون مشاخي
شِيخي ڪيا جي بُزرگي پيِري، هوئي سڀ هلاخي
عشق امانت خاص الله دِي، جا دلڪُون ڏيوي فراخي
سچو سوز گداز دي پاجهون پئي سڀ چور طباخي
١٢٠. خيال بزرگي ڏهون نه ميرا نا منگان مخدومي
نا وت پير مشائخ ٿياسي، نا وت نانءُ نجومي
دعوت دي دائري نه سڪياسي، نا وت علم رسومِي
نا وت هندي سنڌي شامِي نا وت زنگي رُومِي
سچو ڪِٿ نهين ڪوئي پيدا، هوندا وچ مخدومِي
١٢١. عشقي دي اسرار دي يارو، آگههَ هئي سرمستان نون
زاهد عابد مُلا قاضي ڪردي ياد گذشتيان نون
اِستقبال تي ماضي ڪيا هئي، حال ڏتس دل خستيان نون

Scanned by CamScanner

نشي عشقدي عاشق چاڻن، ڪَل ڪيهي ڪم بختيان نون
تقويٰ، زُهد تي دين ڪُفر، بَٺِ گهتين سربستيان نون
عشق هادي دا غالب هويا، سچو نيست كريندا هستيان نون
١٢٢. عشق محبت پاجهون چاڻين، پئي سڀ راه خلافي
اسم الله دا دل وچ ڏرنان مير من اندر ڪافي
بزرگ ڪاڻ دنيادي ڪر دي سڀ دي نال تلافي
سچو او تا ڪڏان نہ ٿيسن هرگز صوفي صافي
١٢٣. عاشق رهين مشائخ نہ ٿِيوين، جو ڪيها ڪم تنهين وچ
طلب ڪرين تا ڳالهہ اُهيندي، مطلب هيئي جنهين وچ
سچو مُول نہ پڇين غزني، جو شاه محمود مئين وچ
١٢٤. مُريد ڪرڻ دا خيال نہ رکين، عاشق رهين نِرالا
هو ديوان مشائخ نہ ٿِيوين مست قِرين متوالا
سِلسلہ تا ٿِيوي نہ ٿيوي، سچو رکڻ سنيالا
١٢٥. ٿيوين مست مريد نہ رکين، وا جا راهہ ديواني
آمد رفت نہ چاڻن ڪڏهان، بيخود كرن بياني
ٻي سڌ سُڌ اُنهان نون ناهين، رهندي لامڪاني
بزرگي، مخدومي، شيخي، سٺِ سچو ساماني
١٢٦. عشق ديان باتيان سُڻو مئين آکان، ساري لوڪ سُڻائين
عشقدا ماريا ڪوئي نہ چٽي، ڳالهہ اِها چت لائين
عاشق نام جنهيندا سچو، پيرين تنهن پوائين
١٢٧. جِسم اُهين تي آءُ جُهليان، اُهي لک سوين تلواريان
تِکي ٹُکري تي ڳئي اُهي بازوان تنهنديان ساريان
آيان چڙهہ عطار دي اُتي، فوجان حُسن قراريان

Scanned by CamScanner

سِرُ ڏتا تنهن سورهيہ آتان، سچو چول سِتاران

۱۲۸. هي دم هُو دا بحر حقيقت هيئي، آءُ سڃاڻين
خاڪي جسم اُهين وچ پوڙين، هرگز عُذر نہ آڻين
اندر ٻاهر ظاهر هوندا، جيڏي ڏيکين تيڏي پاڻين
سچو گم ٿيوين تون اينوين، رمز اِها ئي ڄاڻين

۱۲۹. عشق لڳا تنهن پچي، رهہ ڳئي ڪٿ عزيزي خويشي
آپون آپ قبول ڪريسي، سارا دم درويشي
ساري لوڪ مريسن طعني، برهہ بُرا بدڪيشي
سچو يار هميشہ هوسن، درد واليان دِلريشي

۱۳۰. اِهين زماني دي وت بزرگ، ڇهي لطيفي اُنالِن
ڪسب ڪرڻ دم بند ڪرڻ، دا نهين سو آپ سنياِلِن
سچو يار سي آپ ڪُون ناحق، ڳالهہ ڪوڙي وچ ڳالِن

۱۳۱. مجلس ڪرڻ دم نال سهٽي دي، تہ ٿيوي لطيفہ جاري
عالم ڏيک آوي وچ عبرت زاري تنهن ڪنون زاري
مرُ ڄاڻن لوڪ ولي الله دا هي، ڪوئي مرد بخاري
جي مئين ڪنون پُڇو تہ سچو سُڃاتا، تنهن چاتي سِر تي خواري

۱۳۲. دع نفسڪ دي وت هرگز، راه نہ ڄاڻن ڪُوڙي
هستي والي ڪوٽ بٽا ڪي، ڪُنگري رکن مُوڙهي
مُنهن وچ مومن واه چئيجي، چت تِنهان دي چوڙي
سچو راه اِهائي اُهي لهسن، ڳالهيندي جي ڳوڙهي

۱۳۳. رمز اِها دع نفسڪ والي، آپ سائين فرمائي
تہ هستي چوڙ اسان ڏهون آوين، مست ٿيوين برجائي
پر ماءُ مني دا ڪوٽ اوسارِيُئي، سمجهہ نہ پيڙئي ڪائي

ڪُنگري تنهن تي جوڙ ڪڙايُئي، تئون بازي عجب بنائي
ڪُنگري ڪوٽ ڏونهين ڏاهه چوڙين، تہ سچو پئوسئي سُڌ سيائي
١٣٤. جوئي تا نا پئدا هويا، سو ئي ٿيا وت پيدا
جوئي پيدا اصل ڪنون ها، سوئي ٿيا ناپيدا
پئدا سون پيدا ٿيوي، تڏهان سچ بڻيندا
پيدا دي ڪل تڏهان پئوسي، سچو جان ناپيدا ئي ويندا
١٣٥. مئين خدا خدائي اپڻي ديوچ، آءُ پيوسي
اي سب حُسن اساڏا هويا، جنهن وچ آءُ ڪڙيوسي
چار مڪان رهيا وچ ڪتان، ڪت مڪان ڪِتوسي
لامڪان مڪان اساڏا، سچو نام ڳيوسي
١٣٦. آپڪو آپ ڪِتوسي، هر ڪنهن صُورت وچ سيلاني
هر ڪائي صورت ساڏي آهي، ٿيوسي لامڪاني
ڪُفر نڪو اسلام رهيو سي، اُتي لتا راه حيراني
سچو نام هويا گم اُتان، باقي سِرُ سبحاني
١٣٧. حق وسار تي آپ ڪڙوتئين ڪنهن اِهو سبق پڙهايُئي
طالب بي سمجهيندي وچون، ڪِيون ڪر آپ ڪڙايُئي
الله وچ ٿيوين گمُ سچو چڻ سارا ڪم بڻايُئي
١٣٨. سمجهايا مئين طالب تيڪون، سو آءُ سڻين سچ سارا
چاڻ زمين آسمان دي وچي، لائيندا نينهن نغارا
سَت سچو اِهو جان جُٿا پي، مار حقاني نعرا
١٣٩. عشق جنهان نال غمزا لايا، اور ڪتاب نہ پڙهسن
وچ ڪُفر اسلام مذاهب، عاشق ڪڏهان نہ اڙسن
مار نغارا حق دا سچو، سُولي سِر آءُ چڙهسن

Scanned by CamScanner

۱۴۰. نفس ميڏي دي اينوين شڪل، جيون ڪُتا گلر ڪالا
نِتُ نِتُ ڪاوي نِت نت ڪُوڪي، منگي نرم نِوالا
اسين رانجهو هڪ ٿيوسي ميان سچو، ٿيا نفس مئڏيدا مُنهن ڪالا
۱۴۱. کهڙي ڪارڻ ڪانگ اُڏايان، تون وَسين اساڏڙي وبڙهي
هووين هميشہ يار پيارل، درد منداں دي ديري
لٿي اسان ٿون سهڻا سائين، جهنگ سيالين دي جهيڙي
رانجهو مئين رَلمل رهيوسي، ڪؤن ڪميٽي ڪيڙي
سچو دا جهڳڙا عشقين والا، قاضي سو ڪؤن نبيري
۱۴۲. اي سڀ سيل بحر دا هيئي، ناڪا پرنا ڪِشتي
وچ درياء وحدت والي، ست چوڙين اِها هستي
گهنين حال وسار سيائي، جا ڪا ڳالهہ گذشتي
استقبال بي چوڙ ماضي ڪُون، منگ سچو سائي مستي
۱۴۴. ڪِشتي وهہ درياء تي ويسي رڪي اپڻين سگهہ نڪائي
ڏيڪڻ وچ ڏون ڪنديان ڍُڪن، اي بي نِگهہ آجائي
سمجهہ سچو رڪ فڪر اِهوئي، تا پئوسي سُڌ سيائي
۱۴۵. فڪر اهِين وچ پئو ڳياسي، آهيون يا وت ناهيون
ناهيون چاڻ رهياسي ساري، آهيون تابي ناهيون
الاالله نال رَل پئي، اِها لاوت ڪيڏي لاهيون
فرعوني، منصوري ڏونهين سچو، حرف ڪيهي وت ڊاهيون
۱۴۶. مسجد چوڙ ڳيس ميخاني، مئي دي جام پتوسي
مئين تو ڏونهين وسر ڳيوسي، بيخود ڪيف ڪتوسي
ڏوه ثواب ڪنون چُٽ پيوسي، سچو سارا ڏَنُ ڏتوسي
۱۴۷. شڪر ڪرون سؤ وار، جو دلبر نال ساڏي دل لائي

نال ميڏي رَمل رهيا پي حاجت رهي نہ ڪائي
هِجر وصال لڙهاءِ ڏتوسي، جائي هُئي تئي سائي
سمجهہ سچو رک فڪر اهِو جو، پؤسئي سُڌ سيائي
١۴٨. تُسان مَهين تيجهي نهين دي ٻولي، ساري سمجهہ نہ چاٽان
ڪيا هوسين، وت ڪيا تِيسين، وت ڪيا ويسين نہ سُڃاٽان
نهين آهين ڪون صحي نہ ڪرئين، سچو يار نماٽان
١۴٩. ڪيوين ڪريان مئين ڪيوين آکان، جو پرلي پرپيوسي
اورلي پر وسِر ڳيوسي، تڏهان هي حرف آکيوسي
سچو پاند نہ وچ ڏتوسي، جو هاسي سو تيوسي
١٥٠. بيخودي وچ وحدت والي، جڏهان اچانڪ آندي
آءِ دريا ء حيرت دي اندر، ٽُٻُ ٽُٻ غوطہ کاندي
سبحاني تي اعظم شاني، سچو اِهو حرف الاندي
١٥١. الف باب مُطالعہ ڪِيجي، بي تي ثي نہ سٽيجي
آوڻ الله جاوڻ هي اِهو، دائم دم ڏريجي
نال يقين تصور ديوچ، سبق سنيال پڙهيجي
ڏوجهي باب حرف بي سچو ڪنهندي ڪاڻ ڳٽيجي
١٥٢. الف سڃاڻ جي سالڪ پيتي، سي بي تي ڏهون نہ ويندي
شرح مُلا ول ڪافيا ڪڏهان عاشق نهين پڙهيندي
غير خيال ڏهون ڪَنڊ ڏيسن حقا حق ٻڻيندي
نعره مار اناالحق والا، سچو سُولي، پڪڙ چڙهيندي
١٥٣. نہ مئين ڪيتا ڪڙڪا تسبيح، نہ مئين زُهد عبادت
نہ مئين زور زبردا ڪِيتا، نہ مئين تقوئي طاعت
سچو دا تيا بخت سوايا، جو ڪِيتي عشق عنايت

Scanned by CamScanner

١٥٤. يار آکيا وت عاشق کُون، جو نال اساڏي اڙسي
فوج حُسن دي سِر اُهيندي، چُپ چُپاتي چڙهسي
تاب نہ جهلي ڪنڪ اُهيندا، يا ڀڄسي يا ڪڙسي
جڏهان لڱس تير تڏاهان، توبہ توبہ پڙهسي
دست ساڏي هِن خوني خنجر، يا بچسي يا مرسي
سچو حاضر هوت اڳاهون، هرگز نا او مُڙسي
١٥٥. وقت ڪنهين پاتشاه حُسن دا چُپ چُپاتي چڙهدي
زنگي رُومِي رَل ڪراهڻ، نال غريبان لڙدي
صمد صمهد پڙهاون سيڪُون، آءُ سچو جڏهان اڙدي
١٥٦. رُوم مُلڪ پاتشاهہ ۾ زنگي، ويکي سيل بحر دا
موجان موج ڪريندا ڏاڍا گهاءُ وت نظر دا
بيٺا تيراندازي ڪردا، ماري ڪانُ قهر دا
هووَنِ هميشہ قائم آتان، شل سچو شاه شهردا
١٥٧. ڪِشتي وچ بحردي ڏنم، تنهن وچ مير ملاحان
چتيان مارن مڇلي کُون، نهين ڪوئي غرض اُناهان
ڪم اُنهاندا ايهو جيها، جو مار گهتن پاتشاهان
هند ۽ سنڌ تي فلڪ نہ آٽن، سچو مارن مُلڪ سپاهان
١٥٨. وچ تلاءُ پاٽي دي، ٻيٺي ڏوَن شهزادي شعوري
ڪردي عالم نال حڪومان حڪم، زور آور زوري
دست ڪمان اُنهان دي آهي مارن تير لهوري
تِنهان ڪنون ٻچ ڪوئي نہ ويندا، ڏيوَن ساه سڱوري
سَچو صف بصف عُشاقان، جان جُٿا سر گهوري
١٥٩. جو ڪُجهہ جيون نال سُهٽي تا ول ول عشق لائيجي

Scanned by CamScanner

نيــنـهـڙا عُمـر نـبـاهـين سـاري، قـابـو پـيـچ پـائـيـجي
طـعـنـا تـهـمـت تـوڪ لـوڪـانـدي، چشـمـين چُم چائِـيـجي
سُـمـهـڻ جاڳڻ وچ يـار سـچو پـئـي، اي تـا ڳالـهـہ ڳائـيـجي
١٦٠. اي دل وچ ٻُڌاپــڻ، ڪـيـهـي مـقـصـد خيـال رکـائـين
ڪـيـا شـبـاب جوانـي سـاڏي، جا ڏوجهـي ڳالـهـہ آکـائـين
رنــگ ربــاب دنــيــا دي ڪـِتـلـي، سـچو يـار وکـائـين
١٦١. وچ حـضـور هـادي دي يـارو، پـانـهـان ٻَڌ ٻَهـيـجي
آپ ڪـون چاڻ سـچاڻ سـاروئـي، ڪـلـمـہ ڪُفـر ڪَهـيـجي
گم ٿـيـوين ڪـنـون گـم ٿـيـوڻ، نـا ٻـي ڪـنـهـن ٺـاه ٺـهـيـجي
رنــگـان ٿون لــگ جاويــن سـچو، بـيـرنـگ هـوڪـي رهـيـجي
١٦٢. جان جان مـسـجد مـنـبـرمـنـاري نـهـين سـي ويـران ٿِيون
تــان تــان راه قــلـنـدر والا، حـاصـل ڪـڏهـان نـہ ڪَريـون
ڪـيـا جي ٿِيـوَن لـطـيـفـہ جاري، اي بـي هُـنـر بـڻـيـوِنِ
ڪـشـف قـلـوب قـبـور ڏوهـين، اپـڻـي سـو صـحـاب اٿـيـونِ
حـفـظ قـرآن ڪـريـنـدي سـارا، ٻـي لـڪ ڪـتـاب پـڙهـيـونِ
روئــڻ خوف ڪــنــون هــڪ ربـدي راتـو ڏيـنـهـن ڏريـونِ
اي سـب ڳالـهـين ايـهـان جيـهـان، ڏي ڪـرڪَن سڻـيـونِ
اِتون مـقـصـد اُهـي نـہ لـهـسـن، مُونـجهـان وچ مَريـونِ
جيـئـي مـرد مـحـبـت والـي، سـولـي ڪـول ڪـڙيـونِ
عـاشـق انـاالحـق دي چوتـي، ڪـلـمـہ نـال چڙهيـونِ
حـق دي وچ ٿِيـوَن گم سـيـئـي، ڏون ٿـي ڪـجهـہ نـہ ڳڻـيـونِ
وحـدت دي وچ دريـا ء وچون، نـهـريـن اَشَڪ اُڙهِيـون
بـاقـي ذات بـقـا دي رَهـہ ڳـئـي، سـچو غيـر لڙهـيـون

١٦٣. غازيان تون غم ڪيها يارو، جو سِردا سانگ نہ ڪردي
وچ ميدان محبت والي، مردان مردي مردي
نال اُنهان دي ٿيوي نہ پاڙا جيئي هوون بيدردي
سچو عاشق ايوين سُڃاپن، رُوءِ جنهاندي زردي
١٦٤. دوست پُڇيندا پهون غم والي، ياران غازيان نون
نال يقين تحقق چاڻين، نينهن نہ هيئي نمازيان نون
سُڌ اِهين تا سِر دي ناهين، سچو مُليان قاضيان نون
١٦٥. عاشق رِند ڪتي ڪوئي يارو، ليسين يا نہ ليسين
پُوتي پيا هوسين سوچاڻون راتيان ڏينهان رب سين
ڪڏهان تا آفتاب نہ لڪدا، عاشق مول نہ چپسين
اِهي نشانيان تنهنديان هونديان، سچو صُلح اُهيندا سبِ سين
١٦٦. سهڻيان نال مئين سهڻان هووان، بِن سهڻيان مئين ڪوجِهي
ٻاجهہ حُسن هوءِ هوءِ ٻي ٿيوي، دل مسئلہ ڏي مُونجهي
سچو راه هزاران وچون اِها، راه لڌي مئين سوجهي
١٦٧. رک ڪي وِرد وظيفہ اڳون، جُهڻ جُهڻ پهون ڪريندي
مسجد وچ مراقبہ ڪرڪي، مڪيان ويک مَريندي
سچي ڳالهہ هادي دي اُتي، نا اعتبار آڻيندي
رُجعت ڪاڻ دُنيادي سچو، نؤ نؤ سبق پڙهيندي
١٦٨. عشق دي مُنڪر اڳون نہ هرگز، ڳالهہ عشق دِي ڪريئي
اُهي وچ وظيفہ سُونهين هوندي، عُمر ڳَئي تنهان پڙهئي
ڪالي مُنهن تِنهان دي هوسن، جي ڪوڙ اهِين وچ ڪڙئي
سچو صَدق اُنهان تُون ٿِيوان، جي عشق وچون آءُ اَڙئي
١٦٩. مسجد ديوچ ڪاڻ ٺُڪر دي، ڏيوَن بانگ صلواتان

مُنهن چِٻي، ڏاڙهي ڏنگي، خام پڙهن خِلواتان
عالم ليکي روزي رکدي، نِتُ کاوڻ ديان آفاتان
سچو راه نہ اِيها سچدي، بره واليان ٻيان باتيان

١٧٠. شيخي تي مخدومي، ڏونهين اي تا ساري تڳي
اِها جماعت جوڙ والي، سا ويک برهہ کنون ڀڳي
آءُ اچانک نال محبوباندي لئون جنهاندي لڳي
سچو پڇي پير نہ رکدي، جو پِرت تِنهاندي تڳي

١٧١. مخدومي، مجذوبي، ڏونهين ڪڏهان گڏ نہ ٿِيسن
عشق عقل دي راه نِرالي، هڪ ٻئي کُون نہ منيسن
هڪڙي طرف الله دي دوڙن، ٻي دنيا طرف پئيسنِ
هڪڙي شربت شيرين منگن، ٻئي مَئي دي پيالي پيسنِ
هڪڙي عُمر منگيسن سچو، ٻئي محبت وچ مَريسنِ

١٧٢. جامہ سياه وٿاء ڪريندي، ڪم ايهو وچ شيخي
ويک زبان دراز ڪتيني، دلق ڏکي سؤ ميخي
سچو ڳالهہ اِهين وچ چاٽين، دل تنهاندي ريخي

١٧٣. مئين تا بزرگ ٻهون ڏني، جو بازي عجب بنيندي
عشق درد دي ڳالهہ ڪڏاهان، نامنظور مَنيندي
عاشقان تي ره دي ڍلي، حاسد هَجو آٿيندي
عاشق وچ درياء حيرت دي، سچو يار ٿِبيندي

١٧٤. مَکر بازي وچ ڦکل گهٽيري، طرحون طرح ڪريندي
نوعون نوع عالم دي اڳون لاف گزاف مَريندي
اسان اينوين تي اسان اينوين، سي کوٺي ماڻ ڀريندي
کوڙي کوڙ والي تا سچو ٻيني ٻاٽ ڏريندي

Scanned by CamScanner

١٧٥. خلق جماعت ميل كراهڻ، آپكون پير سڏيندي
دست جَهپال، مُصلي كُلهي، كورا كوڙ ٻڌيندي
درد بنان دلبر دي، او سڀ بيجا كم كَميندي
سچو دا ايهو سخن سچا كستوري، آپ اَڏيندي
١٧٦. كِتي وچ وظيفي رهه ڳئي، كِتي وچ نفلاتي
كِتي وچ زهد عبادت، كِتي ٿئي دعواتي
كِتي خوش ٿِيوَنِ وچ گوشي، كِتي وچ رُجعاتي
كِتي خوش مَستين وچي، كِتي وچ كراماتي
كِتي كشف قبور وچي خوش، كِتي وچ درجاتي
سچو لكان وچون كريندا ،كوئي عشق والي اثباتي
١٧٧. بزرگ شيخ مشائخ يارو، نا مخدوم ٿِيوسي
نا قاضي نا معلم، مُلا، نا كوئي پير ٻڻيوسي
بازي جوڙ نه عالم كِيتي، رنگ رساء ركيوسي
سچو درد عشق دي ٻاجهون، كوئي نه هُنر سِكيوسي
١٧٨. قاضي سچ آكان مئين تئينون، چوڙ مسائل مُصلي
آءُ پيوون هك سركي مئي دي، مول نه ٿيوين مُلا
سچو جنهن حق حاصل ناهين، راهه كنون اهو پلا
١٧٩. قاضي ساڙ كتابان كُون، هُڻ مُرشد اينوين فرمايا
آپ سڃاڻ تہ تون كِي آهين، عرف نفسه پُرجهايا
سچو راه كُفر دي سانون، مُرشد آپ ٻتايا
١٨٠. دلبر سانون اينوين آكيا، مئي دا پيالا پيوين
مُوتو اقبل اَنت مُوتُوا، مُئي پچاڻون جيوين
اپڻي سِر سڃاڻ ٻاجهون، همدم مُول نه ٿيوين

Scanned by CamScanner

اَپڻي ذات مَثاءِ جو پينئين، تيڏا مقصد ٿيوي ڪِيوين
جيوين حلاج نغارا ماريا سچو، مار نغارا تيوين
١٨١. سچ ڪڏاهين مُول نہ ويکي، پاڪ پليتيان جائين
هر ڪنهن جاءِ اُهين دا پرتؤ، تئيڪون آک سڻائين
سچو هر ڪنهن شيءِ ديوچ، اينوين سير ڪريندا سائين
١٨٢. جان جان تون گمراه نہ ٿيوين، تان تان راهہ نہ لَهسين
ڪاوين حرام ٿيوين پليت، پاڪي نال نہ ٻَهسين
سچو سچ پلؤ نهين ايندا، جان رتي "مئين" دي رهسين
١٨٣. مُلان ڇوڙ ڪتابان، پيوين مَئي دِي هڪ پيالِي
پلڪ تهين وچ قاضي ٿِيوَن، مستان مست موالي
سچو سبق وسار ڪراهڻ، هووَن محبت والي
١٨٤. مئين طالب زُهد نہ تقوي دا، هڪ منگان محبت مستي
ڏتي هُڻ استاد ازل دي، هٿ طلب دي تختي
سو مستي مُول نہ ٿيوي، جان جان هووي هستي
١٨٥. ڏونهين جهان وِسرگئي، سانون پيوڻ نال شرابون
پاڪ جايان سڀ ڳول رهيس، هڻ لذم دوست خرابون
سچو حق حاصل نہ ٿيوي، ڏيکڻ نال ڪتابون
١٨٦. ڪيهي ڪعبہ ڪيهي قبلي، اِهي تا سڀ بهاني
مَين ڪِيون نيت ڪعبي آٿون، پير مئيڏا مئيخاني
سچو آپ سايان فرمايا، هووين حق مستاني
١٨٧. لا نفي دا ڪلمہ، سانون مُرشد آپ پڙهايا
هٿيا ڏتس همت والا، جنهن سارا هوش گمايا
اسان بي تنهندي ڪِيتي يارو ،سِر مِهڻا چايا

Scanned by CamScanner

سچو تي قربان تهان تؤن، جنهان جا کي جوش جڳايا

١٨٨. وقت نماز ديگر دي، ڏٺم واه حُسن دِي چالي
پيچؤن پيچ لٽک پئي ڳل تي، وچ کيس بسيهر کالي
ڏوجهي ڏيک حکومت والي، نين نواب نِرالي
مزگان تير کمانان ابرو، مارن کرن نہ ٽالي
کائي غرض نہ رکدي کنهندي، مست قِرن متوالي
لعل لبان ياقوت رماني، مُهري منصب والي
سچو ڏيک اُنهاندي اِڱون، وچ کيتا هانءُ حوالي

١٨٩. روز ازل استاد اسان نون، هک سٽ پريت دي پاڙهي
سا وَتِ دِلدي تختي اُتي، چاهي کنون لِک چاڙهي
سچو عشق ٻُڌا نہ تيوي، کيا جي چِٽي ڏاڙهي

١٩٠. هک ڏهاڙي مُرشد مئنون آپ اينوين فرمايا
اِهٰو طريقہ وحدت والا، سانون ٻهون خوش آيا
سچو ڳالهہ عشق دي سچي، ٻيا سڀ پند اجايا

١٩١. دنيا دار دنيا دي ٻچي، طالب مُول نہ لڳين
ياد کرين جي مُرشد والين، او وَتِ ڳالهين اِڳين
سچو عشق الله دي ٻاجهون، تاتون مُول نہ تڳين

١٩٢. نہ مئين آدم سِر زمين تي، نہ ميري فلک هي فلکان
اِها امانت عاشقان والي، نهين مُيسر مَلکان
سچو سمجهہ ويکين سِرُ سارا، اي تان جهان ڏُون پلکان

١٩٣. عشق لڳا گهر وسِر ڳيو سي، مطلب سڀ تيوسي
سُود زيان کنون ميان سچو، هُڻ تا چُٽ پيوسي
حاصل آءُ تيوسي ساڳي، جو کُجهہ آءُ منگيوسي

Scanned by CamScanner

١٩٤. ڦلــزم ڪــارونـــيــار دي انـــدر، عــاشــق غوطــ مــاريــا
طــالــب تــنــهــن تــاريــڪــي ديــوچ، ڪِـيـتـي دم گــذاريــا
سچو ڦلــزم ڪــاوا يــج پــارِ ٿــيــا، جو شــيــشــا عــشــق اُڏاريــا
١٩٥. مــســـتـــي حـــال مــقـــرر هـــووي، واه عـــجب مـــجذوبـــي
مـــعـــلـــوم هـــئـــي لَؤن والـــيـــان نـــون، ســـارا راز رَبُوبـــي
ڪـيـا جي ڪـشـف قـبـوري هـويـا، ڪـيـا جي ڪـشـف قـلـوبـي
سـچو عـشـاقـانـدي ٻـاڳي پـئـي ڳيـا، ڏاڍا ڏک مـحـبـوبـي.

مُرغ نامو

١. لوڏيندي لامون، ڏاهو ڏار چڙهيو چوي
آندو اتم پاڻ سان، نينهن پريو نامو
توڏي ساريو سڄڻان، ڪَيَمِ راتيان روانو
پڙهي پروانو، مونکي جلد جواب ڏي
٢. ڪانگل آيم اڄ، پريان سندي پار ڏنهن
ڳالهيون جي ڪيائين سڄڻان، سي رُوح ٻُڌي ڪيو رَڄ
پڪيءَ ڪيو پَڄُ، ظاهر ڪيائين زبان سان
٣. ڏاهو اڄ ڏِسو، جو ويڙهي ويڳاڻو وَتي
پُورن منجهؤن پانهنجي، تو ڏيئي حال حصو
سرتيون! سُرسُٽي ڪري، هن خيالون ڪِيَم ڪِسو
ڪو قريبن قصو، تنهن سيڪاري موڪليو
٤. ڪيون وڪاٽيون وات، اڄ ڏاهي ڏار چڙهي ڪري
سُڻ سان ڪي سرتئين، لڳي چُپ چُپات
آتڻ واريون اُتهِين، لوٽياٽيون سان لات
روئن ساري رات، هَي هَي سوڪانگو ڪيون
٥. گهٽا ڏينهن لڳاءِ، ڇا هون ڪانگ قريب جا
ڪي دَم آڏو دوست جي، پلي ڪري پڳاءِ
هاٽي ڪِي تا تَنَ تڳاءِ، متان جهوريءُ منجهه جهڄي مران
٦. وات ڪري وائي، اڄ پڻ ڪانگ قريب جو
ڪي جو چيائين چُنهنب سان، تنهن لَڄَ ڏاڍي لائي
اندر ڪي آئي، چڻ ڇَر ڇيري سندي
٧. لئي لامر لَتو، ڪِي جو ڪانگ قريب جي

Scanned by CamScanner

تـــنـــهـــن لاڪـــيـــٽـــي جي لات جو، پـــوي ڪـــونـــه پَتـــو
ڪـــاڪـــيـــون! ڪـــيـــئـــن ڪَتـــو، پـــر اَڻ سُوريـــتـــيـــون ڙي آهـــيـــو
٨. ڪـــيـــهـــي ڪَـــر ڪـــانـــگـــڙو، اڄ ٿـــو ويـــڙهـــي مـــنـــجهـــه وتـــي
پـــســـي تـــنـــهـــنـــجـــو حـــالـــڙو، ڪـــاڪـــيـــون! ڪـــامَ ڪَتـــي
تـــنـــهـــن جي لات لَتـــي، ٿـــو جِيءَ ڪـــي جيـــاپـــو ٿـــئـــي
٩. اڄ لاتـــيـــون ڪـــانـــگ لَتـــيـــون، ســـي ڪـــي ســـٽـــو ســـرتـــيـــون!
جو ڪَـــهـــڻ ســـان ڪُـــهـــيـــون وجـــهـــي، ويـــڙهـــي مـــنـــجـــهـــه وتـــيـــون
ســـنـــديـــرن راز رَتـــيـــون، ٿـــو پـــڻ ڪـــري پـــڌريـــون
١٠. رويـــو رويـــو رَتُ، ٿـــو پـــڪـــي پـــارانـــيـــا ڏئـــي
تـــه پـــيـــريـــن وجـــهـــانءِ گـــهـــنـــگـــهـــرو، ســـي ڇمـــڪـــائـــيـــنـــدو وَتُ
تـــوکـــي تـــان ڏاهـــا ڏِسُ، مُحـــب اڳـــيـــون پـــي مَتُ
ڪِـــيـــئـــن جو ونـــي خط، سِگـــهـــڙو ســـاتـــيـــڙا وريـــن
١١. جو ٿـــو ڪـــانـــگ چوي، سٽـــيـــجو ســـرتـــيـــون!
وڏي ويـــل صـــبـــوح جو، ٿـــو چڙهـــيـــو لام لـــوي
اَلـــڪـــي ۾ نـــه اوهـــي، آتـــڻ ڪـــٽـــو اتـــهـــون
١٢. ڏاهـــو چڙهـــي ڏار تـــي، ٿـــو ڏئـــي ڏوراپـــا
پـــڌرا ڪـــري نـــه پِريـــنءَ جا، اُهـــو نـــازڪ نـــيـــاپـــا
آٽـــيـــو اوراپـــا، ڳالـــهـــيـــون ڳوري ڪـــي چوي
١٣. تـــرُ نـــه هـــڪ تـــوڙي، اڄ لامـــين لاڪـــيـــٽـــون لَئـــي
ويـــنـــو آهـــي وڳوڙجي، ڪـــنـــيـــن ڪـــي ڪـــوڙي
ڳالـــهـــه ڪـــرڻ ڪـــؤن ڪـــاڪـــيـــون! مُـــهـــن گـــهـــٽـــو مـــوڙي
پـــر پـــنـــهـــنـــجـــا ٿـــوڙي، چڪـــيـــون ڏئـــي ڇُهـــنـــب ســـان
١٤. هـــي روئـــي ســـان رتُ، لـــکـــيُـم ڪـــاغذ قـــريـــب ڏي

Scanned by CamScanner

ڏنو خُمارُ بي خَطُ، پڙهڻ ساڻ پرين کي

١٥. پينر کيئنُ پنو، هي جو نامو نينهن جو

خط خُمار ڏنو، جيڪر پڙهڻ ساڻ پرين کي

١٦. پڙهندي پرزو پرينءَ جو، پَلو کيئن پنوس

جيڪر خط خمار ڏنوس، جو آيس حبيبن ڏانهن

١٧. روئي زارو زار، پَنو لکيس کو پِرين ڏي

ڏنس خَط خُمارُ، اَول ئي عبارت ۾

١٨. آڻي عبارت، اجان لکڻ لڳي پرينءَ ڏي

روندي پريون رَتُ، اوتڻ ٻئي اکيون

١٩. عبارت آڻي، اجا جوڙي لکڻ لڳئي

ڏِيدن ڏُر داڻي، اچي اوتيا اُتهين

٢٠. نينهُن منجهؤن نامي، معلوم ٿيو محبوب کي

تہ پي پانڌي پيغامي، وِرهَ وڌائڻ آئيو

٢١. آيو اوڏاهون، اچ ساٿي سلامن سان

ماريُون ڙِي مان هَئون، اُها ويل نہ وِسري

٢٢. نامو رات نيو، قاصد پار قريب جي

پُورن منجهہ پيو، هُتِ واچيندڙ ورق جو

٢٣. جارؤن لکيم جو، کاغذ قريبن ڏي

حقيقت جا حال جي، واچڻ وينو کو

پڙهندي پَنو سو، تنهن کي انڊيون اچڻ لڳيون

٢٤. عريضو آڻي، ڏنو قاصد قريبن جو

هِن ويلي هاڻي، هيءُ سِر کريان صدقو

٢٥. نامو نينديئي، قاصد واٽ کِري پيو

Scanned by CamScanner

تنهن ويلي وينديئي، وِره وڪوڙيو نڪٽيا
٢٦. پڙهندي پنوئي، واچيندڙ وهلور ويو
لِڱين لرزوئي، اچي پيڙس اوچتو
٢٧. قاصد ايندي ئي، پيو شُڪارن ۾
نياپا ڏينديئي، ساتي، ساه متي ويو
٢٨. نامو سارو نينهن، جو پڻ لکيو سڄڻان
رات برابر ڏينهن، مونکي گوندر گذري
٢٩. ڪا جا ڪتابت، لکجي آئي پرينءَ ڏنهن
سچوري ثابت، مُون هوَّن واچڻ نه ٿئي
٣٠. پني ۾ پيغام، ڪي لکي مُڪا سڄڻن
سي نه سمجهن عام، جي آهن منجهه اشارتان
٣١. ڪي جو لکيائون، پني منجهه پريت جو
آهو پسي آئون، بيخود ٿيڙس سرتيون!
٣٢. ساتي ٿي سونهون، واچيندو ورق ڪي
سو منجهه مطالع مُون هئون، خوني خط پرين جو
٣٣. لکيون لَر لڙهان، ساجن سلامن جون
آهو پُرزو پاڻ پڙهان، ٻُڌايان نه ٻين ڪي
٣٤. مُنجان ڪيئن لکي، ڪتابت قريب ڏي
متان ساتي واٽ سِکي، ٻڌائي ٻين ڪي
٣٥. مُون ڏنهن اچ لکي، جاني جدائي مُؤن
ڪؤن ترار تکي، هُئي ڪتابت قريب جي
٣٦. لڙهان لَس لکيون، پرين پيغامن جيون
سو رقيب سِکيون، ٿو ٻُڌائي ٻين ڪي

Scanned by CamScanner

۳۷. رتُ اکين رويون، ٿي ساٿي سنيها ڏئي
نَهران نچويون، جارون جر هاري گهٽو

۳۸. نچوئيندي ننَهن، ٿي پاٿي کڏي پڏرو
وجهي ساٿي سُهن، تہ تون ڏيج سجدو سڄڻين

۳۹. کي جو لکيائين، سو مُلان وچي واچيو
هک سِٽ پڙهيائين، ٻي سِٽ سڏکن ۾ پيو

۴۰. کي جو مُحب لکيو، سو ملان واچڻ نائِيو
پرهئڙو اڳ سکيو، جنهن مطالعہ نہ کيو

۴۱. کوليو ڏئي خط، آيس جو عجيب ڏنهن
روئي اکيون رَتُ، کري مطالع مَنَ سان

۴۲. پُرزو پڙهڻ آئيو ، آتي مُلان مسيت منجهاءِ
سوزن سندو ساءُ، آيس سِپکنهن سِٽ مؤن

۴۳. هک سِٽ پڙهيائين، تنهن ٻي واچڻ نہ ٿئي
ائين اُتائين، تہ ڄَر چيري نہ جهليان

۴۴. نامي مؤن نروار، ٿي هيءَ ڄَر چيري سندي
تنهن پلک پڙهڻ وار، ٿيہ سڙي کارو کنگڙو

۴۵. رقعي منجهان راز، مڙيوئي معلوم ٿيو
تنهن منجهہ نياز، طرحين طرح لِکيو

۴٦ پهرين سِٽ سماءُ، ڏنو واچيندڙ کي
اُنهئن خط منجهاءُ، اچي چيون چيري کڍيون

۴۷ ڏوڙو ڏک پيوس، پني جي پڙهڻ سان
چڻ وچؤن ساهہ ويوس، هئي هئي کندي کاکيون!
جو نامن منجهہ لکيو، سا هُئي چيري جي ڄر

منجهؤن سڀ شهر، واچيندڙ ڪو لَيي
۴۹ پنو ڪير پڙهي، جو پڻ مُڪو سڄڻان
لکيو منجهه لَڙهي، متان پڌندڙ ٻُڌي مري
۵۰ واچيو جنهن ورق، جو پڻ لکيو سڄڻان
سو چڻ ٿيو غرق، درد واري درياه ۾
سگهي ڪير پڙهي، هو جو نامو نينهن جو
سِرون سِر چڙهي، موج مٿو تنهن نانهه ڪو
۵۲ ٿي خط ھليو، ساٿي سلامن جو
وِچَئي منجهه جهليو، وِرهه وڪوڙيو واٿ تي
۵۳ وٺي ھليو خط، پانڌي پار پرين جي
روئي روئي رت، تنهن هلندي حال وڃائيو
۵۴ لوهيڙو عشق جو، جو ساٿي ساڻ نِيو
اُهو ڪامي پاڻ پيو، جو، هو خوني خط پرين جو
هن پانيو نامون، پر شُعله هُئڙو شوق جو
جِند سارو جامون، تنهن جو سڀ سڙي پيو
۵٦ پرين ڏانهن نيون، تنهن ڪو خط خبر جو
پڙهندي ڏس هنيون، تَنهنجو ڦڙڪندي ڦاٽي پيو
۵۷ ڪو نامون نينهن نئين، پريان سندي پار ڏي
هَل ساڻ هِئين، مانَ انهن ڪي ارمان ٿئي
۵۸ رهبر روانو، ٿيو پريان جي پار ڏي
شال پهچي پروانو، سلامت ڪي سڄڻان
۵۹ ادا ايندو ٿي، وٺي سُک سنيهڙا
جاءِ ٿئي مُون جيءُ، ڏاها جڏهن ڏسانءِ ٿو
٦۰ ڪاغذ لکي ڪالهه، مُڪم جو محبوب ڏي

Scanned by CamScanner

ڳالهيون سنديون حال، ٿينديون پڙهڻ مؤن پڌريون
٦١ آئي رات رقم، مونڏي محبوب جي
تہ دوست وارو دم، ڪڏهن تون نہ وسارئين
٦٢ لکيو موتي مُون، ڪاغذ قريبن ڏي
اتم توهين تون، پي جو ناهم آسرو
٦٣ حبيبن ڏنهن هيئن، اديون لکجي آئيو
تہ تون مُون سان جيئن، آءُ تيئن توسان آهيان
٦۴. نئون لکيو آيوم، پريان سندي پار ڏي
سو لنؤ پريو لايوم، وتي حالُ هِنيانؤ سان
٦٥ جيڪر لکي موڪليان، هي خط هزارين
مانَ پڙهي منهنجا پرين، هي سگ سنيارين
شال وار نہ وسارين، اِهو اتم آسرو
٦٦ لکي خط مُنجان، هي پريان سندي پار ڏي
منهنجيون لک حُجان، توسان اتم تون جيئين
٦٧ پاندي پهچائي، وَرُ، عريضو عجيب ڏي
قاصد ڪونچائي، متان سُور وجهين ساهہ کي
٦٨ چئو ڪِيمَ تکو، مونکي پاروُن پرين جي
سرتيون! سي سِکو، جيڪر لائڻ لنؤ ڙي
٦٩ ليلهائيندو آئيو، پاندي اچ پَراءِ
وردس درد ڏُراءِ، جو مَت وچائي آئيو
٧٠ اِڳيئون مُحب مَني، متان ڪا منهنجي ڪرين
وَهندو وَرُ وَني، ساتي خبر ڪيِئن جي
٧١ وچي ڏيهہ ڏنو، ڪِي تو سندو سڄڻان
چڱيءِ طرح چِنو، پاندي ڏنئي پرين کي
٧٢ سوز پري سِٽ جا هُئي، سا ساتي ڪين سِکيو

Scanned by CamScanner

تـــ مـــتـــان ڏئـــي لَهـــس لـــڪـــيـــو، جو پـــڻ مُڪـــو ســـچڻـــا
۷۳. ســـنـــدو راز رقـــعـــو، آيـــو جو عـــجـــيـــب ڏنـــهـــن
ســـا سِٽ پـــڙهـــنـــدي ســـرتـــيـــون، ڳالـــهـــائـــڻ چُڪـــو
عـــاشـــق جي ارواح ڪـــي، چڻ لـــڳو تـــيـــر ٽُڪـــو
مـــونـــ ـــڏي مُحـــب مُڪـــو، ســـاٿـــي ســـلامـــن جو
۷۴ حـــبـــيـــبن هـــيـــڪـــار، آئـــين، وري مـــوتـــئـــين
ٻـــاٻـــيـــهـــل! ٻـــيـــهـــار، اچي ويـــهـــ اڪـــين تـــي
۷۵ سُٽـــيـــجو ســـوئـــي، جيـــڪـــو ڪـــانـــگ چئـــي ويـــو
ســـوهِـــيـــئـــين ســـان لائـــجو، ســـرتـــيـــون! ســـيـــوئـــي
۷٦ ڪَـنـڊيـون ڪُـنـدن سـان، وجهـان ٻـڪـيءَ ڪـي ٻـوئـي
جانـــب ڏانـــهـــن جوئـــي، آٿـــين نـــيـــاپـــا نـــيـــنـــهـــن جا
۷۷ آءُ ڪـــانـــگـــل! ڪـــائـــين، تـــا تـــوتـــي عـــطـــر اوتـــيـــان
اچڻ ٻـــاجهـــون تـــانـــهـــنـــجي، آهـــيـــان اُٻـــاٽـــڪ آئـــين
ڏاهـــا گـــهـــٽـــا ڏيـــنـــهـــڙا، مـــتـــان تـــون لائـــين
پـــيـــر آڻ پـــائـــين، تـــ مـــنـــهـــنـــجو ســـاه سُڏيـــر تـــئـــي
۷۸ ڪـــانـــگـــل آيـــم ڪـــالـــهـــ، وٺـــي ســـنـــيـــهـــا ســـچڻـــان
ٻـــي مـــحـــبـــت ري مـــقـــال، ڪـــانـــ ڪـــيـــان ئـــي ڪـــڏهـــين
۷۹ ڪـــي جو ڪـــانـــگ ڏســـي، ڪـــالـــهـــ اوڏاهـــون آئـــيـــو
پـــيـــس هـــنـــيـــانـــؤ ڦِســـي، ڳالـــهـــيـــون ڪـــنـــدي ســـچڻـــان
۷۹ مـــالـــهـــان مـــوتـــين جي، وجهـــان ٻـــڪـــي ڪـــي ٻـــوئـــي
ٻـــيـــريـــن ســـونـــا گـــهـــنـــگـــهـــرو، تـــا ٿـــئـــي سُوالـــو ســـوئـــي
ســـيـــنـــڌو ســـيـــڪـــوئـــي، مَر ٿُنـــهـــن جو نـــ ٿـــئـــي
۸۰ ٻـــڪـــيءِ ســـنـــدا ٻَر، ڪـــريـــان مُرصـــع مـــوتـــئـــين
جو آٿـــيـــو عـــجـــيـــبن ڏانـــهـــن، ڏئـــي خوب خبـــر
ٻـــيـــنـــر ڙي مُون ٻـــر، شـــال ويـــٺـــو ڪـــري وائـــيـــون

٨١ سَنيها جي سڄڻا، سي ساري ڏنائين
ائين اُتائين، تہ پاڻ نہ آڻج وچ ۾
٨٢ ڏار چڙهي ڏاهي، ڪي جو چيو جُهنب سان
اُهو مُون آهي، آڏر ڙي ارواح ڪي
٨٣ ڏاهو ڏار چڙهي، لسين تو لاتيون ڪري
ڪو نئون سبق پڙهي، اڄ پڻ آيو اوڏنهون
٨٤ ڏاهو متي ڏار، عجب اڄ لاتيون ڪري
تو سچؤ ڏئي سنيار، پريان سندي پار جي
٨٥ ڏاهو ڏار چڙهي ڪري، ڪِي تو جُنهب ساڻ چوي
اديون! سي اوهي، آهيو پڌڻ واريون
٨٦ جهنب ساڻ چوي، ڪِي پيو ڪانگل ڪاڪيون
پُورن منجهہ پوي، تو سٽي ساهہ سَنيهڙو
٨٧ مُحبن ڏانهن مَسين، اڄ پڻ ڪانگل آئيو
لاتيون واهہ لسين، ڏاهو ڏار چڙهي ڪري
٨٨ لاتيون ڪنديئي، ڪانگو هيٺ ڪِري پيو
هَئي هَئي هنڌيئي، ساتي ساهہ متي ويو
٨٩ ڪهيو هيئن ڪانگي، آئون چيائين چنهب سان
سڄڻ ڪنهن سانگي، وري ايندئي اِتهين
٩٠ جهنب ساڻ چئي، ڪاجا ڪانگل ڳالهڙي
ساري آتڻ سان اُنهي، ڪهڙي ڏِسُ ڪئي
پُورن منجهہ پئي، سڀ ڪنهن ائٿ ڦتو ڪيو
٩١ ڏاهي چڙهي ڏار تي، ڪاڄا لتي لات
ڏک ڏنائين سڀ کي، وائي آڻي وات
پيون ۾ هيهات، آتڻ واريون اِتهين

Scanned by CamScanner

٩٢ وري ڪانگ وريو پريان سندي پار ڏنهن
لامين لڳي لئوءُ، جو، تنهن ڏاڍو سُر پريو
ڪاڪيون ڪَنِ ڪريو، جو ٿو ڏئي سَنيهو سڄڻان
٩٣. سنيها ساري، منهنجا چوي محبوب کي
پرين تنهنجي پار جي، مُدت مون ماري
مُنج ڏهاڙي مُون مٿين، اُهو ڏاهو ڏياري
مَر سگهڙ و سنياري، ڏئي سِڪ سَنيهڙا
٩٤. سَنيهو سان سُورَ، چوي ٿو چُهنب سان
پون پاڙيچن پُور، پولي ٻُڌي تنهن جي
٩٥. ڏاهو چڙهي ڏار تي، ڪري هِيءُ مذڪُور
سنهين ۾ سُور، چوي ٿو چُهنب سان
٩٦ سڻو سنيها سرتيون! ٿو چڙهيو ڏار ڏئي
سارو ساه نئي، ٿو نازڪ نياپن سان
٩٧ ڏاهو ڏار مٿي چڙهيو، ڪري بره بيان
آتڻ تي احسان، ڪري ڪلامن ساڻ ٿو
٩٨ ڏاهيون سڀ ڏِسو، جو آيو ڪانگ قريب ڏنهن
وڃي جانِ جُٺو،نيو نياپن ساڻ ٿو
٩٩ وتيون ۾ ويڙهي، ٿو ڪاريون ڪانگ وهائي
رُوح نئين ريڙهي، سيڪنهن جو سرتيون
١٠٠ ريڙهيون روح نِئي، پسو سڀ جو پاڻ ڏي
سنيها جي سڄڻان، سي چڙهيون ڏار ڏئي
آتڻ ۾ افسوس ٿيو، تِنهن جي پير پئي
ڪَتي سگهي ڪانڪا، ڪوَن وهلور وِئي
ڪهڙي طرح ٿئي، وري سنباهو سرتئين

١٠١ وَيَس تَنــد ڇڇي، ڦَهــو ڦَٽِ ڪــري ڦيــو
سُٽي سنيـهـا نيـنـهـن جا، ڦئي جهوريءَ منجهہ جهڄي
انـــهـــيءَ ڦَٽ ڦِڇي، ڦَيـــس رونـــدي ڪــڦـــڙا

١٠٢ ويـڙهـي وتـنـديـئـي، ڪـانـگـي قـهـر ڪـمـائـيـو
ڪـاڪـيـون! ڪـنـديـئـي، ڦَيُمِ ڦُور ڦـريـان جو

١٠٣ صدقي ساهہ ڪريان، هِن ڪانگي توُن ڪاڪيون!
جي ڏئي سَنيـهـا سڄڻا، سي سانيـي ساه ڏريان
ڦـلـي ڦـيـر ڦـريـان، انـهـيءَ ويـلـي اوڏهـين

١٠٤ آٿي ڪـانـگ ڏنـيـاس، ڪـتـابـت قـريـب جي
ڪَتـنـدي ڦَهـو ڦَٽِ ڦَيُسِ، ڇوهـون تـنـد ڇُنـيـاس
ڦـيـڄوُن ڦـيـڄ تـيـاس، رونـدي چولـي چڪ ۾

١٠٥ هـلـي ڪـانـگـي هـڪ، ڪـاجا ڪَيَس ڳالـهـڙي
تـنـهـن مـام ٻُڌڻ سان رونـدي، چولـي ڪـيـائـين چڪ
تـنـهـن سـنـيـهـي مُوُن سِڪَ، ڦاٿـهـي ڪيـائـين ڦـڏري

١٠٦ ڏاهـي چڙهـي ڏار، ڪـا ٻـولـي هـي ٻـولـي
تـنـهـن ٻـڌي روئـي رت سـان، چِڪ ڪـئـي چولِي
چڻ هِنـئـڙي ۾ هـولـي، تـنـهـن جي هِنـدَن واري آئِي

١٠٧. سـڄڻ ڏانـهـن سَنـيـهـہ، آٿـي آتـڻ ۾ ڏنـا
چڻ ڏنـائـين سـيـن کـي، ڇُريءَ ٻـاجهـون ڇيـهـہ
ڏک ڦـريـائـين ڏيـهـہ، مـاريـون سـومـامَ سـان

١٠٨. سُٽو سَنـيـهـہ سـيـي، مـاريـون مـحـبـوبـن جا
لـڪـن مـنـجـهـہ لَيـي، ڪـا سُورائـتـي سُور سـان

١٠٩. آءُ ڪـانـگـا ڪـارون، تـوسـان ڪـريـان ڪـيـتـريـون
جو ڦـهـچائـين ڦـيـغـام تـو، ڦـريـان جي ڦـارون

Scanned by CamScanner

ڪي سچوءَ سنيارون، تو ڏاها ڏهاڙي ڏئين
١١٠. ڪارون ڪيئن نہ ڪريانس، جو تو ڏئي سَنيها سچڻا
پُئي پَر پڪيءَ جا، ساڻ جَواهر جَڙيانس
موتين ۽ لعلن سان، پينر ڪنپ پريانس
پيرين دست ڏريانس، جو آهہ نياپا ڏيندڙ نينهن جا
١١١. پڪي سوئبي پَرَ، تو اُڏري پار پرين جي
خوشيءَ جي بہ خبر، مانَ ڪا وٺي اچي اوڏنهون
١١٢. چڙهيون لام لَئي، اچ تو ڪانگل قريبن جو
سَنيها جي سچڻا، سي ڇُهنب ساڻ چٽي
پُورن منجهہ پَئي، تو ساهہ منهنجو سرتيون!
١١٣. چڙهيو لَئي لام، تو پوليون ٻاجهاريون ڪري
ڏئي سَنيها سچڻا، ٽُريون متي تامَ
ماريون ماري مام، جا تو ڏئي لِڪائي لوڪ کؤن
١١٤. پريان جا پيغام، تو ڏئي مڙئي مام ۾
سوين مُنجن سلام، جو ڏاهو ڏاهپ سان ڏئي
١١٥. پيو رهي چانيين، تو ڏئي سنيها سچڻان
آيل اولانيين، تو ڳالهائي ڳجهہ ۾
١١٦. سگهو اُڏامي آءُ، تون پکيئڙا پرين جا
سپ ڪنپ ڪريان تانهنجا، ساڻ جواهر جَڙاءُ
عطر ڪتوري اوتيان، پيا ماٽڪ تو متاءُ
ساري سنيهاءُ، ڪي آٽي ڏيج عجيب جا
١١٧. ماريو مام مَنجهي، ڪي تو ٽُريون تاريءَ تي چوي
سچڻ ڏانهن نَجهي، ڏاهو ڏک جي آئيو
١١٨. آٽي ڪانگ ڏنوس، کو عريضو عجيب جو

ٻينر! سڀ ٻنِوس، ڳاڙيندي ڳوڙهن سان

١١٩ مونڌي ڪالهہ مُڪو، دلبر دلاسن جو
ٻندو راز رقعو، سوپڻ واچيو وهسِان

١٢٠. واچيندي وياس، هاريون پنهنجي حال ڪؤن
نامي تنهن نياس، پاڻ لکيو جو سڄڻان

١٢١. ڪَانگا ڪتابت، ساري سانديج ساهہ سان
اِها امانت، ٻي ڪنهن عام نہ آڇئين

١٢٢. ڪتوريءَ ۾ ڪنڀ، لويان لاڪيٽا سيئي
جو ڳالهيون ٻُڌي تانهجون، چِپرؤن وَهن چَنڀ
تا پڻ اُتي ٿَنڀ، ويهيو ٿو وايون ڪرين

١٢٣. اڄ نہ انهيءَ ڏار، لامين لَوي ڪانگڙو
جيڪس پِريان پار، ڏسندي سو ڏک ٻريو

١٢٤. زاغ نہ ٿيءُ زَبُون، وئون اُڏامي اوڏهين
نہ تہ خاصو منهنجو خُون، پوندو ڳچيءِ تانهنجي

١٢٥. ڪاغذ قريبن ڏنهن، اڄ مونڏي آيو
ساجن ڪيو سعيو، اڇڻ جو هن پار ڏي

١٢٦. لِکو ۾ لامين، ٿو لاڪيٽو لاتيون ڪري
ٿَهڪندو ٿامين، ڏئي سَنيهو سڄڻا

١٢٧. چڙهيو مٿي چانڀ، اِئين چوي ٿو جيڏيون!
ڪج سِيني ۾ سانڀ، ساري سنيهن جي

١٢٨. سَاري ڳالهہ سچي، اچي ڪانگي ڪئي قريب جي
ريهي دل رچي، تنهن نازڪ نيا پاڻ سان

١٢٩. آٽيو ڏنا ڪرِ، ساتي يار سَنيهڙا
منهنجي پارؤن پڪيئڙا، وج دوساٽي دَرِ

Scanned by CamScanner

جو سڪ آهي مون سرِ، ميان! محبوبن جي
١٣٠. ڏنا ڪر آٽي، سندا سڪ سَنيهڙا
هِينئڙو مون هاٽي، آهي سچو سوداءُ ۾
١٣١. چڙهيو سِر چانيين، لَئي جي لاتيون ڪري
تہ سَنيها سانيين، جي تا مُڪئي سڄڻان
١٣٢. تڪيو تي تاريءَ، لَئي جي لاتيون ڪري
ڏئي سان زاريءَ، سي سَنيها سڄڻان
١٣٣. پارانيا پويون، وجهي ڳوري ڳچيءَ ڪانگ جي
ڪڏي آب اکين مؤن، لاءِ نينهن نِچويون
لُڙڪن سان لويون، تي هِئين لائيس هتڙا
١٣٤. چڙهيو ڏار ڏئي، سَنيها جي سڄڻان
تُوچڻ روح رڳن مؤن، سان نياپن نِئي
جُٺو جاءِ تئي، سُٺي پارانيا پرين جا
١٣٥. سُهٽي سا صُورت، مُون پڻ ڏٺي پرين جي
اڃي اُنهيءَ ويل ويو، هِنئڙو ۾ حيرت
سا چوڻ نہ تئي، چئي مُون، هَئي هَئي حقيقت
آءُ تا چا بيان ڪريان، آڳي جي عِبرت
ساري جسم جان ڪي، تي نيٽن ڏئي نئڙت
پوءِ جاڳڻ مون جار تيو، هاريون ۾ هجرت
تنهن حاميءَ حضرت، هر دل ڪي دلاسا ڏنا
١٣٦. اڄ ڪانگل آيو، ماٽ ڪندي مُونجهہ مؤن
سو تان منهنجي ساه ڪي، سرتيون! سيبايو
هيڏي هَلايو، اڄ محبوب مِهر سان
١٣٧. اڄ ڪانگا چئُہ ڪِيئن، سَرها ڏنئي سُپرين
حال اسان هت هڙا، ڪي هُتِ ٻي هُئا هيئن

Scanned by CamScanner

جَهام ڏئي جهڙ جيئن، تِيئن ٿي اوت اکين جي

١٣٨. ڏاها ٿيءُ نہ ڏُور، ويهہ مونکي ٿي ويجهڙو
کر کالهوکي ڳالهڙي، جا هوئن رات حضور
دوست اڳئين دستور، کي تعظيمان توکي ڏنيون

١٣٩. زاغ زبانون کڍي، اهائي وائي
پريان سندي پار جي، آهي توکي واڌائي
پُڇي حقيقت حال جي، هُت ساجن سيائي
تہ کِي عاشق خوش اسان جو، کَل ڏنئين کائي
مُون سان بيحد ڀلائي، کئي پرين پارؤن تانهنجي

١٤٠. الله لڳ اُڏام، تون موٽي محبوبن ڏي
وڃي ڏيج پرينءَ کي، اِهو پاڇيءِ جو پيغام
کِري قدمن تي پئي، سَو لک ڏيج سلام
آهي اوهان رئُ سپرين، هت مڙيوئي ماتام
اچڻ جو انجام، کر سگهو طرف سچوءَ جي

١٤١. نا تہ مري ويندو هيءُ، الله لڳ اچيج تون
توتؤن آهي تو جِيئن، جاني صدقي جيءُ
لاهہِ فراق فقير کؤن، والي ويجهو ٿيءُ
تون پڻ منهنجو جيءُ، آءُ بي نوکر تنهنجي نانءَ جو

١٤٢. هِي سيئي ساري، ڏيج سَنيها کي سڄڻان
اوهان ٻاجهون سپرين! هت گوندر گذاري
گهڙي نا گهاري، ميان وي محبوب ري

١٤٣. پکي سوئي پَر، اڄ اُڏاڻو اوڏهين
رَسيو وڃي اُتهين، اِهو پانڌي سمجهہ پَهر
آڏو عجيبن جي، کيائين سڀ خبر
هِت عاشق کي پي اوهان بنان، هِينئڙي منجهہ حشر

تـــو اوتـــي اکـــڙيــن مـــؤن، بـــارانـــي بـــحـــر
هـــاٺـــي ڏي دلاســو دلـــبـــر، مـــتـــان عـــاشـــق هُت مـــري وجي
۱۴۴. ڏار چڙهـــيـــو ڏاهـــو، تـــيـــو ڏيم دلاســـا دل کـــي
تـــہ صُبـــح ســـانـــبـــاهـــو، آهـــي اچڻ جو بــہ عـــجـيــب جو
۱۴۵. پـــکـــيـــئـــڙا پـــويـــانءِ، لـــڙهـــان مـــوتـــين سـنـــديــون
آءُ اُڏامـــــــي اوڏڙو، تـــــا سَحِر پَرِ جي ســـــــويــــانءِ
ســـي کـــنـــب کـــتـــوريءَ ۾، لاکـــيـــٽـــان لـــويـــانءِ
پــوءِ ســارو سَهـــويـــانءِ، هـــک هـــڪ کـــري هـــتـــن ســـان

وَحدتَ نامو

اول ساراهہ ڪر سبحان جي، موليٰ جو ملڪن
مڙيائي محظوظ ڪيا، ڏسو ڏيهہ ڏٽين
ڪي ڪامل ڪُرسيءَ تي چڙهي، وهَ وهَ وعظ ڪن
ڪي ڪاتب ڪتابن جا، سوين سبق ڏين
ڪي مسئلا مسائل ڪيون، ناميان نبيرن
ڪي پڙهيا پاڻ پروجهہ سان، پڙهيون پڙهائن
ڪي وردن وظيفن ۾، شاغل روز رهن
ڏسيون وائسيون ورق ڪي، وريون ورائن
سڪَ سچيءَ ڪؤن ڪو نڪو، سبق سُور سکن
اکَر لکن نہ دل تي، تا ڪاغذَ ڪارا ڪن
مَسُ ڪاريءَ جان مَنَ ڪي، تا ڪاري ڪارو ڪَن
مُدعا جنهن تئي ڳالهہ ۾، تنهن ويجهو ڪِين وَڃَن
جو فرمودو واحدَ جو، تاڏي ڪَنُ نہ ڪَن
”وفي انفسكم افلا تبصرون“، هِن ويسهَ نہ وسَهن
ٻين معنائن ۾، ڪاهَت ڪَيون ڪَهن
اِهو فِڪر فائدو نہ ڪري، توڙؤن ڪي تن

فڪر ڪن نہ فنا جو، ٿا بقا کي نہ پڇن
هي اُتي حيران ٿيا، اوڳا ۾ اڪرن
معنيٰ تن جي طرح سان، هڪڙي ڀي ڇوَن
پڙهيو سمجهيون علم تي عمل نہ آڻن
"مَن تعلم العلم للمناظره و المكابره" اُهي منافق مرن
هينڌن مِٽيءَ جي ڀِسي، ٿا پاڻ ئي لڪائن
آهي آفتاب اَبر ۾، پَر لائق ڪين لهن
منجهايو ماڻهن کي، ماضين مذهبن
محڪم ماڻهن کي ڪيو، تن جي زنجيرن
هُون حديثن ڪينڪي، نہ ۾ آيتن
ميجن تن کي ڪين، ٿيو ملا ٿا ميجن
سي سوگها سيئي ڪيا، نامراد نيرن
اکيا اکين وڏڙا، توڙڙن ئي ڏس تن
برهہ جي ٻئبان ڪڻن، پاسي اوءِ پوَن
هي پسڻ ڪڻن پري ٿيا ڪين پساء پسن
محبت جي مهراڻ مڻن، جي مُلا چاش چکن
تہ ڪنز قدوري ڪافيا، لهرڻ ۾ لوڙهن
ڪن سلام صرف کي، هوند نحو نہ نهارن
پرک لاءِ تنهن ڳالهہ جي، باس نٿا باسن
اُهي رهيا اتهين، مٿي ڪين چڙهن
ڪيئي آهن قال ۾، باتيون بس نہ ڪن،
کي وجي رسيا حال کي، کي بيٺا ٻاڏائن
کي دنيا جي طلب ۾، هنيا حرص هجن
"طالب الدنيا مؤنث" محبت ناهي تن
کي ڪوڏيا عقبيٰ جا ٿيا، هنيا لئہ حورن

" طالب العقبيٰ مخنث" ، مڙس نہ سي چئجن
عاشق جي الله جا، سي سائين سيبائن
" لا موجود الا الله" ، حاضر ڪيون وتن
" طالب المولیٰ مذڪر" ، هن رسايا رمزن
پٽي جهان ڦٽا ڪيو، ٽٽا ٽٽي جهان وچن
اصلؤن ئي اختيار ڪيو، فقر فقيرن
" الفقر خزينة من خزائن الله، بعضن کي بخشن
" الفقر لا يحتاج الي الله" ، ٻيون ڏنائون ٻن
" الفقر فخري و الفقر مني" ، ائين اُتو عجيبن
وتن ويڳاڻا ورهہ ۾ نيڻين ننڊ نہ ڪن
راتو ڏينهان روح ۾، چپ نہ ڪو چورن
" من عرف ربه، ڪل لسانه" ٻڌي زبان اُنهن
نشي تن کي " نانهہ" ڪيو، مورئون " مان" نہ چون
" قل ڪل من عند الله" اِهو ڪيائون ڪن
" والقدر خيره، و شره من الله تعاليٰ" ، سڀ اوڏاهون ڄاڻن
موليٰ جي محبت ۾، ڪيا ٿيا وتن
سڏ ڪا سيئي سوز جا، پنهنءَ رات پرن
آديسي ارمان ۾، گهوماٽيا گهمن
ڪين رئڻ ڪؤن ان جيون، اکيون اوڪارن
" هرآن سري ڪه بامحبوب دارند، خبر نبودڪراما ڪاتبين را" سر اهو سانين
هيهات هيهات، اها عادت اداسن
پنهنجيءَ پَر ۾ پاڻ ڪي، ٿا پرتئون پچائن
نهائينءَ ڪؤن نينهڙو، سکيو ساميڙن
مچ مچايو من ۾، ٻاڦ نہ ٻهر وجهن
عاشق مٿؤن آگ جي، اولارا ڏين

Scanned by CamScanner

طالب جي ٿئي حق جا، طلب نہ پئي ڇڏن
عينان سندين اوجاريون، اڇن اوجاڳن
انئي پَهَر عجيب کي، ڪنڌ اونڌي اورن
ڪا ساعت هڏ نہ سنرا، اُنهين ري آهن
ظاهر سي ٿي زبان سان، ٻيو تا ڪين ڪهن
مامن سان ماٺهن کي، سالڪ سمجهائن
صم بکم سڪوت ۾، اڳيون پئي عامن
"عينها باڪيه و قلوبها ذاڪر"، اهو ذڪر چون
آئي آڏو عام جي، اڳهين ڪانہ ڪهن
"اِن اوليائي تحت قبائي"، لائق لعل لڪن
"الصبر مفتاح الفرح"، صبر صابرن
بعضي موحد وحدتي، اهڙا ٻيي آهن
مست ڪئين منصور جان، سوريءَ سِرُ سٽن
محبت ۾ مخمور ٿيا، ڪامل ڪوڏ ڪسن
ڪرڪن ڪنجهن ڪينڪي، ڇڻ پار وهانءَ وڃن
رت منجهاروُن پانهنجي، وضو وير ڪرن
اِيءَ نماز عشق جي، تهوُن پوءِ پڙهن
جي محبت و ذا مامري، سي ڪيئن مڙس مُڙن
سوريءَ اُتي صابري، ڪيون ڇيڄ چڙهن
تحتون ترِيءَ تي رکيون، صادق سِرُ ڏين
ڪن سرُ صدقي دوست توُن، ٻيا ٻهہ ڪين پُڇن
نيِنهن نهوڙيا نڪٽيان، جنهن پر ڪاپڙين
هِٽي درد دهيون ڪيا، سندي سپيرين
ڪڏهن اچا ڪيڙا، ڏار نہ ڪنهن ڏکن
منهن ميرا مٿي ٿيرا، اهڙيون طرحان تن
ڪائي تن جي ڪا نڪا، جُڙي ليڙ لڱن

Scanned by CamScanner

مٿين پيرين برهنه، ايڏا سور سهن
پرٿيو پروانن جان، ڪاهيو تت پون
پنيڙ باهه عشق جي، سپورن سڙن
ڪامي لهسي لوسجي، لائق لعل ٿين
آوڙي عام نه اُن ڪي، جي سينڌائي سڄڻن
اڇو پون آڙاهه ۾، سر جو سانگ نه ڪن
ڏِجو ڪنهن جس جهوپڙا، آڏا ڪين اَڏن
اوڏنهن وٺ متان پوي، گهنگهر اِي گهارن
ري پريان تن ڪين ٻيون، ڳالهيون ڪَس لڳن
ڏاڍا ڦٿ فراق جا، تن جي چت چاڪن
ورهه وڍي واڍوڙ ڪيا، رويو رت رئن
"موتوا قبل ان تموتوا"، ائين من مارن
اُهي مرڻ ڪون اڳي مئا، "مان" ڪي ڪين مڃن
دشمن دوست هڪ ڪيون، گودڙيا گڏجن
ان جي اڪين آگم ستيا، ٻوندان ٻس نه ڪن
سر ڏيو سنوپرا، وٺي ورهه وٺن
"ترڪ الدنيا سنه طلب المولیٰ فرض" هو دل ڏرن
سويون چڏيون سڪڙا، گوندر گدارن
جوڳي جانب ڪاڻ ٿيا، مثل مستانن
اَبتر ڪيائون پاڻ ڪي، پسڻ لئه پرين
هاءِ وڃايو حالڙو، ويتر ويچارن
"هو مشتاق علي لقاءِ الله"، ائين محفوظ رهن
ڪي فنا فراق ڪيا، ڪي مليا محبوبن
آهه لقاءُ لطيف جو، عيدون عاشقن
محبت جي مڪان ڪؤن، لاهوتي لنگهن
واديءَ ۾ وحدت جي، دانهه پير ڏرن

Scanned by CamScanner

”تون-مان“ وچي وچ مؤن، تہ ڪي پاڻ پسن
شڪ يقين آئي ويو، برابر چون
هادي مريد هڪ ٿيو، تفاوت نہ ڪن
عابد ۽ معبود سو، هڪ نگاہ پسن
پاڻ پڙهي پاڻ ٻهي، پاڻ ئي سجدو ڪن
”پاڻ“ مڙيوئي ”پاڻ“ ٿيو، نوڙي نوڙت ڪن
پاڻ آئي، پاڻ ويهي، پاڻ رموز رڪن
پُرجهہ مڙيوئي ”پاڻ“ ٿيو، غير نہ پسائن
ڪافر مومن هڪ ٿيو، ٻيلا تا ٻائن
سو ئي فلڪ سوئي ملڪ، سو ئي آدمن
سوئي احمد سو ئي علي، سوئي هڪ سمجهن
نانوَ ڪئن اکين جا، وچون ئي وجن
بازيون بازيگر ڏسي، اِنهيءَ ٻت ٻلن
تا اکيون، ڪن، زبان سي، ٻوليون ٿيون ٻولن
اسين آهيون آدمي، بيحد مومن بشرن
ناتہ مڙيوئي پاڻ ٿيو، سميع بصير ڏسن
عين عليم ڪليم ٿيو، ٻيا سڀ شڪ پڇن
اصل الله مؤن آدمي، ثابت صورتن
مورت صورت هڪ ٿئي، ڏسج دل نيڻن
سوئي ڏسڻ وارو، سو منظور مجن
خالي ڪانہ جاءِ ٿي، بنا محبوبن
سيڪنهن هنڌين سپرين، ڇا جي جاءِ خسن
ڪاٿئين پٽرٽيون پٽ جون، ڪاٿئين دلقا ڪن
ڪاٿئين جاما زرجا، ڪاٿئين، پشمينا پهرن
ڪاٿئين سناسن ۾، ڪاٿئين منجهہ مُلن
ڪاٿئين معرڪن ۾، ڪاٿئين منجهہ ڪُنڊن

Scanned by CamScanner

ڪاٿئين مسيتن ۾، ڪاٿئين ۾ دائرن
ڪاٿئين رهن تقويٰ ۾، ڪاٿئين ۾ ناچن
ڪاٿئين تماشن ۾، ڪاٿي ساجن ۾ سيرن
”خلق الاشياءَ فهو عينها“ ، منجهه عربيءَ ائين چون
پاڻ چوندڙَ، پاڻ ٻڌندڙ، پاڻ ئي ۾ ٻولن
سمونڊ سرگردان ٿيو، پيو ۾ عجبن
”آءُ اصل پاڻي آهيان، ڪيئن سمونڊ سڏن
نانوَ مٿم ناحق جا، رکيا الاجي ڪن!“
جي رسيا وچي وصال کي، سي چوُرنگ پار پسن
اول ڪفر پوءِ مڃڻ، پوءِ تان منجهه ڪُفرن
پر ڪفر مسلماني هڪ ٿي، مڙيوئي مڃن
نفيءَ مؤن اثبات ٿيو، ٻيا سڀ ”لا“ ٿين
مرشد ڪامل هادي منهنجو، دائم درازن
عارف عبدالحق آهي، صوفي صاف سين
هئي شال چراغ سو روز شبان روشن
عارف جي اولاد کي، دعا سڀ ڪرن
حيرت ۾ هميشه سي، غازي سڀ هُئن
عشق منجهه الوث هُئن، سيئي صاحبن
تا ڳهٽين طرحين نانوَڙا، مٿي ”نانهه“ رکن
ڏيو روشن تن جو، تائين قيامتن
اُجرائي آفتاب کان، هادي شال هُئن
اظهر هُئن دارين ۾، برڪت پنجتن
هوئن خليفا غوث جا، سي روشن ڪانئن هُئن
قائم مسند تن جي، حُرمت خير سندن
”سچو“ سگ انهن جو، سندن دروازن
ڪلمو چئو نبيءَ تي تا چئو ڪانءُ چِينِ

Scanned by CamScanner

بيت سنڌي سَسُئي جا

١. ناهي ويچاري وَسُ، جو ڪري مات پئي رهي
ڪنهين چن نہ چڙيان، سندو گورن گسُ
ڏونگر منجهان ڏَسُ، پوندم هوت پنهونءَ جو
٢. وَيَم لالن لوءِ، هِيءَ آٽاسي ننڊ ۾
پُلي هِئين نہ پانئيو، پيو پروڙڻ پوءِ
هوت وَتِمِ جي هوءِ، تا سُک گذاريون ڏينهڙا
٣. مُنهن ڏيئي آيام، جبل جهاڳڻ ڪيچ جا
طعنا تهمت لوڪ جا، سِر چڱا چايام
پَتِ پلي پايام، سِهرا سُور پرين جا
٤. هِيءَ نماڻي نال، سنگت نِجو ساٿيو!
ايندي پُنيءَ آنجي، جيهي تيهي حال
هِن ڳوليندڙ جي ڳالهہ، ڪا هُئي هوتياڻن ۾
٥. رُئڻ زارو زار، راتو ڏينهان آهِ مون
ڪوڙي ڪانَ قريب ويو، هِينئڙي منجهہ هزار
هِن گوليءَ جي گفتار، ڪا ٻُڌيَوَ پاروچن ۾
٦. وڃڻ ذوق ضرور، هِن ڪاهِل آهي ڪيچ ڏي
ڏسان شال اکين سان، هوتاڻون حضور
منهنجو ڪو مذڪور، ٻُڌوَ پاروچن ۾
٧. سرتيون سِڪ سبيل، اندر منجهہ عجيب جي
راتو ڏينهان ٿي ڪريان، زاريون منجهان زِيل
هِن ڪميٽيءَ جي قِيل، ڪا هئي هوتياڻن ۾
٨. پرين ڏيئي پُور، ويا ويچاريءَ ڪي
تنهن دنيا جو ڏور ڪيو، سيو شوق شعور
هِن مُئي جو مذڪور، ڪو ٻُڌوَ پاروچن ۾

Scanned by CamScanner

۹. ريءَ ڪَرَ تنهن گولي، آهيان آرياڻيءَ جي
جو ڏنائون ڏيل ڪي، سو جهليم جهولي
هِن ٻانهيءَ جي ٻولي، ڪا ٻُڌيوَ ٻاروچن ۾
۱۰. ساريو پڇي سات، سنديون ڪيچن خبرون
هيڏي اچڻ جي هُئي، ڪيچيڙن ڪِي ڪاتي
منهنجي ڪا مصلحات، ٻُڌيوَ ٻاروچن ۾
۱۱. لڪين ڏيئي لت، پاٽي ڪريان پڌرو
سارو وندر ووڙيان، جيڏيون! ڪارڻ جت
منهنجي ڪا مصلحت، هئي هوتياڻن ۾
۱۲. ڪري سات سوال، تہ ڪيچن جي ڪا ڪَل ڏيو
جا چڏيائون چپرين، موتڻ تنهن محال
هَئي هَئي آرياڻيءَ ري، مهڙا ٿيڙم حال
سندي هِن سنيال، ڪا هئي هوتياڻن ۾
۱۳. راتو ڏينها رَتُ، اوتڻ آيم اُن ريءَ
آيل عشق عليل ۾، شال نہ پوي قط
جبل سڀ جهاڳي وڃي، جيڏيون ڏسان جَتُ
هِن مُئي جو مَتُ، پوي مذڪوُر پرين ۾
۱۴. اثر ڪيو افسوس، مُئي جي مِرُن ڪي
جوڌ تنهين جي جوس، سارو روح رتيون ڪيو
۱۵. گوندر گذاريام، سي تان ٻِلا ڏينهڙا
سيڪنهن ساعت سپرين، ٿي صَحي ساريام
هي ڪشالا ڪاريام، ساعت هڪ سُمهڻ جي
۱٦. ڪوڙين قرباني، ٿيان هوت پنهونءَ تان
ساه سري صدقي ڪريان، سندن مهماني
هي جوٻن جواني، ٿي اجائي گذري
۱۷. جبلُ جالون جال، سو مُون ڏورڻ نہ ٿئي

وڏا وڻ وٽڪار جا ڪافن ڪوه ڪشال
هي مون ڏسي حال، پاروچو پاجهه ڪري

١٨. پاجهه پاروچا ڪر، مون تر تيليو نه تئي
ويچاريءَ جي وڙ، ڪر بلوچا بئي بان ۾

١٩. ڏکن منجهان سک، مون تا لڌا جيڏيون!
ڏوريندي ڪي ڏک، سونهان تيڙا سڄڻان

٢٠. هِن سهانگا سک، جي ساري عالم آئيا
ڏور مهانگا ڏک، جي ورتا وِره وارئين

٢١. سينڌيون جي سکن، تنين گوندر گهوريا
ڏنم ڪاڻ ڏکن، هي سِرُ سارو سَٽ ۾

٢٢. سکيون کوهه پچن، سنديون ڏکن خبران
سي هِن وهانءُ وچن، ڏيل ڏکايا جنجا

٢٣. ڏکيون پڇن ڏک، سکيون پڇن سکڙا
هِنکي حاصل جو تيو، جيڪي منجهان جُک
پر نينهن وارن جي جُک، لڳي لوريءَ وارئين

٢٤. گوندر ڪيئن گهوريان، جنهن ڪَيَس سينڌي سڄڻان
جان تَک پئي توريان، تا ڏک موچارا سکن کئون

٢٥. جي گوندر گوش نه ڪن، ڪُهه پيون سي سرتيان
جن سنگت ساڻ سکن، سي پاٽئون هوت پري ڪيون

٢٦. گوندر گهمي جي لهان، تا سک سَوين ساڙيان
آءُ پڻ ڪيئن پاڙيان، ڏک سکن سان سرتيون!

٢٧. جنين گوندر گوش، آءُ گهٽو تن نهاريان
جال اُنهن ۾ جوش، سدا آهي سرتيون!

٢٨. جي سارو پچان لوڪ، تا گوندر وارو نه لهان
هڙو يَلو توڪ، ڪهين ياڳ پرائيو

Scanned by CamScanner

۲۹. گوندر ڏينهن گذار، جان تون جيئين جندڙا
سوئي عهد پار، جوئي كيئي پِرينءَ سان

۳۰. سُكن واريون سَوَ، كاكا وِرهه واريي
تُرت اُنهيءِ كان تَوَ، پڳيون آتڻ واريون

۳۱. آتڻ واريون آئيو، ٿيون آتڻ اُجارين
جي گوندر گذارين، آتڻ تن اَوك ٿيو

۳۲. سارو لوك سُكن، پوءِ رهايو پِرينءَ كؤن
ڏسو واه ڏكن، هوت وهاريو هَنج ۾

۳۳. گوندر آه غرض، جي مُون سڻو سرتيون!
فنا سڀ فرض، كري سو سُنت سين

۳۴. اچج آري ڄام، كو مُنهن موڙهيءَ جو كرين
مُون كؤن مير مُدام، هي ٿَر ٿيليو نہ ٿئي

۳۵. آءُ تون پنهون يار، ڏسي حال حقير جو
هِن نماڻيءِ نكار، هي ٿَر ٿيليو نہ ٿئي

۳٦. هِن دَم آري آءُ، ناهيمِ حال هلڻ جو
مُون نماڻيءَ كانءُ، ٿَر ٿيليو نہ ٿئي

۳۷. ڏيهہ سندوَ ٿيو ڏُور، رهبر ٿِي رُڃن ۾
مون ويچاريءُ مُور، هي ٿرٿيليو نہ ٿئي

۳۸. ڇپر تا م ڇڏين، آءُ هوتياڻي حَب ۾
هِن كميڻيءُ كڏين، هي ٿرٿيليو نہ ٿئي

۳۹.جي هَئي كميڻيءَ كَل، تا صُبح ويندو ساٿڙو
تا مُون تنهن مهل، پُرزا پُرزا پاڻ كيو

۴۰. اُها هتان ويل ويام، كاكيون! هاڻي كيئن كريان
ٿيلڻ ٿَر ٿيام، هاڻي هوتياڻن لئي

۴۱. هَئي هَئي كارڻ هوت، ڏونگر ڏورڻ آئيا

ميان تائين موت، ووءِ ووءِ تان وساريان

۴۲. ووءِ ووءِ تا م وسار، متان مات ڪري وِهين
ٿيو پرِ تنهين پار،جاتي ٻيو ناهه ڪِي

۴۳. ڪِيم وساري ويهه، ووءِ ووءِ ڪر وندر ۾
پچڻ ڪارڻ پرينءَ جي، پاڙي پيهه
ڏيهه ڏٺين جو ڏيهه، حاصل ٿئي حُب سين

۴۴. متان وِهين مات ۾، منجهه جلدي جل
هَئي ويهه نه، هَل، تاڪِين پچين پند ڪي

۴۵. گوندر جن گذاريو، ڪاٿؤن سي لهان
هڪڙي رات رَهان، وجي وِرهه وارئين

۴۶. گوندر جن گذاريو، ڪاٿؤن لهان سي
حال پنهنجو هي، وجي ڏسيان ڏکن وارئين

۴۷. گوندر جن گذاريو، آءُ تنين گولي
هينئڙي ۾ هولي، هوندي ڏکن وارئين

۴۸. گوندر جن گذاريو، سُور پچان سيئي
پِرهه جي پيئي، تنين مٿي ماٿڙي

۴۹. گوندر جن گذاريو، پيهي سي پچان
اُنهن لڳ لِچان، گهٽو آءُ اُپاٽڪي

۵۰. گوندر جن گذاريو، آءُ پڪي تن پيهي
وِجان ڪيئن ويهي، وتان واسُ وِرهه جو

۵۱. گوندر جن گذاريو، آءُ تنين گهوري
سدا مُون جهوري، آهي وِرهه وارئين

۵۲. گوندر جن گذاريو، مُنهن تنين مشعل
ڪا مُون پوي ڪَل، اُنهن جي افسوس جي

۵۳. گوندر جن گذاريو، مُنهن تنين مهتاب
سنديون نينهن نواب، آهن وِرهه وارئين

Scanned by CamScanner

٥٤. ويهه نه وساريج، متان ماٺ كري وهين
قول اهو پاڙيج، هُو جو كيڙئي هوت سان
٥٥. متان وساريين، ووءِ ووءِ كر وندر ۾
جي گوندر گذاريين، سي تو چڱان ڏينهڙا
٥٦. چڱو گوندر غم، جي مُون پُچو جيڏيون!
منجهه كشالي كم، آهي وره وارئين
٥٧. مونكان ٿئي نه پنڌ، آري ڄام اڇيج تون
هاڻ ڏي مُون هنڌ، پاڻيءِ ڏاري سپرين
٥٨. آريءَ جي اڇڻ جو، روز نهاريان راه
آڻيندس الله، مُون سِرُ صدقي كيو
٥٩. آريءَ اچين شال، نماڻيءَ جي نجِهري
هي مُون ڏسي حال، كريــن غور غريب جو
٦٠. گهڻا ڏينهن ٿيا، مون ڏوريندي ڏونگرين
جي مُون سڌ كيا، سي ٻُڌي ٻاروچا وريـن
٦١. ٻُڌي ٻاروچا وريـن، هِن عاجز جون آهون
درد پريون دانهون، كري ٿي كافن ۾
٦٢. ويم نكري قافلو، آءٌ متي راه رهي
ٻاروچا ٻهي، هت ٿي وِره وَسائيان
٦٣. ويٺي وِرهُ وسائيان! كانڌ اچي لَهه كَل
جاني تنهنجي جَل، منهنجو اندر آڌَ كيو
٦٤. منهنجو اندر آڌ كيو، فنا هِن فراق
مِري ٿي مشتاق، كا كَرِ وَرَ وِلهيءِ جي
٦٥. وَيم نكري قافلو، هاٿي كيئن كريان
ويٺي ڏُك ڏَريان، پرين ري پرڏيهه ۾
٦٦. ويم نكري قافلو، ڏاڍو ڏيئي ڏُك
ويٺي ساريان سُك، جو هيكند هيس هوت سان

٦٧. ويم نــڪـري قــافــلــو، ڪــائــي نـــ پـئـي ڪــل
ســيــنـــي انـــدر ســـل، اتـــم آريءَ چام جا
٦٨. ويم نـــڪـــري قـــافـــلـــو اديـــون! آڌيءَ رات
ٻـــاروچاڻـــي جات، ڏســـان شـــال اکـــين ســين
٦٩. ويم نــڪـري قـافـلـو، ڪـل نـــ مـون پــيـئـي
حـــال ســنــدم هـــيـئـــي، مـــانَ ٻُڌي ٻـــاروچو وري
٧٠. ويم نـــڪـــري قـــافـــلـــو، آءٌ مـــتـــي راه رهـــيـــاس
جيـــڏيـــون آءٌ جيـــاس، جي مُنـــهـــن ٻـــاروچي ڏســـان
٧١. جي مُنـــهـــن ٻـاروچي ڏســان، تـــا ســيـئـــي ٿـين سُک
ڏُور ٿـــيــن مُون ڏک، پَســـڻ ســـاڻ پـــريـــن جي
٧٢. ويم نـــڪـــري قـــافـــلـــو، آيـــل چُپ چُپـــات
ٻـــاروچاڻـــي جات، مـــانَ مـــونـــســـين ڪـــو وڙَ ڪـــري
٧٣. ويم نـــڪـــري قـــافـــلـــو، آءٌ پـــيـــريـــن پـــيـــادي
ٿـــئـــي مـــون شـــادي، جي مـــنـــهـــن ٻـــاروچي ڏســـان
٧٤. ويم نـــڪـــري قـــافـــلـــو آءٌ پـــڻ ڪـــٽـــان پـــيـــر
ڏک ڏئـــي ويـــا ڏيـــر، مـــانَ ٻـــاروچو ٻـــاجهـــ ڪـــري
٧٥. ڪـــر ٻـــاروچا ٻـــاجهـــ، هِن مـــون نمـــاڻـــي تـــي
ويـــتـــي وجهـــان واجهـــ، اوهـــانـــجي اچڻ لـــئـــي
٧٦. مُون هـــتـــان پـــيـئـــي، ڏوهـــ نـــ مـــتـــين ڪـــو ڏيـــان
حـــال چوان هـــيـئـــي، هـــلـــي هـــوتـــيـــاڻـــن ڪـــي
٧٧. هِن ڏڪـــيءَ ڪـــان ڏيـــر، وجهـــي وِٿ وڏي ويـــا
ڏورڻ هـــاڻـــي آئـــيـــا، ســـرتـــيـــون! ســـپ سُمـــيـــر
پـــڇي لـــهـــان پـــيـــر، آيـــل اوٺـــارن جا
٧٨. آٿـــي ويـــا اوٺـــار، ڪـــٽـــي ســـات ســـويـــل جو
هـــاڻـــي اديـــون آئـــيـــا، ڏورڻ مُون ڏونـــگـــار

Scanned by CamScanner

پيا پي هوت هزار، منهنجو پيچ پنهونءَ سان
٧٩. منهنجو پيچ پنهونءَ سان، ازل لاڪون آهه
هاڻي وِهڻ چاهه، پينر هِن پنيور ۾
٨٩. چڱي پنهونءَ چتِ، سدا آهي سرتيون!
هوت بنان مون هِت، ڪريان ڪوهه پنيور ڪي
٨١. ڪريان ڪوهه پنيور ۾، پنهوءَ پڇاڻاءَ
سوز چڪايو سائَ، وهڻ مون وِهه تيو
٨٢. ڪريان ڪوه پنيور ۾ وَر بنا ويهي
جيهي جي تيهي، آءٌ تا سندن آهيان
٨٣. ڪريان ڪوهه پنيور ۾، پڇاڻا پرين
وار نه سي وِهن، جَنين متي مامرو
٨٤. ڪريان ڪوهه پنيور ۾، هاريون بنان هوت
مُون تا تائين موت، ووءِ ووءِ هڏ نه وسري
٨٥. گولن گڏ گذران، ڪاڪيون! ڪنديس ڪيچ ۾
آريُ تيئي ارمان، مانَ ڏِسي حال حقير جو
٨٦. توري ماڙِ نه مُون، سَڻ منهنجا سُپرم
مونکي گهرجين تون، لوڪ رُنوئي گهوريو
٨٧. عُمر اجائي گذري، وَهِي آيم هيءَ
آءُ سپاجها سپرين! پرورَ ڪارڻ پِيءَ
ناهي جيئڻ جِيءَ، ڪر وَر ويچاريءُ جي
٨٨. عمر اجائي گذري، اچا تيا اظهار
زاريون ڪَيو سُپرم، رُئان زارو زار
مَتم آههِ ميار، ڪر وَر ويچاريءُ جي
٨٩. عُمر اجائي گذري، ڪارن مَتيو رنگ
مُون نهارڻ نه تئي، سانول! سارو سَنگ

Scanned by CamScanner

هِن نماڻيءَ جو ننگ، آهه اوهان تي سپرين
٩٠. عُمر اجائي گذري، ڪئي جوين جاڙ
بالا هِن بلور جا، چئين طرفين چاڙهه
اي ڪامل قربدار، ڪر وَر ويچاريءَ جي
٩١. عُمر اجائي گذري، هوت نه گڏيس آن
اهڙيئي احوال جي، ووءِ ووءِ آهي مان
ٿئي نه ميلو جان، تان سباهه نه وڃي سرتيون!
٩٢. عُمر اجائي گذري، ههڙو تيڙم حال
ڪنهن سڻايان سرتيون! اِهوئي احوال
آرياڻي الحال، ڪندو غور غريب جو
٩٣. مٿي راهه رنجور، ويچاري واڪا ڪري
سگهي ويندي نِڪرِي، هوتياڻي حضور
موٽي هڏ نه مُور، پسڻ ريءَ پرين جي
٩٤. جان مُون مِلان هوت، تيسين تائين نه مارن
ماريون تائين موت،اِهو اٿم آسرو
٩٥. وِندر جي نِي وٽن ۾، ڪري واڪا ويچاري
جا محبوبن ماري، تنهنجو موٽڻ مَس ٿئي
٩٦. وِندر جي ني وٽن ۾، زور ڪري زاري
آهِ برهه باري، هَئي هَئي هوتياڻن جو
٩٧. وِندر جي ني وٽن ۾، زور ڪري زاريون
مُئي ڪي ماريون، هوت وڃن ٿا نڪريا
٩٨. مارڳ مٿانهون ٿيو، مارڳ چڙهي ڪير
سا پڇي ساٿ سوير، جائي مارڳ تي مري
٩٩. جي تون مارڳ تي مَرين، وڏا طالع تي
سانول ساڳي سو، مٿان تو هٿ ڏئي

١٠٠. مَلهي مارڳ مَر، تان تون تنين جي تِئين
جبل هار نه جَرُ، ارتو اکڙين مؤن
١٠١. مارڳ جي مُئين، تا هُئين هوتياڻين هَنج ۾
وچي کيچ سُئين، تا ويچاريءَ وَس کيو
١٠٢. مارڳ مَرن جي، وَرُ تنين کي ويجهڙو
هئي هئي هوتن کي، ٿئي ارمان اُنهن جو
١٠٣. مارڳ مرڻ آهي، گهوريو جيڻ جيڏيون!
پير نه پوئيون پاءِ، عاشق مَرُ اڳي ٿئين
١٠٤. مارڳ آهي مرڻ، جيڏيون هِن جيڻ کؤن
لائق ناهي لکن ۾، کُوکان کانڌ کرڻ
پوءِ نروار ورڻ، آهي عاشقن کي
١٠٥. مارڳ مران شال، دُعا کريجو جيڏيون!
هوت هڙي حال، مانَ مٿان مون هٿ ڏيئي
١٠٦. مِهر نه مٿان لاهي، مُون تا نماڻي تؤن
هي ڏکوئي ڏاهي، اَڻ مُلهه آهي اوهانجي
١٠٧. مِهر نه لاه مٿام، آءٌ اوهانجي آهيان
جي کامل سَڏ کيام، سي ٻُڌي پاروچا ورين
١٠٨. جيهي تيهي حال سين، پاڻ وجهڻ مون پند
روئي پوڻ رَندِ، پنيءَ چام پنهونءَ جي
١٠٩. هَئي آءٌ هوتن جي، ناهيان آوڙڻ جيهڙي
حال پسي مُون هي، مانَ نماڻي نال نئين
١١٠. سات سويلو سرتيون! وڏيءَ ويل ويوم
وندر جي وڻن ۾، ڦولڻ هوت پيوم
ٿيلڻ ٿر ٿيوم، هاڻي هوتياڻن لئي
١١١. عُمر اجائي گذري، هَئي هَئي هڙي حال

Scanned by CamScanner

تائين اڄ نه مون ٿئي، سندي هوت سنڀال
مونکان پڇن ڪين ڪي، ڪافن جا ڪشال
پنهنجي قرب ڪمال، ڪر وَر ويچاريءَ جي
١١٢. عمر اجائي گذري، هھڙا حال ٿيام
چُپ چپاتي سرتيون! وٺؤن هوت ويام
هو جي ڏونگر ڏاڪڙا، ڦولڻ سڀ پيام
اڄ صبح ايندامِ، ڪندا وَر ويچاريءَ جي
١١٣. وندر ۾ وِيهان ڦولن پيون پريڻ ڪي
نال جنين نينهان، هوت تنين جي هنج ۾
١١٤پرڻ هوت پنهونءَ ڪي، آٿي عشق ڪيو
سچو سڱ ٿيو، هھڙي هوتياڻن سان
١١٥. اَڻ مُلهي آهيان، ٻانهي ٻاروچن جي
سڀ چپر چايان، آهُنِ ۾ دانهن سين
١١٦. هَئي وچي هي قافلو، چپاتي چايون
مُنهن ڏئي آيون، آهون سانهون عشق جيون
١١٧. مِهرَمَ لاهه متام، آءُ اوهانجي آهيان
جي ڪامل سڌ ڪيام، سي ٻُڌي ٻاروچا ورين
١١٨. اندر آڳ عشق جي، ويو ٻاروچو ٻاري
ڪارڻ ڪوهياري، متي راهه رُئان گهٽو
١١٩. هوندي هوتياڻن جي، هِيءَ ويچاري وڳ
آءُ تنهنِ لالڻ لڳ، متي راهه رُئان گهٽو
١٢٠. هو سياڻا سپرين، عاجز هِيءَ اَچاڻ
آءُ تنهن ڪوهياري ڪاڻ، متي راهه رُئان گهٽو
١٢١. سچو ٻَڌي سندرو، لڪين ڪندو لوچ

Scanned by CamScanner

ٻڙيون لڳ ٻروچ، متي راهه رُئان گهڻو
١٢٢. اديون! آريچن جي، كافون پونديم كَلَ
كارڻ كوهيارل، متي راهه رُئان گهڻو
١٢٣. سرواڻن مون ساڻ، پلون پلائي كئي
جن جاڳايو جوش کي، آءُ اُتنِ قربان
ٻاروچاڻون ٻاڻ، تڏهن لئون لون منجهه لڳي رهيو
١٢٤. متي راهه رُئان گهڻو، كا مون لهن كَل
ماڙيون سڀ محل، ويني وِرهه وسائيان
١٢٥. متي راهه رُئان گهڻو، آءُ اوڻارن كاڻ
هاريون ايندم هاڻ، ڏک كڍندمِ ڏيل مون
١٢٦. متي راهه رُئان گهڻو، آءُ تنهن لعلن لڳ
جت ٻيا پي جڳ، هنجو پيچ پنهونءَ سين
١٢٧متي راهه رُئان گهڻو، كارڻ كيچئڙن
سِگها شال اچن، كرن غور غريب جو
١٢٨. متي راهه رُئان گهڻو، كارڻ كوهياري
مُئي كي ماري، وڃ نه منهنجا سپرين
١٢٩. پنيءَ هوت پنهونءَ جي، هِيءَ ويچاري ويندي
سڄڻن نه سيندي، آءُ تا آهيان جيڏيون!
١٣٠. پنيءَ هوت پنهونءَ جي، هِيءَ ويندي ويچاري
ضعيف زاري، كندي در دوستِ جي
١٣١. پنيءَ هوت پنهونءَ وجي، هاڙهي كي هلنديون
سُور وجي سلنديون، كشالا كافن جا
١٣٢. پنيءَ هوت پنهونءَ جي، هاڙهي هلنديون سي
جَتن اُتون جي، سِرُ كريندون صدقي
١٣٣. كيچؤن آيو قافلو، مُون كَر پچيائون

Scanned by CamScanner

ڪَرم ڪيائون، هِن مُون نماڻيءَ تي
١٣۴. ڪيچؤن اچي قافلو، مُون وٽ ٿيو مهمان
آرياڻي اڳواڻ، ڏي دلاسو دلگير کي
١٣۵. ڪيچؤن آيو قافلو، رات موچاريءَ رُوءِ
مَڙيوئي خوشبوءِ، ٿيو سارو شهر ڀنڀور جو
١٣٦. ڪيچؤن آيو قافلو، ڪٺي ڪستوريءَ بار
هر ڪنهن هنڌ هڪار، ڪيائين سارو شهر ڀنڀور جو
١٣٧. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، رڳوئي راحت
ساريان سا ساعت، جا هيڪند هُيس هوت سان
١٣٨. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، آهه مَتر محڪم
سندو دوستيءَ دم، ڇڏيان نه ڇِن ڪهين
١٣٩. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، آهه نِسورو نُور
راتو ڏينها روح ۾، مُحبن جو مذڪور
وڃڻ آهه ضرور، ڪاڪيون! ڪيچيئڙن ڏي
١۴٠. ٻاري ٻره ٻلوچ جو، هيٺن جو همراه
روهه منجهارون راهه، ڪاڪيون ڏَسي ڪيچ جو
١۴١. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، سدا مون شامل
ڪيچ ڏٺي ڪامل، مونکي پور پسائيو
١۴٢. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، اونداهي اوَجر
ساٿي آهه سَير، ڪون ڇڏيندو ڇپرين
١۴٣. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، اديون سِر آيوم
وِره وَسايوم، نِينهن پنهنجي نجهري
١۴۴. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، تَن کي تَقوِيَت
سندي سُور صفت، ڇپين نه پَرِ ڪنهين
١۴۵. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، هاريون هدايت

Scanned by CamScanner

ڪندو ڪفايت، پاڻون چاڻي پنڌ ۾
۱۴۶. ٻاري ٻرهه بلوچ جو، سارو سعادت
هيٺن حمايت، ڪاڪيون! آهي ڪاف ۾
۱۴۷. ڪاف ڪشالا ڪيترا، ٽڪيءَ مُون نہ ٿين
جيڏيون! ڪاڻ جتن، متي راهہ رُئان گهڻو
۱۴۸. ڪاف ڪشالا ڪيترا، ڪڏهن مُون نہ ڪيا
وٺؤن هوت ويا، ڪٽي سات سَويل جو
۱۴۹. ڪاف ڪشالا ڪيترا، پڇن مُون نہ هتاء
اڄ آرياڻي آءُ، ٿي وسيلو وٺڪار ۾
۱۵۰. ڪاف ڪشالا ڪيترا، پري آهن پنڌ
رويون چُمان رند، هِي اڄ اوٺارن جا
۱۵۱. ڪاف ڪشالا ڪيترا، مارڳ آهہ منزل
آهہِ ڪوهيارل ڪَل، ناميا نماڻن جي
۱۵۲. ڪاف ڪشالا ڪيترا، هزارين فرسنگ
نهاري ڏي ننگ، ڪر وَر ويچاريءَ جي
۱۵۳. ڪاف ڪشالا ڪيترا، ڪوڙين آهن ڪوهہ
مونڪؤن جهاڳڻ نہ ٿين، رُڪؤن ڏاڍا رَوهہ
ٿُنهنجي پچان توهہ، ناتہ ناهِم حال هلڻ جو
۱۵۴. ڪاف ڪشالا ڪيترا، آهن جال جبل
لَهہُ ڪميٽيءَ ڪَل، ٻاروچا ٻاجهہ پئي
۱۵۵. ڪاف ڪشالا ڪيترا، بَر وڏا بئيبان
اڳنان ڏيَنمِ ڪينڪي، هلڻ هِي حيوان
آءُ آرياڻي اڳوان، ٿر نہ مُون ٿيليو ٿئي
۱۵۶. ڪاف ڪشالا ڪيترا، دقت آئون تصديع
اچي پهچج پِيَ، مون هن نِماڻيءَ تي

Scanned by CamScanner

١٥٧. ڪاف ڪشالا ڪيترا، مارڳ متاهون
توکي ڪري سپرين، دردمندي دانهون
تون اچج اڳاهون، ناته تي دوست دَمُ ڏيان

١٥٨. مِلي مارڳ جي مَرين، تئي قدر ڪيچيئڙن
تورو وڏو تَن، تنهنجي اچڻ جو تئي

١٥٩. عُمر اجائي گذري، ڪارڻ متي رُوءِ
خام منهنجي خُوءِ، ڪر وَر ويچاريءَ جي

١٦٠. آتي ڪمر ٻَند، لوچ تہ لهين سپرين
هوتاڻن جو هند، ڏسين اکڙين سان

١٦١. ڪيچؤن آيو قافلو، رُوءِ موچاريءَ رات
سندي جتن جات، واسيو شهر ڀنڀور کي

١٦٢. ڪيچؤن آيو قافلو، ڪٿي عطر عنبير
تنهن سرهائي تاثير، ڪيو ساري شهر ڀنڀور کي

١٦٣. ڪيچؤن آيو قافلو، ڪٿوري ڪٿي
ٻي کهڙي ڳالهہ ڳٿي، واسيو شهر ڀنڀور کي

١٦٤. ڪيچؤن آيو قافلو، خوب ٿيس خوشحال
چڱو ٿيڙم حال، پَسڻ ساڻ پرين جي

١٦٥. ڪيچؤن آيو قافلو، ڀينر منجهہ ڀنڀور
هيءَ ڪميٽي ڪمزور، پر پرينءَ پنهنجو وڙ ڪيو

١٦٦. پريان سندي پار ڏي، پند عجائب آءِ
گهوري سِرُ گهماءِ، متي دَرِ دوسن جي

١٦٦. پند عجائب پرينءَ جو، سندو پيرن ناءِ
هنئين ساڻ هَلاءِ، پاڻ پنهنجو پرينءَ ڏي

١٦٨. پند عجائب پرينءَ جو، آه هلڻ سان حال
نڪا قال مقال، ٻي تا جُڙي اتهين

١٦٩. پنڌ عجائب پرينءَ جو، خاصو ساڻ خيال
فڪر سان في الحال، وڃي پسنديںءَ پرينءَ کي
١٧٠. پنڌ عجائب پرينءَ جو، سِسي پير ڪرڻ
اِنهيئن ڏيان ڌرڻ، آهي قدم ڪيچ ڏي
١٧١. پنڌ عجائب پرينءَ جو، مان سين ڪين هلي
سائي چاه چلي، جنهن مان چڙي وڃ ۾
١٧٢. پنڌ عجائب پرينءَ جو، هلڻ هڪ نظر
پاڙي جي ڪنهن پَر، اِهو خيال ڪڙو رهي
١٧٣. سچو ڪج صبر، متي خيال ڪڙو رهين
ڪِينو ۽ ڪِبر، پري ڪرين پاڻ کؤن
١٧٤. پُنهون پنهون ٿي ڪريان، آءُ پڻ پنهون پاڻ
اَديون ٿيس اَڄاڻ، جو ڪين پروڙيم پاڻ کي
١٧٥. جان پروڙيم پاڻ کي، تا آءُ پنهون آهيان
ڪنهن طرف ڪاهيان، جو طرف مِڙئي تَم ٿيا
١٧٦. پيهي پروڙيوم، تا پنهون پاڻ ئي آهيان
پاڻ ئي منجهان پاڻ کي، هِيءُ پڙلاءُ پيوم
صحي ڪَن ڪيوم، تہ غير گمان آتي ويا
١٧٧. موٽي آيس ماٽ ۾، تا ڪيو شوق شڪار
هئي هِن نماڻيءَ کي، ووڙڻ ٿيو وٽڪار
طلب سين تڪرار، ڪشالي مؤن ڪم ٿيو
١٧٨. ڪشالي مؤن ڪم، ٿوري ڏينهن مؤن ٿئي
سوز گداز ۽ غم، رهبر ٿيندو راهہ ۾
١٧٩. قدر منجهہ ڪشال، مون تا لڌو جيڏيون!
وڏي وِٽ وصال، يڪسان يڪايڪ کؤن
١٨٠. جان جان يڪايڪ نہ ٿيان، تان تان ماٽ نہ مُون

Scanned by CamScanner

چِرا ۽ چُون، برابر، بيچُون ٿئي

١٨١. ڪيچيئڙن مون ڪالهه، دم دم دلاسا ڏنا
هَئي هَئي هِن جي حال، جي ويهي هت وسارِيان

١٨٢. ڪيچيئڙن مُون ڪالهه، اجان وَڙ وڏا ڪيا
اُنجي ڪارڻ ڪاڪيون! ڪنداسين ڪاف ڪشال
هَئي هَئي هِن جي حال، جو ههڙا هوت وساريان

١٨٣. هاريون ٿيس نه هيئن، جو ننڍ نماڻي نه ڪئي
تيان پيرادو تن جي، جَت ويڙم جيئن
ڪاڪيون ڙي آءُ ڪيئن، ههڙو هوت وساريان

١٨٤. سوين ڳڻ سندان، مُون ٿي ساريان سرتيون!
سِگها ٿيندا سپرين، مُون تي مهربان
وِهان ڪيئن مات ڪري، جو جيءَ متي جولان
آءُ ڪيئن ۾ ارمان، ههڙو هوت وساريان

١٨٥. موٽي ايندم شال، پاروچا پاجهه پئي
اَٿم آريچن ري، جيڻ منجهه جنجال
هَئي هَئي هن جي حال، جو ههڙو هوت وساريان

١٨٦. شال نه وسرين هوت، پيو سيو مُون وسري
مونکي تائين موت، هُئين اکڙين ۾

١٨٧. شال نه وسرين تون، لوڪ سيوئي وسري
مطلب اِهو مُون، جو پاٽؤن پري نه ڪرين

١٨٨. وَرُ مَ وساريج، هِيَ تاسنديَوَ آهي
وجي ڪيچ وٺن ۾، هِيءَ سَڌرساريج
تيتر مَ ماريج، جيتر توکي نه مڙان

١٨٩. ڪيو ڪميڻيءَ ڪَجُ، جو سُتي ساويلي رهي
اُنهيءَ جي افسوس سين، ڪيو محبت مچ

Scanned by CamScanner

پنهون چام پرچ، ناميا نماڻيءَ سان
١٩٠. تيون هِن هتاءُ، ڪيئي مُورائون مديون
پنهون ڏِسي پاڻ ڏي، آسڻ منهنجي آءُ
سانول توريُ ساءُ، اچي ماڻهن ڪين ڀنڀور جي
١٩١. ساري شهر ڀنڀور جي، ڇڏي لوڪ لذت
توريُ ڏئي ڪونڪو، ماڻهو عام عِزت
تئي ساه صحت، جي ٻيهر ٻاروچا اچين
١٩٢. هو جو ڪيچ وٽن ڪي، وڃي لڳي واءُ
سا وري شهر ڀنڀور ۾، اچي سرد هواء
جانب تنهين جاءِ سا جي، انهيءَ سان هَلي
١٩٣. وڃي ڪيچ وٽن ۾، تئين ڪوهيارل قرار
يا مُئي ڪي مار، يا پرين ني پاڻ سان
٢٩٤. هو جو ڪيچ وٽن مؤن، اچي واءُ وري
سو مونکي محبوبن جي، ڏئي خبر ڪري
وڃان تا مَ مري، جان ٻاروچي مُنهن نه ڏسان
٢٩٥. هو جو ڪيچ وٽن مؤن، وريو اچي واءُ
ماريون تنهن متاءُ، هي سِر ڪريان صدقي
٢٩٦. هو جو ڪيچ وٽن مؤن، واءُ ته آڻين واس
هي سِرُ سارو ساس، ڪوڙين قرباني ڪريان
٢٩٧. هو جا ڪيچ وٽن مؤن، هاريون اچي هِير
تئي صِحت منجهه سرير، ڏور وڃن مون ڏڪڙا
٢٩٨. هو جا ڪيچ وٽن مؤن، هاريون هِير اچي
تنهن سان مَن مچي، محبت ۾ محبوب جي
١٩٩. هو جا ڪيچ وٽن مؤن، اچي هِير هلي
سا پينر آهه ٻَلي، جنهن سان ساهه سُڏير تئي

Scanned by CamScanner

۲۰۰. هُو جا ڪيچ وڻن مؤن، ٿي هِير اچي هاڻي
تنهن آرياڻي آڻي، ڇڻ مونسان اچ ملائِيو
۲۰۲. ڪاڪيون! ڪيچ وڻن مؤن، هِير اچي جا هِيَ
پاڙيچون سان پِيَ، هِن مونکي اچ مِلائيو
۲۰۲. ڪاڪيون! ڪيچ وڻن ڏنهن، هي جو واءُ وريو
سندو ساهه سَريو، مطلب سارو مَن جو
۲۰۳. ڪاڪيون! ڪيچ وڻن ڏنهن، وري واءُ وريوم
سارو ڪاج سريوم، ڇڻ هاڻي گڏيس هن ڪي
۲۰۴هو جا ڪيچ وڻن مؤن، اچي هِير هَلي
تنهن ساري ڳالهه سلي، پريان سندي پار جي
۲۰۵. هو جا ڪيچ وڻن مؤن، لڳي تيز تنوار
سندي پريان پار، تنهن ڏنا دلاسا دل کي
۲۰۶. وڃي ڪيچ وڻن ۾، ٿئين سانول سُک
هي ڏکوئي ڏک، وڃهي گوندر ۾ وئين
۲۰۷. وڃي ڪيچ وڻن ۾، تون خاصا ٿي خوشحال
هِت هي نماڻي حال، ماڻ وري ڪو وڙ ڪري
۲۰۸. وڃي ڪيچ وڻن ۾، ڪامل ٿئين قرار
ويچاري ۾ وسار، جا اَجهي آهي آنجي
۲۰۹. وڃي ڪيچ وڻن ۾، ٿئين جانب جاءِ
هو جي اوري ڪيچ کؤن، سي مون لَڪ لنگهاءِ
پنهنجو پاڻ پِساءِ، ناته ٿي دوست دم ڏيان
۲۱۰. لاکون لاکين لک، مون نبيرڻ نه ٿيا
کوڙين آهن ڪيترا، راهن اُتي رَک
هَئي هَئي ڪارڻ حق، هي سارو ڏونگر ڏوريان
۲۱۱. روئي هاريان رَتُ، ووءِ ووءِ واتڙن تي

جيڏيون! ڪارڻ جَت، سارو وندر ووڙيان
٢١٢. روئي هارج رَتُ، هَئي هَئي هوتياڻن لئي
تنهن پوءِ جائي جَت، متان تو هٿ ڏئي
٢١٣. راهين هارج رَتُ، ڪاڪي ڪيچيئڙن لَئي
هو جو ڏونگر ڏاڪڙو، ماري پُڇِج مَتُ
ڏاڍيون مَهتان مير جون، جَهلي ڪج جهت
تہ پاٽؤن چاٽي جَتُ، ٺئي رفيق رُجن ۾
٢١٤. هَنجون رَتُ هاريج، تا روهن کي رهسو ٺئي
وار نہ وساريج، ههڙي هوتياڻن کي
٢١٥. آهي زورئون زور، جي تو محبت مَن ۾
ڏونگر ڏوريون ڏور، ههڙي هوتياڻن لئي
٢١٦. هاريون نہ هارِين، ارتو اکڙين مؤن
تون ڪِيئن وسارين، ههڙي هوتياڻن کي
٢١٧. چَاڙهيون لاهيون چُنج جيون، ڪوڙين آهن ڪوهہ
ڏئي مَهتان محبت وارئين، چپر ڏاڍي چوهہ
ناگهہ نِستَ نينهن کي، ٺا روارن روهہ
اچِي منجهان اندوهہ، متان تون ماندي ٺئين
٢١٨. وؤڙيندي وٺڪار، ٻَڌي سندرو سچ جو
پند اڙانگا پب جا، قابو نہ ڪوهيار
آهي رُئڻ زارو زار، ههڙي هوتياڻن لئي
٢١٩. آهي روح رتي، مونسين مون پرين جي
هٿان لڪ لَتي، ههڙي هوتياڻن لئي
٢٢٠. آهي ڪانہ اَٽڪ، آيل عشق وارئين
هٿان لتي لڪ، ههڙي هوتياڻن لئي
٢٢١. گولن گڏ گڏيان، پاڻ پنهنجو ڪيچ ۾

Scanned by CamScanner

پلؤ تان چڙيان، هڙي هوتياڻن جو

٢٢٢. گولئين گڏيندي، پاڻ ڪميڻي ڪيچ ۾
ڪنهن چن نہ چڙيندي، هڙي هوتياڻن کي

٢٢٣. گولين گڏيندياس، پورهئي ڪارڻ پاڻ کي
پنهنجي تا پرين کي، سائين سڏيندياس
ڪنهن چن نہ چڙيندياس، هڙي هوتياڻن کي

٢٢٤. ڪري ڏهر ڏير، آئي آڏيءَ رات ويا
تون ڪٽي وقت صبوح جي، پيرادِن جان پير
هُو ڏُکيو سات سوَير، وچي ڪيچ وٽن ۾

٢٢٥. وَيَڻن ڪيچيئين نہ ڪالھہ، تون اڄ تي پير نهارئين
هُو لنهگي لَڪ سَوان تيا، تو هت هڙا حال
ڪندئي سار سنيال، وچي ڪيچ وٽن ۾

٢٢٦. وڃي ڪيچ وٽن ۾، مانَ ڪري نماڻيءَ ياد
اندو هؤن آزاد، ڪندو ڪميڻيءَ کي

٢٣٧. وڃي ڪيچ وٽن ۾، ياد ڪرن مون مانَ
انهيءَ ۾ ارمانَ، ساهہ وڃي تو سرتيون!

٢٢٨. وڃي ڪيچ وٽن ۾، مانَ پڇن پورهيت
تہ هُئي نماڻي هت، پاڻي ڍوئي پانهنجي

٢٢٩. وڃي ڪيچ وٽن ۾، مانَ پورهيات پڇن
ائين پاڻ چوَنِ، تہ ويچاري ويجهي ڪريو

٢٣٠. وڃي ڪيچ وٽن ۾، ڪنهن ساعت سنيارهن
مانَ وري نهارينِ، پينر شهر پنيور ڏي

٢٣١. اچج آرياڻي، تون وري شهر پنيور ۾
آن ري اڪڙين مؤن، تو پَرت رکي پاڻي
هوت اچي هاڻي، هيءَ نالائق نوازيو

٢٣٢. هوت نہ چڏيو هِت، نيو پورهيت پاڻ سان
توري ٻي کا چِت، ڪانهي ڪميٽين کي
٢٣٣. جَت موچاري جات، چڱي جات جتن جي
وائي تن جي وات، سدا اٿم سرتيون!
٢٣۴. چوٽ چڙهي چنگار، ڪندي ڪيچيڙن کي
پوندي ڪَنِ قريب جي، گوليءَ جي گفتار
ٻاروچا ٻيهار، ڪندا پيرو شهر پنيور ۾
٢٣٥. ڪيچيڙا ڪالهہ ويا، مُون تي اگڻ نهاريان
ساريو سپرين کي، هَنجون هاريان
گوندر گذاريان، هئي هئي سارا ڏينهڙا
٢٣٦. ڪيچيڙا ڪالهہ ويا، تُون تي اگڻ نهارين
ٻَڙيون ٻاروچن لئي، رَتُ هَنجون هارين
ساريو سنڀارين، ٻاروچاڻي جات کي
٢٣٦. ڪيچيڙا ڪالهہ ويا، مون تي اگڻ نهاريام
ڪين نہ لَهان سي ڪاٿئين، وڏي ويل ويام
وڃي تاڪ تيام، ڪاڪيون! ڪيچ وٽن ۾
٢٣٨. جان جان تيڙم جاڳ، تان سات سويلو لڏيو
ارتو اوتي اکيون، موتيو ڏسي ماڳ
وَرُ ورائي واڳ، مانَ نِماڻيءَ جي نجهري
٢٣٩. اگڻ ساڳي اوءِ، پر ڪيچن کي ڪاٿون لهان
ڏِئي قت فراق جا، پورهيت چڏيوَ پوءِ
هاڻي راهن متي روءِ، سَڏ ڪريندي سات کي
٢۴٠. ڪيچيڙا ڪالهہ ويا، تنگ اُنن تاڻي
هاريون ري هاڻي، اگڻ نهاري نہ سگهان
٢۴١. ڪيچيڙا ڪالهہ ويا، اجا مُون وٽاءِ

Scanned by CamScanner

پريڻ پڇاڻاءُ، اگهڻ ڏسي نہ سگهان
٢٤٢. ڪيچيئڙا ڪالهہ ويا، جات اَوِلي جَت
هَئي هَئي هٿان هت، اگهڻ ڏسي نہ سگهان
٢٤٣. پورهيت چام پنهونءَ جي، اصل ڪؤن آئين
هِيءَ گولن سندي گولي، هو سندم سائين
ڪاپو ڪمائين، ڪُلو ساري ڪيچ جو
٢٤٤. پورهيائت پنهونءَ جي هِيءَ اصل ڪؤن آهہِ
ٿي ڪاپائت ڪيچ ۾، ويندي لالن لاءِ
ساهِ نہ اچن ساءِ، هي ماٺهو شهر ڀنڀور جا
٢٤٥. هيءَ پورهيائت پنهونءَ جي، اصل ڪؤن آهي
سگ نڪو ساهي، ٻڙيون! ٻاروچن سين
٢٤٦. پورهيائت پنهونءَ جي، آهہ اصل ڪؤن هيءَ
جيڏيون جتن ريءَ، وٺي وِرهہ وسارئيان
٢٤٧. وڃي ڪيچ وٺن ۾، پڻ ٿيندي پورهيت
جَتُ هن جو جِتِ، آءٌ اُت گولي ٿي گذاريان
٢٤٨. ڪري پورهيائت پنهنجي، ماڻَ وٺي ناڻءُ سڏين
گولڻ گڏ گڏين، ڪن پاٽي ڊوئي پانهنجي
٢٤٩. روئي ڏنو رنگ، ڪوجو ڪامڻ ڪوهہ ڪي
شعاع شفَق جي سان ٿيو، سرخيان سارو سنگ
هن جو نينهن نسِنگ، پيو سمورو سڪوت ۾
٢٥٠. چَٽ ڏني چُٽڪي، سُرن سرس سُمير ۾
سا سچلي سچي ڏنو چوي، ڇوهہ منجهؤن ڇُٽڪي
جا لڪن منجهہ لٽڪي، تنهن سان حمايت هوت جي
٢٥١. پيسِ تُنهنجي پيچ، پنهون ڪين ڇڏيج مُون
ٻانهي ڪري پانهنجي، وڃي ٻانيڻ ڪي ويچ

مَرُ ڪميٽن ڪيچ، پورهيو پانهن جان ڪري
٢٥٢. لوهي لا غرضي، سُپيريان جي سار
مارڻ لئي مشتاق جي، آهي محبن ڪي مرضي
سِرُ ڏيڻ تنهن سَٽ ۾، آهِ فقيرن فرضي
ڪڏهان ڪو قرضي، سچو نازڪ تنهنجي ناڻ جو
٢٥٣. آهي ڪونہ غرض، محبوبن ڪي مُنهنجو
ڏيڻ سِرُ فرض، سچو سندن سَٽِ ۾
٢٥٤. ٻانيڻ جي ٻاڪار، ٻُڌي ٻاروچو آئيو
وَرَ وسارج ڪين هي، جا واقف نہ وٽڪار
سِگهڙي لهج سنيار، سائين لڳ سچو چوي
٢٥٥. رات لهي ويا ريج، نماڻيءَ ڪؤن نڪري
ڪاڪيون هاٿي ڪيئن ڪريان، جو ڪاڏي ٿيڙم ڪيچ
پر پيو پنهؤن سان پيچ، سو اِتي رهڻ نہ ڏئي
٢٥٦. سَهي جان نہ سُتِيڻءَ، جو ڪُڙڪ ٻُڌين ڪڙڪي وڃين
چٿيان چانگن جون ٻُڌي، تون ڪوڙي ڪين اٿينءَ
غافِل هڏ گٿِينءَ، سڀ پر سچيڏنہ چوي
٢٥٧. پانڌن ڪؤن پڇي، ٿي ٻَهہ پرين جا پيچرا
سهلي سچيڏنہ چوي، هيءَ لالن لاءِ لِڇي
ڪنهن سان ڪين ڪُڇي، اٿس ووءِ ووءِ وائي وات ۾
٢٥٨. پينر هِن پنيور ۾، منهنجو ڪار نہ ڪم
اٿم آريءَ جام سان، دوستيءَ وارو دَمُ
ماٺهن ليکي غم، پر سُک سچو ٿو پائيان
٢٥٩. ڪوه هچڙهي ڪوهيارل ڪي، ڪاجا ڪُوڪ ڪيام
ڳوڙها جي ڳلن تؤن، ڳڙن جيئن ڳاريام
اِهي سڏڙا سچيڏنو چوي، ٻاروچل ٻُڌام
غَم گوندر ويام، جڏهن ٿيس هيڪاندي هوت سان

سنڌي بيت مارئي جا

سـاريم اڄ سـنـگـهـار، جن ڏنـي مـون ڏيـنـهـن ٿـيـا
سـي لـڪ لـنـگـهـي پـيـهـي ويـا، پـائـر جا پـنـهـوار
هـٽـي ويـنـا پـڪـڙا، هُت سُک ٿـي اَجڙ وار
جن جي سـاه سـنـيـار، سـي اڄ پـنـهـوار پـري ٿـيـا
۲. پـنـهـوارن پـيـغام، جيـڪـر مُڪـا تـڏهـين
پـر مـونـڪـان اڄ پـري ٿـيـا، ويـڙهـيـچا وريـام
تـيـلـهـان مـونـڏي نـه آيـا، ڏنـهـن سـنـگـهـارن سـلام
هُوا مـلـيـر مُدام، پـر ڪـو سـانـگـن اچي سـانـگ پـيـو
۳. تـڏهـن مُڪـائـون، جيـڪـر مـونـڏي خاص خابـرو
لـهـڻ سُڌ سـنـگـهـار جي، نـڪـو پـانـڌي پَنـيـائـون
پَر پَري شـايـد پـنـهـوار ويـا، جا سُڌِ نـه لـڌائـون
پـڪـا پـائر ڪـنـدئـين، نـيـئـي هـيـجؤن هَنـيـائـون
چڏي مُلـڪ مـلـيـر ويـا، هُن ٿـر تـيـلـهـيـائـون
ائـين اُتـائـون، تـه هـن ڏر ڏريـجو نـاهـه ڪـو
۴. ڪـڏهـن ڏيـهـه ڏنـام، ٿـي سـاعـت سـاعـت سـومـرا
مـاروَ ڪـالـهـه مـلـيـر ۾، پَر پـري اڄ پـيـام
آهـن ڪـيـن اُنـهـن ريُ، اڪـڙيـن ۾ آرام
سـدا وتـن سِڪـنـديـون، پـر سـانـيـڻ سـر تـيـام
سـي پـڻ ڪـيـڻ ويـام، ٿـي جن سـان ڳرهـيـم ڳالـهـڙيـون
۵ جي هـونـد اتِـيـئـي، هـوا مـاروئـڙا مـلـيـر ۾
سُڌ لـڌائـون سِڪـهـڙي، حـال ٻُڌي هـيـئـي
پـر ٿـر چڙهـي ويـئـي، جيـڪـس وسـئـون ويـڙهـيـچن جي
۶ اڄا ڪـالـهـون ڪـالـهـه، هُيـس مـارن گـڏ مـلـيـر ۾
سـي ڏيـنـهـن ويـڙا گـذري، جڻ مـنـجهـه خواب خيـال

Scanned by CamScanner

اڄ پرئين ڪنڌئين پکڙا، جوڙي ويتا جال
جن جي ساه سنڀال، سي اڄ پنهوار پَري ٿيا
٧ هي وَسَ ڇڏيائون، هُن وَس ويا واهڻين
پکا پائر ڪنڌئين، نيئي عمر اڏيائون
ٻَني اوريان پکڙا، وڃي هن ٿر هنيائون
پائر سنديون ڪنڌيون، وڃي اُتي واسيائون
ڇڏي مُلڪ ملير جو، ويا ٿريچا ٿائون
اُڪنڊ جن آئون، سي اڄ پنهوار پري ٿيا
٨ ٿيا پنهوار پَري، آءُ ڪن ڪي ڏوراپا ڏيان
اُنهن ٻاجهوُن مارئي، ٿي ميان هِت مَري
نئي قبر ڪري، ڪو اوڏي اَباڻن ڪي
٩ جي پيڪن پوءِ پيام، سي تا ڏکيا ڏينهڙا
هِئين نه پائڻ ڪا هُيَم، تا ڪي هئين ڪندام
پر وڃي ٿر ٿيام، سي سُڌِ لهندڙ سومرا
١٠ پري ڏينهن پيانِ، جيڪر سانگن ڪو سانگ پيو
پکا پائر ڪنڌئين، ٿروُن ڏُور ٿيانِ
هوند ڏوراپا ڏيانِ، پر پنهوار پري ٿيا
١١ پري ٿِيم پنهوار، جن وري ورڻ نه ٿيو
ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي، ٿيا سِڄ ڪاڻ سنگهار
عُمر اُٻائون آهه مُون، جو دَمُ تِنهنؤن ڌار
اُهي اجڙ وار،مانَ ملائي مون ڏٽي
١٢ پَري ٿر پنهوار، جيڪس وڏو چت ڪري ويا
ڪڏهن ايندم اوڏڙا، سومرا سنگهار
رِڻ ڇڏي ريدار، مَن ڪرن مُهڙ ملير ڏي

١٣ پائر پاس پيا، وڏا ڏوٿن ڏينهڙا
ٿانهر وچي ٿر ۾، ٿريچا ٿيا
لنگهي ملڪ ملير جو، ويڙهيچا ويا
عُمر ايذي پند تي، ڪنهين سانگ نِيا
قادر شال ڪيا، مونکي ويجها واهٽين

١٤ اٿم سار سندين، پر اڄ پنهوار پري ٿيا
مُشڪل موٽڻ تن جو، جي هي لڪ لنگهين
وري هيج ورين، جي سانگن ڪو سانگ پيو

١٥ جي لويون ڍڪي لوءِ، ڪڏهن ايندا ها آجڙي
اڄ هٽين پڪا پائرين، عُمر ويتا اوءِ
تن پنهوارن پوءِ، موٽي اچڻ نہ ٿيو

١٦ جي هوندا اُنهيءَ جاءِ، هوا اباٽان اوڏڙا
تہ هِنؤن اڳي وس ڪيا، تن منهنجي اچڻ لاءِ
پر اُتن عتاب نہ آءِ، جي ٿوري ٿر چڙهي ويا

١٧ جي هوند اوڏا هُئامِ. ماروئڙا ملير ۾
تہ پڻ پيغام فراق جا، مارن ڏنهن مُڪامِ
پر پَرئين ٿر ٿيام، ناهہ عتاب انهن تي

١٨ لنگهي مُلڪ ملير جو، ويا پرئين ڏيهہ پنهوار
تن موٽي اچڻ جي نہ ڪئي، اي سومرا سردار
هاٿي ساريو هِت سنگهار، ڳچ هِنانؤ ڳريو پون

١٩ چاهون چڏيائون، نہ چاٽا ملڪ ملير جو
پڪا پائر ڪنڌئين، نئي عُمر آڏيائون
اٿئي پهر اُپاٽڪي، اُنهن ريءُ آئون
ڪو موٽي ڪائون، مَنَ ماٿهو مُلڪ ملير جو

Scanned by CamScanner

٢٠ اڄ نـــہ حـــوضـــين هُوءِ، مـــارو نـــانـــهـــہ مـــلـــيـــر ۾
ايـــنـــدا هُئـــا آجڙي، کَلِيُون کـــنـــيـــو کُوهِ
جيـــکـــس مـــيـــان پـــر جوءِ ، اُهـــي ويـــا ويـــچارا واهـــڻـــين
٢١ عـــمـــر ابـــاڻـــي پـــار جي فـــانـــي کَيَسِ فـــراق
جي هُئـــا ريـــجاڻـــين رهـــاک، تـــن تـــر وجي ٿـــاڻـــا کـــيـــا
٢٢ ٿـــي گـــڏ کَيَمِ گـــذران، جنـــين جهـــانـــگـــيـــئڙن ســـان
کـــاٿـــي اڄ اهـــي ٿـــيـــا ،ســـومـــرا سڄاڻ
کـــاٿـــي پـــيـــس آءُ اچي، آهـــہ اِهـــوئـــي ارمـــان
حـــيـــرت ۾ حـــيـــران، آءُ انـــهـــيءَ تـــان آهـــيـــان
٢٣ مـــون جالـــيـــو ســـان جن، مـــوٽـــي تـــن نـــہ پـــڇيـــو
حـــال هِن جون خبـــران، پـــيـــون هـــونـــدن کَنِ
پـــکـــا پـــائـــر کـــنـــدئـــين، تـــوڙِ هـــنَيـــان اڄ تَنِ
ڏيـــان ڏوراپـــا کَنِ، جو ســـنـــگـــهـــارئـــي ســـاٿـــيـــهـــہ ٿـــيـــا
٢٤ جيـــکـــس ســـنـــگـــهـــارن، اُهـــو ڏيـــهـــہ وٽـــي ويـــو
وري هـــيـــج ورن، جي ســـانـــگـــن کـــو ســـانـــگ پـــيـــو
٢٥ جيـــکـــس ســـنـــگـــهـــارن، وري ورڻ نـــہ ٿـــيـــو
عُمـــر ابـــاڻـــن، اهـــو اڄ ڏيـــهـــہ وٽـــي ويـــو
٢٦ ويـــجهـــائـــي لـــئـــي وجهـــلان ســـنـــدي ابـــاڻـــن
اُهـــي هـــمـــيـــشـــہ هُوَن، جي سُڌ لـــهـــن ســـڀ حـــال جي
٢٧ ڏيـــنـــهـــن اُتـــي جا کـــي، اڄ اچي مـــون يـــاد پـــيـــا
پـــهـــون پـــنـــهـــوارن جون، صـــبـــح ويـــلـــي ســـي
اُتـــيـــا اچن آب لَئـــي، مـــتـــي آنـــهـــہ اُهـــي
هُوا اُڏل جهـــانـــگـــي جي، تـــن ســـانـــگـــين کـــو ســـانـــگ پـــيـــو
٢٨ آريـــون ابـــاڻـــن ري، پـــيـــا تـــان کـــٽـــنـــدم کـــيـــرِ

Scanned by CamScanner

هي جي ڳهه ڳچيءَ جا، ظالم پايان زير
سنگهارن ساوير، ملان شال ملير ۾
٢٩ ايندمِ اباڻا، ڏُور لايا جن ڏينهڙا
تڏهن مُيَسِ ماڳ تنهن جي، آءٌ هيئين چاڻان
كير سَهندِم سومرا، ري مارئڙن ماڻان
هاڻي نہ چاڻان، تہ كا موٽي ملنديس مارئين
٣٠ عمر اباڻن ۾، لبدم لائون لوئِڙئين
کُهہِ موٽي مالهڙئين، هار گهوريا هن حال تؤن
٣١ هو ڏاڏاڻو ڏيهہ، مُونهون مُور نہ وسري
سو ڏاتر لئي ڏيكار مون، سومرا ساڻيهہ
رِيءَ پنهوارن پرڏيهہ، هِيءُ مڙيوئي پانيان
٣٢ ڏيهہ ڏاڏاڻي، شال آءٌ سگهي ويندس سومرا
مونكي ماروئڙن ۾، آءٌ عمر اُماڻي
ڏينهن گذري ڏک ۾ ٿو، چائيندڙ چاڻي
ڏک سُک سنديون ڳالهڙيون، وڃي اوريان اباڻي
نہ تہ سُڌِ لهندڙ سِگهڙا، الله اُهي آڻي
جو هُنِ بنان هاڻي، گهڙي هِتِ نہ گهاريان
٣٣ وَسِ نہ وساريام، سُرها وڻ ساڻيهہ جا
اُهي هيكند ڏينهڙا، ٿي گڏجي گذاريام
ياد كيون سي كيترو، سانگي سنڀاريام
اوڏهن اُڏاريام، كَل لهڻ لئي كانگڙا
٣٤ جهڙي هُيَسِ ملير ۾، جي هِت ٿيان تهڙي
پر ڳالهہ كريان كهڙي، جو قابو رهيس كوٽ ۾

Scanned by CamScanner

۳۵ هُتِ هُيَس ڪير مليرِ ۾، هت تي آيس ڪير
جيڪس پيڙم پير، فقط لڳ فراق جي

۳۶ ڪاتي آءُ هُياس، ڪاتي آيس سومرا
هُتان هلي هِتِ اچي، پورن منجهه پياس
هِن هنڌن هاب ڪياس، وڇوڙي جي ڏينهڙي

۳۷ شال نه رهن ڏور، هُئن اباڻان اوڏڙا
ميان تن لئي مُور، مُون هِتِ جالڻ نه ٿئي

۳۸ ڏوٿي ڏورئون ڏور، عُمر اڄ مونکي تيا
سُمهڻ جاڳڻ سُور، مون گذارڻ آئيو

۳۹ جڏهن آءُ ڇاياس، تڏنهن ڪنهن وَتي وِهه جي نه ڏني
جڏهن ساماياس، تڏهن آيس اوراتن ۾

۴۰ هي ساماڻجڻ گهوريو، جنهن نِتُ ڪيو بيرون
شل وڃي ويڙهيون، ڏسان ڏوٿيڙن جون

۴۱ ڏني ڏوٿيئڙن کي، گهٽا ڏينهن تيا
جالڻ جدائي ۾، جيڪي پلڪ پيا
سي وِٽواند ويا، سارا سنگهارن رئي

۴۲ هُتِ تا لوءِ لِڇن، سٽي ڳالهيون سومرا
پيهي ڪيئن نه پڇن، جي هُئن اباڻا اوڏڙا

۴۳ پاڙو پاڙي ساڻ، شل هُئان اباڻن جي
پکي تن جي پاڻ، آءُ تا سُکيو پائيان

۴۴ مونکي رَبُ رکي، شل پردي ساڻ پناهه ۾
ته هُئان منجهه پکي، عُمر اباڻن جي

۴۵ پردي منجهه پناهه، مونکي رب رکيج تون
اُکنڊ هِن ارواح، آهي اَباڻن جي

Scanned by CamScanner

۴۶ سي کيت کٽي، ويا مارئڙا ملير مؤن
پکا پائر کنڌئين، وينا جال هٽي
اتي پنهوارن پاڻ ۾، تي اِها ڳالهه ڳٽي
هِت رتي رهڻ ناه کا، ڇاڻي هک ڏٽي
جا عادت زور ظلم جي، هيءَ حمير وٽي
رعيت جي ٻه رنجڻ جي، تيس گهر گهٽي
هاڻي ٻرسِر هيءَ ٻٽي، سنگهارن تي سومرا
۴۷ آءٌ نه تيان پاسي، شل عمر اباڻن کؤن
گڏ گڏين ها سي، سين سان وي سومرا
۴۸ کاڏي اچ رهي آءٌ، کاڏي آباڻان
هاڻي نه ڇاڻان، کا موتي ملنديس مارئين
۴۹ اڃان نه آيا، جيکس سنگهاري ساٿيه تي
نَہ تَہ کيتن خابرو، تڏڙهئين هلايا
پر ڏينهن وڏا لايا، وجي پائر کنڌئين
۵۰ وجن تا مَ پري شل اباڻن اوڏي هُئان
جو سُڌ لهن مون سِگهڙي، ڌري منجهه ڌري
اکيون آب پري، تي ويجهائي لئي وجهلان
۵۱ ٻيوسي آهيان، هِن ماڙين ۾ مارو
وساري ويهي رهيو، جيکس منجهانؤ ناهيان
لالچ نه لاهيان، پسڻ پنهوارن جي
۵۲ موتي شال اچن، ماروئڙا تہ ملير ۾
اچڻ سندي تا اَن جي، کَرَ پوي مون کَنِ
تاسيئي سُک تين، گوندر وجن گڏري
۵۳ ڏوراپا ڏيئي، کنهن هَتِ مُنجان مارئين

Scanned by CamScanner

تہ وساري ويهي رهيؤ، حال ٻُڌي هيئي
مِڙي اچو مون گهرين، آهيو جهانگيڙا جيئي
جي آهيو اتيئي، تا لهو سُڌِ سنگهار جي
۵۴ موتي ماروئڙن، سُڌ نہ لڌي ساهہ جي

جيڪس دل کؤن لاهي ڇڏيو، اديون اباڻن
کنهن ڳڻؤن سنگهارن، جيڪس ويڙس وِسري
۵۵ کي ڏينهن هُيَس قرار، مارن گڏ مليرِ ۾

درد نہ هو کو دل کي، هُيَس مِٽن ۾ مختيار
ريءُ اباڻن آر، هاڻي عُمر کنديس کن سان
۵۶ اڄ ساريم سنگهاري، جَنم گذاريم جن سان

هيءُ وڇوڙي تن جي، ميان هِت ماري
عُمر سيا مون سانگئين، تي گڏجي گذاري
مُنهن جي پار پنهوار جي، آهہ تاکُون تياري
هاڻي لکي مُنجان مارئين، هيءَ حقيقت ساري
ڏينهن هيترا ڏوٿيو! کيئن اوهان وساري
جيڪس ڏُرئون هُئي ڌاري، تيلهان وَيڙوَ وسري
۵۷ منهن جي مَنِ ميان، هِن ڳالهيون ماروئڙن جون

ڏُٿ ڏاڏاڻي ڏيهہ جو، وڃي خوشؤن هت کيان
کائي ساعت سومرا، جهانگن ريءُ نہ جيان
وڃي تر تيان، شل سنگت سنگهارن جي
۵۸ ويجها جڏهن هُئام، ماروئڙا تہ مليرِ ۾

تڏهن ڳالهہ احوال جي، تن کَنين کين وڌام
هاڻ وڃي تر تيام، اُهي سُڌ لهندڙ سومرا
۵۹ تيا پنهوار پري، آءُ کن کي ڏوراپا ڏيان

وهندو شال وصال جو، ڪو پڻ واءُ وري
نِئي گڏ ڪري، سو مونکي مارُوئڙن سان
٦٠ جهانگيڙن لئِ جيءُ، هتِ عُمر آهِ اباڻڪو
نئي گڏائج اُن سان، ميان حال منهنجو تا هيءُ
سانگيئڙن ۾ سيءُ، آهي اجا توهين تانهنجو
٦١ ڪونہ وري آيو، ماڻهو ملڪ مليرجو
جو ڪِين جون ڏئي خبران، ساڻي سوايو
ڏورائي ڏوٿن جي، هَئي مونکي مُنجهايو
ميان مارُوئڙن جي، هِت طعنن تپايو
ڪر سومرا سعيو، تہ وڃان ويڙهيچن ڏي
٦٢ قاصد آيو ڪونڪو ۽ ڪونہ لکيائون خَطُ
جيڪس هُيس ڪينڪي، ريگستانن رَتُ
پنهوارن پاهت، تيلهان مونسان نہ رکيو
٦٣ قاصد آيو ڪونَ، ريگستاني راڄ ڏنهن
جو تو مونکي تار ڪيو، سومرا ۾ سونَ
اهو وِتپو روح ڪي، هوتِ هَئي هَئي جيڪس هون
چيهون هِتي چو نہ، ٿيان اهڙين عتابن سان
٦٤ پنهوارن پيغام، اڄ ڏئي مُڪا مون مٺين
ڪڏهن آيا ڪينڪي، توڏهن هِت سلام؛
ڪائي اِتي محظوظ ٿئين، طرحين طرحين طعام
پيرون چونديئي پٽ جا، ٿي ڪڏهن لاڙيو لام
ڏسي عيش انعام، اڄ اُهي ويلان وَيڙئي وسري
٦٥ ويري ٿين نہ شال، هُئن اوڏائي آجڙي
اُٿئي ويٺي اُن جا، اٿم خواب خيال

سدا سانگيڙن جي، مونکي آهي ساهہ سنيال
هِت اسان هيڙا حال، هُت عِتاب انهن جا
٦٤ عُمر مونڌي آئيا، اباڻؤن عِتاب
ٺِئين اِتي تون مارئي، کائي خوش کباب
هُت مون پنهنجيون اکيون، جهليون روئي آب
جهوريس هِن جواب، ويڙهيچن وساريو
٦٧ پنهنجن هِئن چيون، مونڌي مارو سومرا
وجي عُمر سان تو، ڳالهيون کالهہ کيون
سي پڻ پنهوارن ۾، پڌر هِت پيون
اِهي پچارون تانهنجيون، ويڙهچئون نہ ويون
کَيتن هاڻ کنيون، پکيون ملک ملير مؤن
٦٨ نِئي نياپو، هي منهنجو ماروئڙن ڏي
مونڌي اوهان موڪليو، ڏئي ڏوراپو
لوئي لاهي سِرکَيُئي، سونَ رپي چاپو
مونکؤن وسري کين ويو، آهي جهڻ اهو جهاپو
ويندس سگهي ايڏهين، لاهي لاڳاپو
مؤلو ميلاپو، کندو سِگهڙو سنگهارن سان
٦٩ آءُ پڻ چا تہ چوان، موٽي مارئڙن کي
هَئي هِن جي حال جي، ناهي کَل اوهان
هِت اُنهن ريءُ سومرا، نِتُ نِتُ سُور نوان
پکي شال پِهان، مون وڃي پنهوارن جي
٧٠ کيئين ساڻ کتي، جا آنديم مُلک ملير ڏهن
سا اڄ توٽي تا سِر تؤن، لحظو کين لٿي
لوئي سندي لڄ کؤن، مون ڍَکيان پَٽ نٿي

هِت سورن آهه سَٽي، اَئين ٽيون ڏوراپا ڏيو
٧١ ايڏاهين ايندياس، ڪنهن مهل موچاريءَ مارئا
جا لوئي آنديم لوءِ ڏهن، ساپ نه چڏيندياس
توڙي تهباران ٽئي، ته به مُور نه مَٽيندياس
اچي ڏوٽيئڙن کي، ڏوراپا ڏيندياس
ته ڪيئن وساري ويهي رَهيو، ٿورامي ٿيندياس
مَنهيُون مَنهن سان اِتي، آٽي اڏيندياس
ڳالهيون ڳرهينندياس، سَرتين سان ساٽيهه ۾
٧٢ الله اباٽن سان، مونکي گڏ ڪرئين
جي ويا ٿَرِ ٻَرئين، سي موٽي آڻ مليَر ۾
٨٣ عمر اباٽن ري، تا ڪوجهي آهيان
هيءَ لوئي نه لاهيان، جا آهه نشاني اَنِ جي
٧٤ جا اباٽن ڏني، سا لوئي هڏ نه لاهيان
ڪنديس ڪين ڪني، وٺي ونديس ويڙهه ڏي
٨٥ عمر اباٽي، مون چڱا ڏينهن گذاريا
هتِ اچي هاٽي، پيو هنئڙو هلاڪت ۾
٧٦ عمر اباٽؤن وچڙي، ڪنهن ارادي آندياس
وچي خوشيؤن هُتِ ڪائيندياس، پڪا پيرون پانهنجا
٧٧ ڪائي پلڪ پري شل عُمر اباٽؤن نه ٿيان
ذري منجهه ذري، هُئن پُچندڙ حال جا
٧٨ جڏهن هُيَس اباٽي، محل نه ماڙيون مون ڏٺا
لَئي ۽ لاٽي، هُيون پيهيون پنهوارن جون
٧٩ ڦتي ڦوڙائي، آءُ ميان ماروئڙن جي
هِت ڏنيون تو مونکي، آهن ماڙيون جوڙائي

Scanned by CamScanner

هِن هنڌن ۾ سومرا، ٿو لکيو لوڙائي
آندُئي ٿوڙائي، پکن مؤن تہ پنهوار جي
٨٠ ريگستاني راڄ جي، آءٌ ڳالهہ کريان کيهي
کن پچارون پاڻ ۾، سٽي واريءَ تي ويهي
تہ ايندي مارئين مارئي، شل پکن ۾ پيهي
اُکنڊ مون ميلاپ جي، آهہِ جهانگن کي جيهي
منهنجي تن تيهي، آهہِ سِڪَ سنگهارن جي
٨١ مون اُنهن کي ساريان، هو بي سارن مون
جي راضي ٿئين تون، ڏي موڪل مارئڙن ڏي
٧٢ مون اباڻن ساريان، هُتِ اباڻا سارين
واڻان نهارين، منهنجي اچڻ سنديون
٧٣ تون حمير هَٺي، آءٌ ٿورياڻي آهيان
جالوئي آنديم لوءِ ڏنهن، ويندِيس ساڻ وٺي
کڏهن ٿيندي کانکا، مانهؤن شال مَٺي
کتابت قولن جي، مونڏي پنهوارن پٽي
هي بَندُ بندياڻي کي، هو لکيو رات ڇَٽي
اُنهن سانگن کاڻ سَٺي، مون مڙيائي سومرا
٧٤ کو ٻي خيال نہ هوم، جڏهن هُيَس مارن ساڻ ملير ۾
جان وڇوڙو سومرا، کؤن ٽريچن ٽيوم
قسمت قيدالماء جي، ڏِسي ڏور وڏوم
تڏهن وڏو قدر پيوم، هَئي سچو هيکاند جو
٨٥ ويٺا ڳالهيون کن، منهنجون ماروئڙا مليرم
تہ اِجها ايندي مارئي، وري هن وطن
ايڏي اُکنڊ آهي منهنجي جا پڻ جن

آءُ سگهي سان تن، وجي گڏ گذاريان
٨٦ قرابتي ڪاتي ٿيا، آءُ ڪاتي آئي
اٿئي پهر اُنهن جي، وات اٿم وائي
آهي منهنجي روح ڪي، ريءُ مارُن موڳائي
گهڻي مُدت مونجهه ۾، مُون پڻ لنگهائي
مَنَ سِگهڙي سنگهارن جي، ڪَل پوي ڪائي
تہ ڪي آهن آرامي اِتهين، جهانگيڙا جائي
ڪي ويا ۾ مُلڪ ملير مؤن، ڪري آجائي
وجي پائرڪنڌئين، ويتا وهٽائي
اُتي تازا توانا ٿيا، ڏٿ ڏنؤرا ڪائي
هاڻ سومرا ڪر سائي، جيئن ٿين آسودا آڪڙي
٨٧ جن گڏ گذاريوم، سڀ چماندر سومرا
اچي پَري پَيَس اِنڪؤن، مُونجهه انهيءَ ماريوم
ساريو سنگهارن جي، ڳالهين هِت ڳاريوم
جو مارو محرم حال جو، سو پڻ سنپاريوم
ڏيهه ڏاڏاڻو ڪڍهين، وار نہ وساريوم
نتُ نتُ نهاريوم، پنهوارن جي پار ڏي
٨٨ اَچ پڻ تِيَمِ اُداس، جي مَنُ مارئڙن ڏي
ڪر بنديائي بند مؤن، خاوند لڳ خلاص
جو مَٿي ڪيت ڏنار ڪي، ڪا پلنگين ڏينديس پاس
ڪو وِجُهه صاحب سومرا، انهن سان اخلاص
جو هُو ويچارا واهڻي، تون ڪري ڏس قياس
زور تنين تا ناهه ڪو، لوئي جن لباس
آٿئي پهر انهن ڪي، آهي حمير هِراس

تــاڪُون تــنــهــنـجي تــاب ڪــؤن، سُــهــمــيــون اتــن ســاس
چاڙهـــيـــو تـــنـــگين ڪـــين تـــنـــين، مـــاســـي قـــدر مـــاس
تـــعـــديـــون تـــنـــين تـــي ڪـــريـــن، جي تـــوهـــؤن تـــين مـــواس
ويـــڙهـــيـــچا وٺـــراهـــــ ۾، هُت ونڻ ونڻ ونـــن واس
پـــاءِ پـــنـــهـــوار پـــيـــاس، آهـــي راجا مـــنـــهـــنجي روح ڪـــي
٨٩. چئـــي مُڪـــائـــون، هِـــيـــئـــن ڏاڏاٽـــي ڏيـــهــــ ڏهـــن
تـــ جيـــڪـــس اِهـــي تـــو هُـــيـــون، مـــن جون مُدعـــائـــون
تـــا وجي پـــلـــنـــگـــين پـــتـــرٽـــئـــين، شـــل چڙهـــان آئـــون
تـــو پـــڻ تـــيـــلـــهـــائـــون، هـــاڻ ويـــا ويـــڙهـــيـــچا وســـري
٩٠. چڳيءَ طـــرح چيـــئـــي، تـــي مُنجان مـــاروئـــڙن ڏي
تـــ سُڪـــين ســـانـــگـــيـــئـــڙن ڪـــؤن، پـــري آءٌ پـــيـــئـــي
قـــســـمـــت قـــيـــد المـــا ء جي، هِن ســـان هـــيـــئـــن ڪـــيـــئـــي
وســـري ڪـــين ويـــئـــي، ســـنـــت ســـنـــگـــهـــارن جي
٩١. مـــاروئـــڙا مـــانـــدي، آءٌ اوهـــان ريءُ آهـــيـــان
سُڪـــيـــا اَئـــين ســـاٿـــيـــهـــ ۾، هِتَ بـــنـــد رهـــي بـــانـــدي
هِت قـــســـمـــت قـــيـــدالمـــا ء جي، هـــي اچانـــڪ آنـــدي
آهـــيـــان اوهـــانـــجي ڳالـــهــ ڪـــؤن، ويـــل نـــ ڪـــنـــهـــن وانـــدي
چڳي تـــي چانـــدي، ايـــنـــديـــس لـــوئـــي ونـــي لـــوءِ ڏي
٩٢. قـــاصـــد اچ ڪـــوئـــي، مَنَ اچي مـــاروئـــڙن ڏهـــن
تـــنـــهـــن تـــا چوان حـــالـــڙو، ســـارو ســـيـــوئـــي
ايـــڏهـــن آنـــدي آهـــ مُون، لاڪـــيـــٽـــي لـــوئـــي
ســـا ونـــي ايـــنـــديـــس پـــاڻ ســـان، اتـــم عـــهـــد اهـــوئـــي
ســـرتـــين ســـان روئـــي، ســـڪـــون لاهـــيـــنـــديـــاس آءٌ
٩٣. هـــيءَ امـــيـــد نـــ هُئـــي، مـــونـــڪـــي مـــاروئـــڙن ڏهـــن

جو ڪونہ مُنجندا مون مٺي، ڀچڻ ڪاڻ ڀِهي
ڏنو هڏهن ڏيهہ ۾، نڪو ڳوٺ ڳِهي
هاڻ وائي وائِندي، اِها سُيَم اچ صحي
تہ اُنا مينهن مليرَ ۾، ويڙا راج رهي
چڏي پائر ڪنڏئين، آيا هيٺ لهي
جهجهو جهانگين کي تيو، ڏهيان ڏُت ڏَهِي
ڪڏيو پين پاڻ ۾، وڏيءَ مَهل مَهي
ويندس ڪوڏ ڪهي، آءٌ ٻي ٻکي پنهوارن جي
٩٤ سنگهارن جي سِڪَ، آهي منهنجي مَن
شل سگهوئي سومرا، کي ڏسان ڏوٿيڙن
راتو ڏينهان ڪاڻ تي، جهچان جهانگيئڙن
پاٺهين پنهوارن، اچ تا مونکي ياد ڪيو
٩٥ جهانگي جَهڻ ڀياڪ، ناهن شربت هيروان
ڳاڙهيون ڪاريون لوئيون، پهرڻ تن پوشاڪ
لاهج لوئڙيان ڙي، الله لڳ اولاڪ
جو رکن هَڏنهِن ڪانڪا، عُمرا! ٻي املاڪ
ڪارڻ پرور پاڪ،مونکي ميڙين مارئين
٩٦ ڪيا ڪِنوِٽن ڪيج، اچ ڏاڏاٽي ڏيهہ ۾
پر ڪو ماٺهو مارئڙن ڏنهن، هڏ نہ آيو هيج
جو ڪالهہ ڏنا هُئَر اُپ ۾، آٽڪَ ۽ آٽيج
اُنا مينهن مليرَ ۾ تيا رڻ سارائي ريج
چانگن سان چِڙي ڪري، ڪن چِڻن ۾ ڇيج
آءٌ ڀڻ ڀِنيءَ ڀيج، ملنديس ماروئڙن کي
٩٧ هِي ونّي حال وچان، ميان ماروئڙن ڏي

Scanned by CamScanner

آهه اميد اجا، جو خوشي ڪنديس ڪيت سان
٩٣ مينهن وسندي مون، ويڙهيچن ويندياس
لوئي ساڳي لوءِ جي، نال وٺي نينديَاس
وجي ٽريچن ٽينڌياس، ڏک سُک پائي سومرا
٩٩ ڏنارن ڪؤن ڏار، جي مون ڏينهن گذاريا
سي قيامت جيهڙا ميان، سومرا سردار
الله ڪري اوڏڙا، سچو مَن سنگهار
تہ ڪريون ويهي ڳالهڙيون، هِينئڙي جون هڪوار
پر پَري ٽِيَمِ پنهوار، ڏيان ڏوراپا ڪن کي
١٠٠. جيڪي هُت هونديون، ساهيڙيون ساٿيهہ ۾
سي پيرون چونڊيندِيون، وتن گڏ ڪيون گنديون
سارو مونکي سومرا، رت وجن رُونديون
پيو پي چا چونديون، اجا عمر ايلاجي آجڙي
١٠١ ريگستانن رنگ، جي تون پسين سومرا
تہ ميان مارُوئڙن ٿؤن، ظالم لاهي زنگ
جو تاڪُون تنهنجي تاب کؤن، جهانگي واسن جهنگ
ناميا هي تو ننگ، نئي رساٿي راج ۾
١٠٢. جي ريگستان رهيا، تن سخت نہ وٺج سومرا
جو تاڪُون تنهنجي تاب ڪؤن، چِن منجهہ چپيا
سي کي پَرئين وَس وهيا، وَسَ چائي تا واهٽي
١٠٣. ڪري ياد قلب، تو منهنجو مارُوئڙن کي
جو ٽيان هيڪاندي تن سان، ٽئي سائين ڏنهن سبب
ڪي بنديائي بَند مؤن، تہ راضي هُئي رَبُ
غازي لاهہ غضب، ڪر مهر مارُوئڙن تي

١٠٤. رُجون ريگستان، هُت وطن ويڙهچن جو
راحم ٿي رکيج تون، تن مارئڙن جو مانَ
جُهونن جهانگيڙن تي، ڪر عمر تون احسان
تہ سارو جڳ جهان، مَرَ تعريفان تهنجيون ڪري

١٠٥ هيءَ خبر هاڻي، آئي ريگستاني راڄ ڏنهن
اُتا مينهن مليرِ ۾، ٿيو پَٽن ۾ پاڻي
گل ڦل گلزاريون ٿيا، رڻ سڀ ريجاڻي
تون بي صاحب سڃاڻي، موڪل ڏينم مڙي مران

١٠٦ مينهن وسندي مون، ڏٺا هي پکا پنهوارن
ڳاڙهيون اڇون لوئيون، ڪيا سَهج سنگهارن
اُهي عام خلق کؤن، تا گوشي گذارن
منهنجي اچڻ سنديون، تا واٽان نهارن
سانگيڙا ساٽيهہ ۾، پيا نِتَ نِتَ سنيارن
هي ڳالهيون ٿيون ڳارن، مونکي مارئڙن جون

١٠٧. مينهن وسندي سومرا، اڄ پڻ پور پيا
پکا پنهوارن جا، سي مون ياد ڪيا
ڏٺي گهڻا ڏينهڙا، مون تريچن ٿيا
وِسري تا نہ ويا، ڪا ساعت منهنجي ساه کؤن

١٠٨ هِت ڏيهي ڏسان ڪونڪو، جو ڏئي ڪيت خبر
هي قابو رهي ڪوٽ ۾، اُنهن ريءَ عُمر
مليران محضر، ايندم آجائي جا

١٠٩ مينهن وسندي ياد، مون اڄ مارئڙا آئيا
قيدالماء جا ڏينهڙا، سي مون لنگهايا
موٽي اچڻ جا ٿيم، ڏي سنگهارن سعيا

Scanned by CamScanner

أهي مولي مِلايا، جي پنهوار پري ٿيا
١١٠. ڪو جو وريو واءُ، اڄ پڻ مُلڪ ملير ڏي
چڻ آيم اباڻانءُ، ماڻهو موٽائڻ جو
١١١ مونکي رات رَسيون، ڏيهه ڏاڏاڻئون خبران
تہ ساٿيهہ سڀ سُرهو ٿيو، وڃون واه وسَيون
اچي ياد الله ٿو، ڦوگ ڦلار پسيون
برابر بادل ڪيون، منجهين لوءِ لَسيون
ساوَل ڪائي سبزيون، ٿيون سَجيہ سسيون
ڳاڙهيون، اڇيون، ڪاريون، لاهن غم گسيون
وڙهيون کَس کَسيون، پڻ آهن تار ترائيون
١١٢. رات وري آيا، ماروئڙا تہ ملير ۾
جو لذم خواب خوشيءَ مؤن، چڻ مولا ملايا
وري وسايا، پلي پاڻ پتن تي
١١٣ وس چري آيام، ماروئڙا مليرم
چڏي پائر ڪنڌئين، ويڙهيچا وريام
عُمر اميد ٿيام، پسڻ پنهوارن جي
١١٤ جي ڏوٿي هُيَمِ ڏُور، سي والئ ڪَيَمِ ويجهڙا
هُئي جا پُورن پُور، سا تا اڄ مُون تئون لنگهي
١١٥ موٽيا پار ملير، سانگيڙا سانگ ڪري
جن جي سڪ سرير، سيئي عمر آئيا
١١٦ لٿو ڦوڙائو، وريو ورق وصال جو
وري وطن آئيا، ريگ لنگهي رائو
سچو چوي سائو، ٿيو موٽي ملڪ ملير جو
١١٧ جوڙي پکا جُوءِ، اچي ويتا عُمر آجڙي

سدا سنگهارن جي، تي مٿي حوض هُوءِ
تيون گلذاريون گاهن جيون، پي خوب گُلي خوشبوءِ
نئين رونق روءِ، تيو موتي ملڪ ملير جو
١١٨ سَدا هُئن سُکيا، ماروئڙا تہ ملير ۾
شل نہ ڏينهن ڏکيا، اچن آجڙين تي
١١٩ سدا سَرها هونِ، ماروئڙا تہ ملير ۾
مٿي پنهوارن پوُن، مِهر جا شل منيهنڙا
١٢٠ ميان ماروئڙن تي، مهران وسن مِينهن
شل نہ ڏکيا ڏينهن، اچن آجڙين تي
١٢١ سدا سي ساٿيهہ ۾، سُکيا هُئن سنگهار
پکي منجهہ پنهوار، شل هُئن هميشہ سرها
١٢٢ سائين سنگهارن جو، رکج پَنَ پکي
ڪوئي تان لکي، هُئن سدائين سَرها
١٢٣. سنگهاري ساٿيهہ، شل هُئن سدائين سَرها
وجن نہ پرڏيهہ، خوش گذارن اتهين
١٢٤ ساٿيهہ سنگهاري، سَرها آهن سومرا
ويڙهيون ۽ واري، محلا ماروئڙن جا
١٢٥ جاتي واريءَ ڊِوَ، تاتي اَڏن پکڙا
پاڳين لتا پَوَ، سدا رهن او سَرها
١٢٦ نوِڙن ۽ نُونديون، مارو چارن مالڙا
کوڙين ۽ ڪُونديون، سَرها تين ساهہ ۾
١٢٧. جڏهن ڪِنوَن ڪِنوٽيون، وسن مينهن ملير ۾
نونديون ۽ نوِڙيون، تاتا سوئن تاريون
١٢٨ پاڳين پَوَ لتا، جي وينا پائر ڪنڌئين

أَنَنِ مينهن متا، آجڙين عيدان ڪيون
١٢٩ وري وسايو، مالڪ مُلڪ ملير جو
سو اکي ڪؤن أجرو تيو، سائو، سَوايو
آگي اگهايو، سچوءَ جو سوال ڪيو
١٣٠ مُون جاليو سان جن، موتي تن نہ پڇيو
حال هِن جون خبران، پيون هونديون ڪَنِ
تان بي مارو مَنِ، وار نہ ڪڏهن وِسريا
١٣١ توڙي هو نہ پُڇن، آءُ گهٽو پڇان تن کي
عمر آءُ مَڃڻ تن، وڃان وسري
١٣٢ عمر اباڻن جي، مون پڪي منجهہ پياس
جنهين لئي تن تانگهہ هئي، تنهين نزد تياس
وسري ڪين وياس، دل ڪؤن ڏنارن جي
١٣٣ تي پڻ وسايام، ڪڏهن مارئين مينهڙا
سي ڏينهن ڏاڏاٽي ڏيهہ جا، اڄ ياد عمر آيام
هِت پنهوارن رئ پاڻ ڪي، ڪيها لقب لايام
هِن لحظي لنگهايام، شال أهي اوَسر ڏينهڙا
١٣٤ ڪتيري خوشحال، هُت ميان هوون ملير م
أهي اَوسر ڏ ينهڙا، هِت جالڻ آيم جال
ڪڏهن مارن ساڻ تي! گڏجي چاريم مال
هِت اسان هي حال، هُت عتاب انهن جا
١٣٥ اڄ پيا مون ياد، مارو ملڪ ملير جا
هي بندياٽي بَند مؤن، ڪدي ڪر آزاد
تہ ملي ماروئڙن سان، ڪريان دلڙي شاد

Scanned by CamScanner

جا هُئَـــي حـــيـــاتـــي اُن ري، ســـا بـــيـــهـــودي بـــربـــاد
داوركـــاڻ داد، راجا جلـــد رســـاڻـــئـــين
۱۳۷ اڄ سـنـگـهاري ساريا، مـون مـيـنـهـن وسـنـدي سـومـرا
ڳوڙهـا ڳاٽـاتـي بـنـان، هِن هَنـجن مـؤن هـاريـا
يـاد كـريـنـدي تـن كـي، ڀـارڻ چڻ ڀـاريـا
هِت سـچو سـنـيـاريـا، هُتِ سـنـيـار سـچوءَ جي
۱۳۸ پـيـم ياد پنـهـوار، اڄ مـيـنـهـن وسـنـدي سـومـرا
لحـظـي مـنـجهـ لـهـي ويـا، گـونـدر غم هـزار
سـي مـلـنـدا مـون هـيـكـار، اِهـو اِتـم آسـرو
۱۳۹ ويـل تـيـام ....
.... ڏک كـون كـيـام
وسـري تـا وِيَام، اُهـي ڏيـنـهـن ڏاڏاڻـي ڏيـهـ جا
۱۴۰ ساريم اڄ سـنـگـهـار، مـيـنـهـن وسـنـدي سـومـرا
جيـكـي ڏيـنـهـن هُئَاسـي گـڏ، دم نـ ٿـيـاسـي ڌار
كـاتـي اڄ اسـين ٿـيـا، كـاتـي اجڙوار
وڏو قـسـمـت قـيـد المـاء جي، پـري كـان پـنـهـوار
تـيـلـهـان مـون اڄ آئـيـو، رئـڻ زارو زار
پـلـپـل هُتِ پـچار، هِت بـ سـانـگـيـڙن جي
۱۴۱ هُت سـانـگـي مـون سـاريـن، هِت مـون بـي سـاريـان
واتـان اچڻ سـنـديـون، نـرتـؤن نـهـاريـن
كـنـهـن ويـل نـ وسـاريـن، آهـيـان يـاد انـهـن كـي
۱۴۲ لـويـون ڏكـي لـوءِ، ويـا ويـچارا واهـڻـي
مـاتـيـون مـكـڻ كـيـر جون، ڇڏي ويـڙا اوءِ

ڪيهي سبب سومرا، هِت نه رهيا هوءِ
پنهوارن جو پوءِ، موتي اچڻ نه ٿيو

١٤٣ ڪڏهن سانگن ساڻ، ٿي گڏ وسايم مينهڙا
اڄ قسمت قيدالماء جي، پيو هيءَ پرياڻ
هِت ڪريان پُرزا پاڻ، پر ٿي لوئي جي لڄ مران

١٤٤ پڪاآئون .... جو
.... ميرون
يرون ائون ويرونِ ....
آهن هند وري هيرون ....
.... بت سارو بيرون
وجي ملان مارئڙن کي ....
.... آهي سڪ سنگهارن ....

١٤٥ شال سُڪيا سومرا ....
.... راتو ڏينهان ڪاڻ ٿي ....
.... پاٽهين پنهوارن اڄ

١٤٦ وسري ڪين وڃان، ميان ماروئڙن کؤن
وسرڻ سنديون ڳالهڙيون، مُورؤن تان مڃان
آهي اميد اجان، پڪي منجهه پنهوار جي

١٤٧ لويون رنگا رنگ، ڪن ساهيڙيون ساٽيهه تي
سي آسوريون اڱريون، عُمر پهرن انگ
تاڪون تهنجي تاب ڪؤن، جهانگي پيتا جهنگ
هِن ويچارا واهٽي، تنگي وَٽُ نه تنگ
سي ڪيئن ڏين پير پلنگ، حال جنهين جا هڙا

Scanned by CamScanner

١٤٨ ڪن لڳن لويون ،ويجهو وڃن نہ پٽ ڪي
چِڙيون چانگن سان وِڃن، آب پريون اويون
ڳانگيون، پيرون ڳل وجهي هارن جان پويون
رات ڏينهان رويون، ساريان شل تن ڪي مِڙان

١٤٩ عُمر شال نہ لائيان، لقب لوئڙئين
پاٽي پين پٽ ۾، آبون اوئڙئين
ونڊن ويڙهچا سدا ڏؤنرا ڏوئڙئين
هن آجڙي ....

١٥٠ .... ڪبن ڪن ڪانياريون
.... تين پتين پنهواريون
پئي جِيءُ جنجال ۾ ساٽيهہ سنياريون
اچي گذاريون، ....

١٥١ وسرن اُهي ڪينڪي، اُهي مهلان موچاريون
پر قسمت قيدالماء جي، ڪيون هي ڪاريون
ڪاتي اڄ اسين تيا، ڪاتي سنگهاريون
اوڏنهن نِهاريون، وڃان سا وهلور تي

١٥٢ شال نہ لقب سومرا، لوئڙئين لايان
پَٽ مٿي هيءُ لوئي، مُور نہ مٽايان
جا ڪتي ڪيت ڏنار جي، پَلي ڪؤن پايان
مَري مَلهايان، سارو ملڪ ملير جو

١٥٣ عُمر اچا ڪپڙا، ڪاٽياريون ڪن ڪِيئن
ويڙ سهسين ڙي هتڙي، تہ هي مارن هيئن
جهڙي آيس جيئن، شل تهڙي مارن وڃان

Scanned by CamScanner

١٥٤ ڪيئن ڪاٽياريون، ڪپڙا اڇا ڪن عُمر
ويڻ سهَن سڀ لوڪ جا، تائين روز حشر
تي ڪارائي ڪر، ساري رهندي ڪيتري
١٥٥ ڪيئن ڪانياريون ڪن، ڪپڙا اڇا عُمر چام
تين پنهواريون پَٽ ۾، مهٽي هاب مدام
آهيان سومرا تو سام، تہ لوئي جي لڄ رهي
١٥٦ جڏهن ويجها هُئام، ماروئڙا مليرَ ۾
تڏهن ڳالهہ تہ حال احوال جي، تي تنهين ڪَنِ وڌام
هاٽي وجي ترتيام، أهي سُڌ لهندڙ سومرا
١٥٧. تيا پنهوار پري، آءُ ڪنهنڪي ڏوراپا ڏيان
وهندو شال وصال جي، والي واڳ وري
سو نيئي گڏ ڪري،مونڪي ماروئڙن سان
١٥٨ ورُوتا ويڙ هيچن جا، اهي موتئين مالهڙيون
رَس نہ اچن روح ڪي، تالهہ ۽ تالهڙيون
سنگهارن جون سومرا، چگيون چالڙيون
جو فجر ڦوڪي سنديون، ڪن دانَهہ دالڙيون
وَر سي لويون لاک جون، پن شالان شالڙيون
اَنئي پهر آهن، اکيون منهنجون عُمر آلڙيون
ڪامل تنهنجي ڪوٽ ۾، وجهان فلڪين فالڙيون
شال سُٽندو سو ڏٽي، هِن جيون نالڙيون
وجي ڳجهيون ڳالهڙيون، ڪنديس سرتين سان ساٽيهہ ۾
١٥٩ شال نہ وساريَن، هُئان ياد أنهن ڪي
عُمر! اباٽن جيون، ڳالهيون تيون ڳاريَن

Scanned by CamScanner

سـاه رڳون سـاريـن، مـانَ پـهـچان پـنـوهـارن کـي
١٦٠ آهــي سـار سـيـنـال، مـيـان مـاروئـڙن جي
هِت هـــهـــڙا حـــال، هُت عِتــاب انـــهـــن جا
١٦١ الا اوري آڻ، مـــاروئـــڙا مـــلـــيـــر جا
يـا مـونـکـي کـڍي کـوٽ مـۆن، نـئـي مُلـک رسـاڻ
پڄنــدي وجي پــاڻ، پهــان پــنــوهـــارن جي
١٦٢ آڻ الله اوري، مـــاروئـــڙا مـــلـــيـــر جا
مـــونـــکـــي آنـــدو اوچتـــو، هِت ظـــلـــم جي زوري
آءُ تـنـهـن گهـڙي تـۆن گـهـوري، جنـهـن هـيـکـانـدي هـک ٿـيـان
١٦٣ ڏسـان ڏوٿـيـڙن جيـون، ويـنـي واٽـڙيـون
هُت پـون پـنـوهـارن تـي، مِنـيـون مـاٽـڙيـون
يـاد اُتـي جون مُون پـيـون، چوهـون چاٽـڙيـون
تـوڙي چار کُنڊان لـوئـي جون، هِت ڦـاکـين ڦـاٽـڙيـون
تـان پـي .... جتـي کِنـوٽـيـون کـاٽـڙيـون
مـونـکـي لوهـن لاٽـڙيـون، تـن لالـن سـنـديـون سـومـرا
١٦٤ پـٽ ۾ مـتـي مـيـرڙيـون ....
.... ڍيـــر رڙيـــــون
هـــي وهــيــون ويــرڙيــون ....
ٻُور پـچاڻـون ٻـيـر کـن، ٻـهـون ٻـيـرڙيـون
سـي چڙهـيـون، چاڻـن چونـڊيـن، ڏئـي ڦـيـرڙيـون
پـانَو پـيـرڙيـون، کـن تمـاشـا تـلـن جا
١٦٥. هُت گـهـمـن ڏوٿـي ڏُت لـئـي، کـيـون ٿـولا ٿـولـڙئـين
چاڻــن لنــبَ آئـون مـکـٽـي، جهـلـي جهـولـڙئـين

ٻِيهن ڀچائن مانيون، ڦوڪي ڦولڙئين
تون عمر اولڙئين، ڪري هُت ڇڏيج تون
١٦٩ هُت ريت تہ اڏو ٻنڌ، ڪن لويون لاڪڙيون
مَشر مارُوئڙن جيون، سچيون ساڪڙيون
وٿين تورن ڪينڪي، مڪڻ ماڪڙيون
اجا ڦٿن باڪڙيون، ....
١٦٧ اجا ڪِنون ڪِنوٽيون، تہ سانگيڙن ساهہ پيو
وسي تر تارڪن، نيون ۽ نِوٽيون
جاتي هُون جوٽيون، تاتي آجڙي آرام ٿيا
١٦٨ اڄ جوڙي ويٺا جهنگ ۾، جهانگي جُهوپڙيون
ڏي نہ ڏوٿيڙن کي، لائق لُوپڙيون
راجا روپڙيون،، گهرين رکن ڪينڪي
١٦٩ ڪرين ڇو ڪِلان، سانگيڙن تي سومرا
سارهہ سوتن تي، لاهي ٿوڪان آئون ٿهلان
هي موت ....
ٿي محلن منجهہ گذاريان ....
١٧٠ هُت ڏين مارو ڏاج ۾، ڇاٽي ڇارڙيون
پيون آهن سپ کي، أهي ويڙهيون وارڙيون
سي چوندن پيون پرهہ جو، نائي ڏارڙيون
وجهن گوندن سنديون، ڳچيءِ ڳارڙيون
پوءِ ڪنيو ڪارڙيون، وجن لوئڙياريون لوءِ ڏي
١٧١ مونڪؤن وسِرن ڪينڪي، أهي عُمر ويلڙيون
جوٿي چاريم وڏي چاهہ مؤن، چيلا چيلڙيون

تـي كـيـڏون كـيـلـڙيـون،سـرتـن سـان سـاٿـيـهـ ۾
١٧٢ اوَس اَڏن ســــومـــرا .... چؤنـــرا
تـنـهـن ۾ سـانـيـي رکـن .... ڏٺ پـهـون ڏؤنـرا
صـبـح كـائـن تـنـهـن سـان ڏڳَ .... ڏنـؤنـرا
لـــوئـــريـــاريـــون لـــوءِ ۾ ....
١٧٣ آبـــر تـــيـــا ۾ آپ، ۽ واءُ لـــگو اوپـــار جو
ســچو چوي تــيـا ســومـــرا، چڱا ســانـگـــن سُبَ
پـر چت انـدر ۾ چُپَ، اتـن تـنـهـنـجي زور ظـلـم جا
١٧٤ هيم جنهن سان جال، سي اڄ سنگهاري سج كاڻ ٿيا
عُمـر انـهـيءَ پـار جي، اتـم سـار سـنـيـال
جو صـبـح آتـي سـاجـهـريـن، مـارو چيـڙن مـال
پَيس پـري پـنـوهـارن كؤن، پـهـريـن هـيءَ هـن جا حـال
آهـي اِنـهـيءَ كـوٽ ۾، جيـڻ مـنـجهـ جـنـجال
سِگـهـڙي وجي شـال، پِهـان پـكـي پـنـوهـارن جي
١٧٥. هـت چنـين ٻـي .... لـوءِ لـرئـي سـان وتـان
.... كـــنـــديـــس كـــين كِـنـــي
.... جا ڏاڏاٿـــــــن ڏنــــــي
اهـا نـيـنـديـس ٻـاڻ ٻـنـي مـيـنـهـن وسـندي سـومـرا
١٧٦ تـوڙي لـوئـي هِت ڇڄي، وجي تـهـبـاران ٿـئـي
تـ ٻـي وٺـي پـهـنـديـس پـنـوهـارن جي، عـمـر ٻـاڻ ٻـڇي
جهـانـگـن كـان جهـجي، مـون اڏمُـي ٿـي آهـيـان
١٧٧ ڇگر ڇارڙيـون، ٻـيـا كـرڙيـون ڦـوڳ ڦـلاريـا
سـي سـنـگـهـاريـون سـاٿـيـهـ ۾، وهـن وارڙيـون

لاڙيو چڻ لاڪڙان، تامان تارڙيون

....

١٧٨ ماٺهو اچين مان، ڪو ميان ماروئڙن ڏهن
ته ڳالهيون .... ۾ ارمان
مَرُ ٻڏي ٿين مون تي ماروئڙن ....
سومرا سلطان، سي ....

١٧٩ هِن لوئي جي لاڄ، شال رهجي اچي سومرا
ته مَرَ ٻڏي ٻولي خوش ٿين، ريگستاني راڄ
سانه ڪائي ڪاڄ، جا قيد ڪئي ٿَئي ڪوٽ ۾

١٨٠ جي ريگستان رهن، تن ڪي سخت نه ونج سومرا
جور تهنجي زور ظلم جو، سانگي ڪين سَهن
متان ٻَرئين وَس وِهن، هو ويچارا واهٽي

١٧٥ اچ ڏنم .... نه ملڪ ملير ڏي
گل ڪيون ٻيتا ...... لوهيڙا.......
.... وسن ويڙهيچن تي

بيت سِنڌِي مُومل جا

١ آءُ راڻا ڏي رنگ، موٽي ڪاڪ ڪَنڌين ڪي
لاهج لڱ خداءِ جي، ذرو پُرزو زنگ
ناميا پاڙج ننگ، مهٽي هاب متان ڪرين
٢ آءُ راڻا رنگ لاءِ، موٽي ڪاڪ ڪنڌين ڪي
ناميا ناءِ خدا جي، پير وري هِت پاءِ
سوڍا سنڌئي ساءِ، آءُ ويٺي ڪانگ اُڏائيان
٣ آءُ راڻا رک راز، مون هِن نماڻيءَ سان
توکي ڪريان ڪيتري، ناميا نَر نياز
جو تي ڪيڙم ناز، تنهن مهٽي هاب ڪري ڇڏيو
۴ مُون تئون مهٽون لاهــِ، مؤلا ڪارڻ ميندرا
تون تان صاحب آهئين هيءَ ڌُهارڻ ڏاهــ
توڙي تيس بيراهــ، تــ بي ڳل تنهنجي آهيان
۵ ڏي ڪو رنگ وري، ڪامل ڪاڪ ڪنڌين ڪي
مُنهن ڏيڪارج ميندرا، وڃان تا نــ مري
بخشج ذوق ذري، مهٽي هاب متان ڪرين
چڙهندي ساءِ چڪي، نَت مُنهن ڏيڪارج ميندرا
آندو مونکي هِتَهين، ڪنهين لار لڪي
چاڙهيو مونکي ڏاگهــ تي، تنهنجي عشق تڪي
مَرُ ٻيو ڪو سِر سڪي، اُنهيءَ جي اولاڪ جي
٧ هي جو ٽيٽو هو، سو اڪر ميٺيندو ڪونڪو
هيرو زهر زبان سان، هن ڳالهيون ڪيٽو هو
ناتــ پاٽؤن پِهٽو هو، مونکي زير زمين جي

Scanned by CamScanner

٨ ڏک نہ ڏيٺو هو، تو مونکي ميان ميندرا
ناميا پنهنجي ننگ کي، تو نيبهہ نيٺو هو
زهر پيالو پُر ڪري، مونکي تنهن پيٺو هو
جِيءُ نہ جيٺو هو، مان ڪؤن هن مهٽئين
٩ ڪين وسارڻ هوءِ، مونکي ميان ميندرا
توکي سودل مُئي ڏي، ڪِي نهارڻ هوءِ
تو بن گهارڻ هوءِ، ڪو مونکي ويهي ڪاڪ ۾
١٠ سودل سڪائي، آءُ پڻ گهٽو آهيان
راتو ڏينهان تانهجي، وات مونکي وائي
ڪِر اُها ڪائي، جو ڪارهن لهي ڪاڪ تؤن
١١ ميان آءُ ماري، ڏاڍي ڏنءَ ڌاڳ جي
مهٽي هاب متان ڪرين، تہ ڪاک نہ تئي ڪاري
ڪر سودل ستاري، ڏوهن ڏي نہ ڏسيج تون
١٢. آءُ سوڍا ڪر سچ، لاهي مون تئون هي ميهٽو
جهيڙو جهڳڙو نہ ڪرين، مون ۾ ڪونهي ڪچ
الله ڪارڻ اچ، ماڳُ وسائج ميندرا
١٣ اچين جي اوطاق، منهنجي ميان ميندرا
تہ عيبن ڪؤن آجي تيان، ڪوجهي تِئي نہ ڪاک
مري تي مشتاق، تنهن جي ڪارڻ ميندرا
١٤ ڪاک پچندا ڪاپڙي، جن ڏَريو ڪاتي ڪَنڌ
وڃي رسيا اُن هنڌ، جتي مُون تون آهي ڪانڪا
١٥ ڪاک پچندا ڪاپڙي، وڏيُ ويل ويا
لُڏاٽئون لنگهي ڪري، ڪنهن پرئين پنڌ پيا

Scanned by CamScanner

أتي ٿاڪ ٿيا، جتي مون تون هڏهن نانهہ ڪا
١٦ لنگهيا لڏاڻو، آئون ڪاڪ ڇڏيائون پوئتي
تاتي وڃي رسيا، جاتي مومل نہ راڻو
نڪا مسجد تڪيو اُت، نڪو تڪاڻو
تاتي ٿين ٿاڻو، جتي مون تون نانهہ ڪا
١٧ ڪاڪ لڏاڻو لنگهيا، اڄ لاهوتي لعل
اوري هڏ نہ اٽڪيا، ٿيا پرئين خيال
حدون ٻيجي هليا، جن کي حد ٻيجائي حال
فرق ڪن نہ فراق ۾، ويجها ڪين وصال
فنا في الله جي ٿيا، ڪا تن کي سُرت سنڀال
ٿين قرب ڪمال، جن ٻيون اوري ڇڏيون
١٨ ڪاڪ نہ ويا ڪاپڙي، نڪي لڏاڻي
نڪي ڏريا ڏٿ تي، جاتي رنگ رکيو راڻي
آهي مڙئي نابود ٿيا، اُنهن سامن ساماڻي
ٿاڪ ٿيا ٿاڻي، جاتي مُون تون ناهہ ڪا
١٩ هيءَ ڏهارڻ ڏاهہ، تون ڏوليو ساري ڏٿ جو
ڪامل تڪو ڪاڪ تي، چڙهي ڪرهُل ڪاهہ
ڪاٽيون ڪنڌيون ڪاڪ جيون، ٻي لڱن باغن باهہ
اهو مون تئون مهٽو لاهہ، ڪا مهر پويئي ميندرا
٢٠ ڪيو مهٽي هاب، ـون کي ميان تو ميندرا
توکي سڪنڌي سپرين، مون خوش نہ اچي خواب
ڪَرِ نہ خان خرابُ، ڪامل ڪاڪ ڪنڌين کي
٢١ چڱي ڳالهہ چوانءِ، سا سڻ ميان ميندرا

Scanned by CamScanner

آءُ تُنهنجڙي آهيان، تون منهنجڙو آنءُ
هيءَ نِڌر تنهنجي نانءُ، آهي وڪاٽي وَلها
٢٢ وَلها وڪاٽي، آءُ دَرِ تنهنجي آهيان
تنهنجي ڏس ڏهاڳ ڪئي، هِيءَ ناميا نماٽي
هي مَرئي تي هاٽي، تنهنڪي مُنهن ڏيکارج ميندرا
٢٣ تي راضي تون راٽا، معاف ڪرين سڀ مديون
ڪر نه ڪنيزڪ سان، ميان تون ماٽا
جي هڙا ڏک ها چاٽان، تا نانءُ نه ورتم نينهن جو
٢٤ مومل ماڻ هليا، ڪاپڙي ڪل دار
وچ ۾ آتش دُود جا، آين بَهتُ بخار
ڪي سڙيا تنهن سوزان ۾، ڪي نر چليا نروار
ماڙي ڏسي ڪي پنيليا، ڪي خود ڪؤن خبردار
ڪي ويا ماڙيءَ ڪؤن نڪري، پرت نه جِت پچار
نڪا صورت اُتهين، نڪا تار تنوارِ
نڪو ڏسڻ وارو هو، نڪا سُرت سنيار
تن تي چڙهي آئيا، بيخوديءَ جا بار
ڪين ڏنائون ڪاتئين، روءِ نڪا رُخسار
الآن ڪَما ڪان، تحقيقا تڪرار
لتا شور شمار، سچو همه حق تيو

بيت سنڌي نوري ۽ تماچي ڄام بابت

١ تون سمون سردار، آءُ ميءَ مهاڻي آهيان
تنهنجي شفقت مِهر جو، آهي ڪو نه شمار
آندءِ گاندر گهرن ڪيو، ٿي ساري عالم عار
مٿي تنهن مدار، تو ساري ڪينجهر جو رکيو
٢ تون سمون سائين، آءُ ميءَ مهاڻي آهيان
مون لڄ رهائين، جو پلءِ لڳي تانهنجي
٣ آءُ ميءَ مهاڻي، تون سمو ساري سَرَ جو
قُرب منهنجو ڪهڙو، چاڙيون ٿو چاڙي
ڪاري سِر ڪنيم ٿي، ڇڄي ڪِڪيءَ هاڻي
لطف لانڪون ٿيو، هاتڪ هاڻي
هُئي بيهودي ٻُجڙي، پر تو سمان سيباڻي
تڏنهن راز تنهنجي سان، ٿيس راڻين ۾ راڻي
٤ ڪلسا ڪلوري، ڪن ڪالورا ڪُمن سين
پيهي وجي پَنِ ۾، ڪن ٻُڪين ٻُوري
روز تن ڪي راوَ ڏنهن، ٿيا چانور آئُون چُوري
جي هُيون اڏو ٻنڌ ۾، سي ڪن ڪپڙا قصوري
هيٺ مٿي تن ٿي، ڏکيون سالان سموري
واسيا وتن ويس ۾، هين ڳهنبي ڪٿوري
ڇڄي ڪڪي تارِ جي، سي اپر عطوري
ٿي ملڪين مشهوري، سمي جي سهاڳ جي
١٥. پير اون مُنهن نيرا، پاڻيءَ پوندا جن هوا
سي اڄ ٻڌيون وتن سر تي، چاه منجهئون چيرا

Scanned by CamScanner

ماڻڪ موتي مُنهن تي، هٿ تنهين هيرا
ڪات سيءِ ڪِيرا، سُگهڙ سمي ڄام جي
٦ وهين وهل لَپيون، ٿي پيٺ پاريا تن پانهنجا
ڏنيون ڏُت ڏٻ جون، ٿي جهپيرن جهپيون
ڪِڪيءَ خاطر جهٻريون، ڏُٻن منجهه ڏپيون
جي ڪائن پٻڻ پپيون، سي ڇُوريءَ چريون ٿيون
٧ جي جهاڳيون وتن جهاڳ، ميئون ڪارڻ قوت جي
سي عالي درجي آنديون، سمي جي سهاڳ
منچر مَها وچ ۾، ٿي ڪن رنگيليون راڳ
هُئا حال جنين جا هڙا، تن تي پلي لايا ڀاڳ
ڪينجهر ٻن ڪنڌين جِي، ٿي هٿ اُنهن جي واڳ
هيرا ياقوت ٻيا، اڄ انهن وٽ اجهاڳ
ٻيا ٻي لکين لاڳ، تن ڏِلين ڪي ڏيئي ڇڏيا
٨ بيحد ٻگوڙيون، هُين ڏؤل نہ ڪنهن ڏونڌيون
ناپي ڏُت آئون ڏٻ جون، ڪن خرارين ڪوڙيون
ٻوريءَ ڦرها ڦريون، اڇن ملاحيون موڙيون
ڄام تماچي تن جون، جوڙون جوڙيون
ڏورن ڪؤن ڏوڙيون، ٿيون سمي جي سُهاڳ سان
٩ ڏؤل نہ ڪنهن ڏونڌيون، پر هيون سمي جي سهاڳ تي
ڪينجهر سندي ڪنڌيين، ڪن ٿوريون آئون ٿونڌيون
ڇِڪ جيهون چونڌيون، ٿو ڄام وهاري وٽ ۾
١٠ هيون لگين ليڙيون، مُنهن نہ موچاريون
سي ٿو ڄام وهاري وٽ ۾، ڪري ملاحن ميڙيون

Scanned by CamScanner

ٿو ڀڳيون جوڙائي ڏئي، ڀڳڻ تن ڀيڙيون
وٽن ماڻڪ موتئين، ٽنهنڪؤن جهڙي جهيڙيون
توڙي اهڙيون اويڙيون، تہ بي سمي چام سهاٽيون
١١ جن ٿي پاليا پيٽ، ڪُمَن ڪالورن سان
سي تا تيل قليل سان، ٿيون ملائن ميٿ
چام جواهر جي ڪري، ٿو اُنهن پار اُميٿ
ڪئي لاڪيٽي ليٽ، سمي مير مهاٽن ڏي
١٢ هوا وڏا جن تي ويل، ٿي ڦوت مليو ڪينڪي
خاصين سي خوراڪن تي، تاڪن مهاٽيون ميل
.... ٿي آيون اونداهي اويل
مڙي جهڙي پاڻ ۾، ڪن سيلانيين سيل
پوءِ لاٿا چام لطف سان، زبونن تؤن زيل
تن تي تيل قليل، اڄ عطر ڳاڏڻ اوتيا
١٣ جنهين اڏو ٻنڌ، هُئي عمر سيائي اهڙي
سي سمي جي سهاڳ تي، آيون ڏاڍي انڌ
تنين جي طولان جيون، پيون هاڪان هنڌو هنڌ
ڏُليون ڏولين چڙهيون، پيرين پون نہ پنڌ
سڀ اندامين سنڌ، جَڙيون جواهرن ۾
١٤ جُتيون جَڙائو، پايون وتن پير ۾
چوليون جن چڪ هيون .... اڄ ٿيون لالين لائو
مهاٽي جون ماٽڪي .... ڏٿيون ڳهائو
سا ترسي نہ تائو، پئي جهليون جهولي چام جي
١٥ مهاٽيون ماٽيون، پون پيٽ ڪيون

Scanned by CamScanner

ڪن چڙهايون چاهه مون سمي.........
پر نوريءَ نادر چام ڪي، ڪي چڪيائيون چاٿيون
تنهنکي ڏسڻ سان ڏياريون، ڪنهن ڦڪل ڦيراٿيون
وٿان سو واٿيون، ٿو ڏئي ڏهاڙي اُن ڪي
١٦. هئي هڪ ٽُرار، چار توارا موتئين
تنهن برابر نه ڏيان، توڙي ڏين جال جوهار
جو پلؤ پيڙو هڙو، مهاٽي مٽيار
سا مر ڪري ڪينجهر قرار، جهنجو چارو چام ڪلهي ڪنيو
١٧ تارازيءَ جي توري، مَڪ موتين تي نه ڏيان
ٻيٽان ٽيٽان نه وٿان، ٿوري نه ٿوري
گهوري آءٌ گهوري، جو چارو چام ڪُلهي ڪنيو
١٨ مَڪ برابر نه ڪريان، ماڻڪ موتين ساڻ
سمو چام سچاڻ، جنهن چارو چام ڪلهي ڪنيو
١٩. مٿي جن مُوڙا هُئا، چارين گندئين گودڙئين
سي ٻئنسر ٻئنان زر جا، تن جهاپا آئون جُهوڙا
جن ٻانهين ڪُلهين ڪين هو، تن چُوڻ تائين چندن چُوڙا
تن ننگن نپوڙا، شال سمي جي سهاڳ سان
٢٠ رنگ ڪاريءَ رويون، هيون مڙئي ملاحن جيون
سي ڪنيون ڪارن ۾ اچن، درا ۾ دُويون
جن ۾ بيحد بدبويون، تن تي عطر اوتيا
٢١ هڪ درا، ٻي دُوءِ، ٻيون گوجان مارن گانگٿيون
تن مؤن ڪڪيءَ جي اچي، برابر بدبوءِ
تنهن پوءِ مُشڪ عطر جي، اچي منجهائن خوشبوءِ

Scanned by CamScanner

رنگ سوني جي رُوءِ ،صورت انهي سوهڻي
٢٢ مُنهن مٿي ميريون، هيون بيهوديون بڇڙيون
گهڻ گهڻ نوري گهنگهرو، ڇم ڇم ٿيون ڇيريون
سمي پاڻ سهاڳ ڏئي، هي جي انهئن هيريون
ڪا تہ ڏسو ڪيريون، ڪيون ڪينجهر ڪنڌئين
٢٣ مُنهن مٿيءَ ميرا هُئا، بيهودا بڇڙا
سمي جي سهاڳ تي، ٿيا گاندر گنيرا
ڏسو ڏهاڙي ڏئي ٿو، در تنين ديرا
ساجهر سويرا، ٿا کائن طعام خوشيءَ سان
٢۴ تَرڪو جن تريون، پيا ڪونر ڪُڙهيون ڪڇ ۾
تن اڄ لڙهان لڙڪن موتئين، پيون سنديون سون سَريون
زيور آئون، پازيب پيا، زري باف زريون
ڪينجهر پئي پريون، انهن کي انعام ٿيون
٢٥ جنين دُوءِ درا، ڪچين ڪُمَ ءِڪوٽيون
مٿي پيرين برهنہ، هوا غريب سپ گرا
...........لک ٿپيا تار تريا
اُهي پاهان پاڻ پرا، ٿيا سمي جي سهاڳ سان
٢٦ جي ڪؤنر پرن ڪُمَ، تن جو ناتو ناپي سان هُئو
تَرن جا تنهن تار ۾، ٿي رَوان ڪيا رُم
پوءِ اچي تماچي ڄام جي، پئي دَرِ تنين جي ڏم
جي هُئاگوشائت گم، سي پلئي لڳي پڌرا ٿيا
٢٧ ٻِهہ، ڏوڏا ڏاج، ڦوت جنين ڪُم ڪوٽيون
اُنهن جو احتياج، ٿو تماچي ڪيڏو ڪدي

Scanned by CamScanner

٢٨ نـــہ كـــنـــهـــن رُوءِ نـــہ رنـــگ، هُـئـا بـــيـــهـــودا بـــچڙا
اڄ پــڻ انـــهـــن جي، ٿـــيـا پـــيـــرن هـــيـــٺ پـــلـــنـــگ
مـــيـاٽـــيـــون مـــعـــافـــي ٿـــيـــون، نـــہ ابـــواب نـــہ انـــگ
پـــٽ اوڍيـــن اڙٻـــنـــگ، ســـي ســـمـــي جي ســـهـــاڳ تـــي
٢٩ مـــيـــئـــون ســـرمـــتـــن پـــئـــي .... پـــل كـــي
ســـــــي تمـــــاچي چام......... خيـــــال كـــــؤن
زري ۽ زريـــا مـــلـــي ٻـــيـــو لـــيـــكـــو نـــاه ....
.... جن جاواريـــــــا هُن وتـــــــــــن ....
٣٠ پـــوئـــكـــيـــون لـــس پـــلا، تـــي مـــهـــاٽـــن مـــاريـــا
لـــک هـــزاريـــن حـــاكـــمـــين، تـــي كـــاڌا تـــن كَلا
كُڙهـــيـــون جن كـــنـــڌن تـــي، ســـي تـــيـــا لـــڳي پـــاڳ پَلا
هـــڙي تـــن نـــہ دســـت ۾، هُـئـا نـــهـــريـــل كـــيـن ٺَلـــهـــا
اڄ مـــيـــئـــن جي گـــهـــر مـــال جا، تـــيـــا ٿَمر تـــلا
پـــر هـــئـــڙي اكـــڙيـــن ۾، كـــا جا مـــيءَ كـــلا
كـــيـــنـــجهـــر گـــهـــمـــن لاڏ مـــؤن، كـــيـــون رس رَلا
اگـــلا جي سگـــلا، ســـمـــي نـــانءَ ســـچاٽـــبـــا
٣١ حـــريـــران ۽ حُلا، ڏنـــا چام تـــہ چارن وارئـــين
جي هـــيـــون اڏو ٻـــنـــڌن ۾، تـــن چوٽـــي چُوكُلا
جهـــنـــگ ســـنـــدي جاءِ .... بـــنـــگـــلا
اگـــلا جي سگـــلا، تـــا ســـمـــي نـــانءُ ســـچاٽـــبـــا
٣٢ كـــيـــنـــجهـــر ســـنـــدي كـــنـــڌئـــين، رهـــن پـــريـــون جي پـــنـــيـــور
مـــيـــئـــن مـــتـــي آئـــيـــا، ســـالـــو ۽ ســـالـــور
چڙهـــيـــو ســـا چوڏول ۾، تـــي حـــكـــم هـــلائـــي حُور

راتو ڏينهان راءِ جا، تيا ملاحين مذكور
سي حاضر منجهه حضور، وهن تماچي چام جي
٣٣ تون سمون سرتاج، آءُ مي مهاڻي آهيان
لاڻي پنهنجي لطف سان، اسان كؤن احتياج
كينجهر سارو تو كيو، مون ميءُ سندو محتاج
تنهنجو مون ڏنهن آهي راج، تہ اٿم كهڙي كاڻ كرم جي
٣٤ لانگوٺيون لاشون، هيون وهہ وهل جي وچ ۾
سي پلئي لڳي پوءِ چام جي، ٿيون خوراكين خاشيون
لعلن ياقوتن جون، وٿن كينهن كماشون
جن پاسا هر پل پَن تي، تن فرشين فراشون
لڳن گج مقيس تي ٿيا ....
تا پِي تماچيءَ كي، كن طرحين تلاشون
رُوءِ هيون راشون، پر سمي چام سهاڻيون
٣٥. هئا خام خسيس، كينجهر سندي كنڌئين
سي مُورائون ميچيءَ جا، هئا كُل حريص
تڏيون تونريون تن كي، پاتاريون سپ پِيس
جڏهن تماچي جي ٿي، ميءَ سان مجليس
پاسي هيٺ اچي پيا، انهن جي اطليس
سي سون رُپي سرسا ٿيا، لٿن هك پئي جي هيِس
واتين انهن جي كري، تو هر هر چام حديث
مِهر آئون شفقت جي، ڏئي انهن كي آسيس
تن سان كير كندو ريس، جي سمي چام سهاڻيون
٣٦ جن واتين وهہ وهل، باس آئي تي بيچڙي

Scanned by CamScanner

أهي چڙهيا پالڪين، آهي سڀ سهل
جتي جهڀرين جهوپڙيون، ٿيا ماڙيون تت محل
سمو چام انگل، اچيو انهن سان ڪري
٣٧ ڇڇيءَ جي هُئي ڇت، ٿي آئي عام خلق کي
وَهِ وڃائي جي وهم ۾، ميءَ مڇاءِ نه مٽ
نوري چام تماچي سان، ڪلي چڙهي هُئي ڪٽ
سِرلاڇو سِرپٽ، ملاحن مشرود ڪيا
٣٨ جنين ڦاٽوڙيون، هيون گنديون گودڙيون
تن ڀيريون بافتن جون، جُنگ ڏئي جوڙيون
اڇليو اُنهن ذي وجهن، سون رُپو روڙيون
پانَو پاسي ميءَ جي، ڦناتان ڪوڙيون
گهوڙا ۽ گهوڙيون، تو وينو ڏيهاڙيون ڏئي
٣٩ نُوريءَ ڪيو ناز، ٿي ريجهائي راوَ کي
نِتُ نِتُ چام نياز، تو اچيو انهن جو ڪري
٤٠. تون تماچي چام، آءٌ ميءَ مهاڻي آهيان
ڏنو تو آرام، ڪينجهر ۾ ڪنڌين کي
٤١ تنبوءِ جي طناب، اچ کُتي ڪينجهر ڪنڌئين
ناد وڄن ٿا ناد، ڀيا ڀي رود رباب
جِتي ڪِڪيءَ ڪوڙا هوا قيما تت ڪباب
وتن مهاڻا مُست ٿيا، ماڇي اُت مهاب
تن تؤن سڀ حساب، موران ٿي معاف ٿيا
٤٢ پلوءِ مون پاتوءِ، تون راجا لڄ رهائيين
سما سڄاتوءِ، ڪامل پنهنجي قرب کي

Scanned by CamScanner

۴۳ ڏت جنين ڏوڏا، پهرڻ پاپوڙا تنين
پيتا وچي تن جا، گپ اندر گوڏا
سو پَٽن جي پينگهن ۾، تن لعل ڏئي لوڏا
اُهي آڻيو اوڏا، ٿو وير وهاري وٺ ۾

۴۴ ڪوجهيون رنگ ڪاريون، مُنهن نه موچاريون
سي ڪڍيو ڪالورن جيون، سِر ڪٽن ڪاريون
ڪيئي ڪٽي اُن جيون، ٿو تماچي آريون
سي اڄ سالون ڊڪن سِر تي، کُلهين ڪِيناريون
زور ڇڏي زاريون، ٿو تماچي تن ڪي ڪري

۴۵ لاڏ ڪيو لڏن، ڪينجهر سندي ڪنڌئين
ڪاريون ٿيون ڪُرن، سمي جي سهاڳ تي

۴۶ ڏُکين ڪي ڏولئين، چام تماچي چاڙهيو
لعلان زمرد تن ڏئي، ٿو جواهر جهولئين
زريءَ ڪلابات جا، تن ڇِڪم تي چولئين
ڇٽڪائي چولئين، هِيرا لڪان لڪئين

۴۷ هوا لانگوٽيا لُول، ڪوجها ڪنهين نه ڪم جا
فرش فروش آئون غاليچا، ڏئي تني کي طُول
تڏي مڏي ڪان تن سي، ڪن جهروڪين جُهول
پيا اهڙي منجهه الول، تن چاريون چار وساريا

۴۸ ڪوئز جن ڪُڙهيون، هيون هميشه هٿ ۾
سي لوڙهن جي لڙه لئه، تي لُڙهي منجهه لڙيون
جُهڳن جهل انهن جي، ڪونتلن ڪڙهيون
ڪي وتن ڇيڪ چڙيون، ڪي تازي طويلن ۾

Scanned by CamScanner

۴۹ هُيون لَس لانگوٽيون، پاڻي پوندي جن هيون
تن مياڻيون معافي ٿيون، ٻي ڇر سيا ڇوٽيون
اَن جيون ڪٽي ڪيتريون، چام سمو ٽوٽيون
جو ميءَ ريجهائي راوَ کي، ماڻن سان موٽيون
ڪريون جي ڪوٽيون، تہ ٻي پيون پلئَ چام جي
۵۰ ٿي پڻ هوءِ هُتيون، پورهيو ڪندي پن ۾
پلؤ لڳيُ پوءِ چام جي، ڇيهن ڪانءُ ڇُٽيون
ليڙ نہ جن لڳن تي، ٻاهين ڪَنين ٻُٽيون
اُنهن لانگوٽن لٽيون، ٿي مُهران لعلان لاڏ سين
۵۱ ٻيهودا ٻي آب، هُوا اڳي ڪينجهر ڪنڌئين
پلئَ لڳي پوءِ چام جي، ٿيا تن جا جوڙ جواب
ٻيا سڀ حرف حساب، ملاحن معافي ٿيا
۵۲ ساڻ جڙائو جُتيون، ... تماچي تن کي ....
جي هٿ پيرين اگهاڙي گهميون، تن تي لڳيون سو سُتيون
.... ٿي ويون ڏيهان رات ڏتيون
....
.... سمي جي سهاڳ سان
۵۳ مهاڻيءَ مَرڪ، جان تماچي طريل ٿيو
مٿي ميءَ گلاب جو، تو اوتي عطر عرق
ڪيائين ڪونہ فرق، پاڻ گڏيائين گاندرين
۵۴ جن مؤن ٻڇڙي ٻاس، آئي تي عام خلق کي
تن سان سمي چام جا، تيا ايذائي اخلاص
تي عام نہ ڏنو اَن ڏي، سي تيا خاص خاص

Scanned by CamScanner

عطر عنبير ڪچور جا، اهي وڳين ڏين واس
لڪين ڪن لباس، زري آئون زرباف جا
٥٥ تون سمو سلطان، آءُ ميءَ مهاڻي آهيان
جي آهين مون ڏنهن مهربان، ته اٿم ڪيهي ڪاڻ ڪُڙم جي
٥٦ ڪڍيو ڪالورا، تي آنڊئون اڏو ٻنڊ ۾
جن پيرين لِتَرُ ڪو نه هو، سي ڪن جڙائو جوڙا
تن مُهران سونُ سمو ڏئي، ٻيا رُپي جا روڙا
ڏيهن ۾ ڏوڙا، تيا سمي جي سُهاڳ سان
٥٧ تي لانگو تين لوڙ، ته پيو ....
ناپي ۽ ڏت ڏپ جا، آڻيو ڪن اروڙ
تِتي مُشڪ عطر تيا، هوا جت ڪِڪيءَ جا ڪوڙ
سي ڪن ڪينارئين ڪپڙا، ٻيا جواهر جا جوڙ
متي ٻڌي موڙ، گِهڙيو تماچي تن ۾
٥٨ مَڪ برابر نه ڏيان، توڙي ٻرين موتين ماڻ
جو مون ڪميٽيءَ ڪاڻ، چارو چام ڪلهي ڪنيون
٥٩ چام ڪنيو چارو، مرڪي ملاحن جو
تيلهان مَڪ متي موتين جي، ڏيان تيٽو ترارو
سڀ ڪينجهر سارو ڪنارو، مهاڻن معافي ٿيو
٦٠ موتي متي مَڪ جي، وٺان نه ٻيٽا
ٻي برابر نه ڪريان جي ٻيٽا ڪي تيٽا
اسين تا هيٽا، پر چارو چام ڪلهي ڪنيو
٦١ مڪ موتين تي نه ڏيان، توڙي هئن ٻاتون ٻات
ڪوجهي مان ڪمذات، پر چارو چام ڪلهي ڪنيو

Scanned by CamScanner

٦٢ هُئا تولاڪين توت، پر نادر چام نوازيا
جن ناپا، لوڙهہ، ڪلور ٻيا، تي ڦڪيائون ڦوت
سي اچ ڪِيا وتن خمار ۾، اٿئي پهر اَلوٽ
ڪينجهر ٻن ڪنڌين ۾، ٿيا لانگوٽيا لک لُوٽ
پينگهين اَئون سُک آسٽين، ڪن جهٻيرن جهوٽ
هِڪَ ڪُلهين ڪؤنر سيل ڪن، ٻيا منهن لائن منهن جُوٽ
چڇيءَ هاٿن چُوٽ، ڪيون مرد مياٽيون
٦٣ جن تي ڦڪيا ڦَٽ، تي ڪُلين قيمن هيروان
ڪِڪيءَ جيهن ڪارن تي تي ....
ڪوجها ڪنهين نہ ڪم جا هوا ....
اچ تن دُشالا سِرَ تي، ٻيون شالون ٻڌن ٻِٽَ
زمرد اَئون ياقوت جي، تي لعلين هيرين لٽ
سمي سڀ معافي ڪئي، تن ساٿن تان ست ڪُٽ
لٿا ڏيل اُنهن تؤن، ٻي ڪُلي تين چڙَ چُٽَ
عيب ڏسي عامن جا، ڪيائين ڪان اُپٽَ
اُنهن چام اَڪٽَ، موتي ماڻڪ تو ڏئي
٦٤ هيٺ مٿي پوتي هُئي، ماڳين مهاڻن ڪي
پاٿي چوندي تن هُئي، چِڪَ جيهي چوتي
اچ گاندر سِر گلاب جي ،ٻي عطر عنبر اوتي
مُنهن لڱس موتي، تان جهولي تي جواهر ۾
٦٥ چارو چام ڪٽي، تو مرڪيو ملاحن جو
زريءَ ڪؤن زربادلي، تي چُڳير چٽي
سهجئون سون رُپا ڏئي، ماڻڪ هيءَ مٽين

خيما خوب قناعتان، هيجؤن تِت هٽي
ڳاٽاتي نه ڳٽي، ڏي جال جواهر تن کي
٦٦ تماچي طُرا، ٿو سڏيون ٻڌائي اُن کي
سي شوق وتن شڪار تي، ڪنيون زور زُرا
ڪُڏائين ڪُرا، سي ٻنهي ڪينجهر ڪنڌئين
٦٧ راتو ڏينهان ڏپ، هو مرڪ ملاحن جو
ٿي ٻوڙيون وهي وهل ۾، ڪئي جهپيرن جهپ
هو روز جنين جي رب، سي اڄ ڪلين حَلوَن هيروان
٦٨ مُهاڻيءَ جي مَن ۾، نه هو گيرب گاء
نيٽن سان ناز ڪري، ريجهايائين راءُ
سمو سيني ڪانءُ، وٺي ويٺي پاڻ سان
٦٩ پليءَ لڳي آهيان، آهيان اياڻي
سمي سُڃاڻي، چارو چام ڪُلهي ڪنيو
٧٠ هُئي ويٺي بازر وچ ۾، هُئا هٿ ڪِڪيءَ هاڻس
دَرن ڪاڻ دُٻن ۾، ٿي پِنَ وڏا پاڻس
هُئي مهاڻي ماڻس، پر هن سان ڪرمُ ڪريم ڪيو
٧١ ٻيون ٻي چار چُري، هليون ٻڌي دعوىٰ دانايون
هلي تي ڪِڪيءَ ڪوڙ سان، ڳچ ڪِي ڳالهايون
مضمون چا هي ملاح جو، جنهن راءُ ڪٽي رايون
نوريءَ اڳيون ناز مون، جڏهن چِت اکيون چايون
تڏهن سُهمجي سايون، ٻوليندون پاتيون ٿيون
٧٢ ڪِڪي هاڻس ڪاريون، ڇڇيءَ هاڻس ڇڇ
پاند تهين جي پاند سان، لڳو تئي ٿِي لڇ

Scanned by CamScanner

سمو ڄام سَهج، اُڀو انهيئن سان ڪري
۷۳ لٿو لانگوٽين جي، پڪين ڄام ڇُلي
مَنَهِن مَنهَنِ پيون مَسندان، جُهڳي پاس جُهلي
ماٺڪ ۽ موتئين، ڇولي ڇول ڇُلي
ڪينجهر سڀ ڪُلي، ڄڻ اصليءَ ڪؤن اهڙو هيو
۲۴ فارغ ٿين نہ فراق ڪؤن، ۽ ويجها ڪين وصال
گم ٿيڻ ڪؤن گم ٿيا، نڪا سُرت سنڀال
اُتي قيل نہ قال، سچو صُمٌ بُڪمٌ ٿيا

Scanned by CamScanner

بيت سنڌي روجهن جي بابت

۱ روجهون رڻ ياد ڪيو، اُپيون رت رُئن
هر ڪنهن ويل هُئن، اهڙن اوراتن ۾

۲ روجهون رڻ ڦٽو ڪري، هيٺ لهي آيون
ٿِين تار نه ترايون، جو مُند نه اُٿن مينهڙا

۳ مُنديُن مينهن اُٿانِ، روجهن رڻ ڦِٽو ڪيو
ڏولائي جا ڏينهڙا، گهٽا گهر ڏٿانِ
اُنهن ڪؤن ارمان، لحظي منجهه لهي ويو

۴ مُنديُن مِينهن پيونِ، ترايون تار ٿيون
وچڻ پَرِئن دِس تي، لاچارؤن ٿِيونِ
وسري ڪين ويونِ، سو رڻ ريجاڻن جو

۵ هِينئڙو چڙي هُت، ٿيون روانيون روجهيون
ڏکيا اوسر ڏينهڙا، ٿيون گذارن هِت
اٿئي پهر چِت، وطن تن نه وسري

٦ رڻ چڙي روجهون، ڪا دِس چتائي هليون
جيلهان مُند نه اُٿا مينهنڙا، تيلهان ٿيون ڪوجهون
...... مونجهون، ٿيون گذارن ڏينهڙا

۷ ماتر مينهن اُٿانِ، روجهان موٽي آئيون
اوسر سندا ڏينهنڙا، وسري سڀ ويانِ
ٿاٽا ٿر ٿيانِ، ڏٺ سيون ڦوڙيون گڏيون

۸ جڏهن ٿيا اَبر، تڏهن روجهن ڳاٽ مٿي ڪيا
مولي وچڙيون ميڙيون، جن ٿي گذاريو اوسر
ٿيون سيئي سَرِ، لنگهين ڏکيا ڏينهڙا

Scanned by CamScanner

٩ جي ڦٽيون، جي ڦوڙيون، اُتي اچي ڳڌ ٿيون
اوسر ڪيون هُيون، ..... اورنيون اوريون
لڪين ڪروڙيون، رِڻُ سيوئي روجهيون

١٠ روجهڙين اُتاءُ، لنگهيا اوسر ڏينهڙا
مولي آندا مينهڙا، پنهنجي مِهر متاءُ
جي هُيون ويچاريون وچڙيون، هڪڙيون پين ڪاءُ
وِيُن ڏول وڃاءُ، اُتي اچي ڳڏيون

١١ آسرو آهين، مونکي مارُوئڙا مليرجا
جنهن ڪُنڊ وسَن مينهڙا، تنهن ڪُنڊ ڪاهِينِ
هاڻي ٿا ساٿي سنياهين، پانوَ پنهنجي پار ڏي

١٢ سچو رک سماءُ، ٿو ماڻهو روجهن سان ڳڏين
هاڻي صبر منجهي ٿي آءُ، ڪمائي پوري ڪري

١٣ آيون وَس ڇڏي، جو مُندين اَٿن مينهڙا
موليٰ سندي مهر آءِ، جو وڇڙيون ڳڌ ڳڏي
لٿيون لاهي لڏي، روجهون ريجاڻن تي

١٤ رٿؤن روجهون آئيون، وَيَنِ اوسر ڏينهن
مُندين اُٿن مينهن، ڪن رُخ ريجاڻن ڏي

١٥ رٿؤن آيون روجهون، جو سنياليائون ديس
مندين اٿن مينهڙا، وسري وين پرديس
جي هُيون اُتي ريٰ اُديس، سي پڻ سِرهيون ساه ۾

١٦ جي اوسر ڏسي روجهيون، رڻ چڙهي ويئون
تن ڪي وجي اُتهين، پلڪان ڪي پيئون
پوءِ مندين اُٿن مينهڙا، سبزيون سپ ريئيون

Scanned by CamScanner

ڏَوَ واري ڍِيئيون، ڍِليون گاهه گلن سان
١٧ رِڻ چڙهي روجهان، ويون وري ڪٽ ڪري
سِبِزَ سيٽون، آئون ساوڙيون، تيون چاڪ چري
وَيَنِ ڏولائي ڏينهڙا، سيا ٻَل ٻري
سچو مون نہ سَري ،ريءُ ميلائي سڄڻان
١٨ جي رڻ چڙهيون روجهڙيون، ڪيون ڏولاون ڏکيون
هاڻي سڀ سڪيون، جو مُنديون اَئن مينهڙا
١٩ هنيون لاهي هليون، روجهان رڻ چتاءِ
موتي مِهر مولي جي تين، جو اَئن مينهن متاءِ
ڏولائي جا ڏينهڙا، لاٿا پاڻ خداءِ
وري پنهنجي ديس ڏي، وريون جاءِ بجاءِ
.... منديون اَئن مينهڙا

Scanned by CamScanner

بيت سنڌي پورب جا

١ گنگا ڪانءُ گذر، آهہِ ڪنين ڪاپڙين جو
ڪڏهن لوڪ نہ لڙيا، سدا تن سفر
آهي نام مَشر، اُنهن آڏوتين جو
٢ جوڳي آهن جي، گوش گنگا ڏي تن جو
آهن ڪوڏيا ڪات جا، پڻ ڪاپڙي ڪي
سِرُ سنباهن سي، جنين ناتو نات سان
٣ جوڳي جال ڏنام، پر ڪو ڪو ليي ڪاپڙي
هي ويهي وَستِن ۾ ويا، هونہ لوڪ لَڙيام
تنين ڪاڻ ٿيام، هَئي هَئي هڙا حالڙا
٤ جوڳي جال ٻُجهن، پر ڪونہ لهان ڪو ڪاپڙي
تن ڳڻ ڀرين جيون ڳالهڙيون، ٿيون منهنجي ساه سجهن
لوڪَ نہ ٻئي لجهن، بِگر نالي نات جي
٥ جوڳين اوري جُوءِ، هن لوڪ لِڪي ويا
تِتؤن لاهوتي لنگهي، حُر پيا ۾ هُوءِ
راسخ روبروءِ، وجي ناميا ٿيڙا نات سان
٦ جوڳي آهن جال، پر لاهوتي لنگهي ويا
هِي مِڻ مِڻ ڪن مَٽين سِين، هوڪڙا مٿي خيال
سي لانگوٽيا لال، ڀينر ڀاڳ مِلن مُون
٧ لوڪين لاهوتي، ڪنهين پَرِ نہ پِريا
سي پنهنجو رکي پور ويا، سالڪ ثابوتي
اُهي آڏيءَ آڏوتي، نانگا ويڙم نہ ڪري
٨ ڪري لنگهيا لوڪ مؤن، لاهوتي لوڙا

Scanned by CamScanner

گهوڙا ڙي گهوڙا، جو مون مَنُ مستانو ٿيو
٩ پورب ڇڏي پوءِ، آڏوتي اڳي ٿيا
ويا اُڪنديا اڳنان، نه ڪنهن لڙيا لوءِ
رجائي رت روءِ، هَئي هَئي واتڙين تي
١٠ جوڳي جالؤن جال ،پر لاهوتي لنگهي ويا
هو هلي ويڙا حال ۾، هي قابو مٿي قال
هَئي هَئي منهنجي حال، جو حال نه پيو هَٿِ مُون
١١ جوڳين هت جايون، جي هن لوءِ لکي ويا
تپش هِن جي تَن کي، وڃن لاهوتي لايون
آڏوتين آيون، خبران ڪات ڪسڻ جيون
١٢ جوڳين آهه نه جنگ، هِن سلوڪي سڀ سان
جيجان هن جهان ۾، هن طريلا تنگ
ڪنهن جي رتا رنگ، ماٺڪ مُنهن مشعلان
١٣ لاهوتي هن لوءِ، آيل آهن اڄ ٻي
پر ووءِ ووءِ اجان پوندي، پوربين جي پوءِ
ان ڪاپڙين کي ڪوءِ، سڳر منجهه صحي ڪري
١۴ لاهوتي مؤن لوڪ، ٿورا ڪري لنگهيا
سدا ساميڙن تي، محبت وسي موڪ
اُهي زابر منجهؤن ذوق، ڪنڊ ڏين ٿا ڪات تي
١٥ ڪاپڙي مُون ڪالهه، اجان ڏٺا ڏيهه ۾
هَئي هَئي منهنجي حال، جو ساٿن ٿيس نه سنگتي
١٦ هو جي ڏٺا ڏيهه، ڪالهه اجان مُون ڪاپڙي
سي اڄ لنگهيا لوءِ مؤن، دانهه ڇڏي ديهه

Scanned by CamScanner

هاريون هو هڏيهہ، موتن کين مکان تي
١٧ پورب پند نہ آهہِ، ڪڏهن ڪاپڙين کي
جِت مَاٿهن ميڙاڪو ٿئي، سا جُوني جوڳين جاءِ
سامي سِرَ سواءِ، سؤدو ڪن نہ ڪو ٻيو
١٨ پورب آهہِ نہ پند، ڪڏهن ڪاپڙين کي
سي ڏيندا ويراڳي وجي، ڪاتن متي ڪند
هوءِ سندن هند، جو لڙ گڏجي لعل ٿيا
١٩ پورب رکي پير، ڪن ٻُجَ پراهين پند جي
ٻيو ڪيو وجي اُتهين، ڪاپڙين ريءَ ڪير
جنهنکي قڪل نہ ڦير ، ڪند ڏيندو سو ڪات تي
٢٠ پورب پند نہ ڪن، ڪنهين ويلي ڪاپڙي
ڪوڏ ڪپائڻ ڪند، جو توڙؤن آهي تَنِ
وجي ڪاتِ ڏين، گردنيون ڪنيو غارِم
٢١ پورب پڇيائون، پر پير رکيائون پرنان
اوريان پريان پندڙا، سي لَس لنگهيائون
ائين اتيائون، تہ گر اسين نہ گڏيا
٢٢ پورب ڪان پري، نانگن نظر آهہ تا
نگهہ وجهن نات تي، پريونءِ پير پري
منجهؤن ذوق ذري، گر گڏيا وجي گودڙيا
٢٣ پورب پير ڏرنِ، ڪن وِڇَتَ پرئين پند تي
قدم رکي ڪات تي، ڪند قربان ڪَرن
ڪوڏؤن ڪاپڙين، سِرڪيو تا صدقو
٢٤ متي ڪات قدم، ڪاڪيون! ڪاپڙين جو

Scanned by CamScanner

تن هَنيو ئي اُن گر جو، دمامين سان دم
آديسي عدم، ٿيا نالي ۾ نات جي
٢٥ ويا هِتؤن ويهي، اجان ڪالهہ ڪالهوٽي ڪاپڙي
آيل آڌوتين جي، ڳالهہ ڪريان ڪيهي
پورب ۾ پيهي، وڃي واصل ٿيا وصال ڪي
٢٦ هَئي هَئي ڪالهہ هِتاءُ، اجان لاهوتي لنگهيا
ڪونہ وڃڻ جو مُون ڏنو، ساميڙن سماءُ
تاڪو پوي ترياءِ، مَن لاهوتين جو لوءِ مؤن
٢٧ ويا لاهوتي لعل، لورا ڪري لوءِ مؤن
اُنِ جي ڳالهہ نہ ڳرهڻ جهڙي، سندن منهن مشعال
هَئي هَئي ههڙي حال، ساريو سي سَڏ مران
٢٨ جو پند جوڳيڙن جو، سو آڌوتين اجاءِ
گنگا ۽ گرنار ڏي، جوڳين پند جڳاءِ
پند انهيءَ پرنان، آڌوتين ڪي آءِ
تان تان ٿين نہ جاءِ، جان جان ريجهن رام سان
٢٩ ڪوڙين قرباني، آءُ تا ڪاپڙين تؤن
جي ڏئي ويا ڏيل ڪي، هَئي هَئي حيراني
ماريو مهماني، آءُ سِرُ ڪريندس صدقو
٣٠ ڪري لورا لنگهيا، جي آڌوتي اڄ
مونُهؤن امان ٻڄ، جو آءُ ٻي ويندس اُن سان

Scanned by CamScanner

بيت سنڌي وحدت جا

١ اول ٻيري ٻيچ، جي بند خيالات جا
تنهن پچاڻؤن وچ، حلاجي حيرت ۾
٢ هيءَ نه واٽ هواءِ جي، آهه نڪا تقليد
تحقيقا توحيد، آهي راه رسول ﷺ جي
٣ هڪ سفر ساعت، ٻيو سفر سال جو
پهريون تا راحت. پويون تاپوءِ رهيو
۴ جي تو ادب آههِ، تاٻنڌاڻن ٻڌي وڌين
ڪَل نه پيڙهءِ ڪاءِ، اصولي اسرار جي
۵پٽيءَ چڇ نه چُل، منجهه تماشي نه پوين
گهوٽ ڪري تون پاڻ ڪي، ڪر هنگاما هُل
ٻول نه ٻئي ڪنهن ٻُل، وٺج حال حلاج جو
٦ پٽيءَ چڇ نه چُل، تون ڪر پاڻ کي گهوٽُ
مرد نه هتؤن موٽ، پٽيءَ لائي ڇيڙي
٧ جڏهن وهين فڪر ۾، خاصو ڪري خيال
تڏهن فرق وارا في الحال، بند ٻڌنديءِ وچ ۾
٨ حڪم هلي ٿو جنهن سان، ڪو ڪر پيدا ياڻ
صورت سا سُڃاڻ، موءِ ڪري مورت ڪي
٩ "تو" هين سان "تون" ليين، "مان" ليان "تو" سان
"تون" "هي" "آءٌ" سيئي لا ۾ موجودات ٿي
١٠ جي تو چاتو پاڻ، ته آءٌ ٻيو ڪو آهيان
ڪندئي غرق گمان، ڳهلا انهيءَ ڳالهه ۾

١١ ادب اٿـــئـــي اوٽ، اوٽ تـــہ اڳاهـــون ٿـــئـين
مـــار نـــغاري چوٽ، عـــاشـــق اناالحـــق جي

١٢ جي فـكـر كـؤن فـارغ ٿـيا، ٿـيا دنـيا كـان ڏُور
هـونـدا سـي حـضـور، آءُ تـہ ڳرهـيـون ڳالـهـڙيـون

١٣ بـيـرنـگـيءَ مُون رنـگ، پـسـو جو پـيـدا ٿـيـو
ظـاهـر ۾ پـيـو زنـگ، مـوسـيٰ ۽ فـرعـون جو

١٤ تـو جا پـائـين مـوج، سـا مـڙيـائـي مـهـريـاڻ ٿـي
هـي اُنـهـن جا اوج، جن سَنـبـت سُوريءَ پـار ڏي

١٥ ديـن كُفـر دل دام، ڏج مـڙيـوئـي مـوج ۾
تـنـهـن كـان پـوءِ حُكـام، هـركـنـهـن هـنـڌ تـنـهـنـجو هـلـي

١٦ جاڏي كـيـاڙي، سـجدو تـاڏي نـہ ٿـئـي
جاڏي مُهـاڙي، سـجدو تِت صـحـي ٿـيـو

١٧ ظـاهـر كـكـر آنءَ، مـيـنـهـن تـوئـي ۾ بـاطـنـي
پـاڻ اُهـوئـي پـانءَ، جنـهـن وَسـي سـان وَس ٿـئـي

١٨ سـوز گـداز ۽ غم، مـڙيـوئـي مـعـافـي ٿـيـو
مـار دمـامـين دم، عـاشـق اناالحـق جو

١٩ جي ادب كـان نـگـيا، سـيـئـي ٿـيـا الله
هُن وڃايـو راه، هُو هـاڃي ۾ هـڃي ويـا

٢٠ تـون تـا كـاٿـي آنءُ، پـاڻ اول لـهـہ پـانـهـنـجو
جيـلـهـان پـئـي نـانءُ، پـئـين تـيـلـهـان تـفـاوت ۾

٢١ ڇاڻ نـہ تـفـاوت، عـبـد ۽ الله جو
اِهـو آهـہِ اَمـرت، هـي ٻـي ڌُور نـہ اُنـكـؤن

٢٢ الله ڇاڻ نـہ هـنـكـي، هِيءُ مـڙيـوئـي حـق

Scanned by CamScanner

ناهي شبهو شڪ، جو معلوم ٿيو مرشد کؤن
۲۳ معلوم ٿي مرشد کؤن، ٻي جاڳجهي ڳالهه
هِن جي ڇا مجال، هُوءِ ليي هِن سِين
۲۴ هي تا مُور نه وِجهو، چؤ وِجي ڪاڏي
"هُو" "هي" هڪ ڪري، مورک ڇڏ ماڏي
۲۵ جهڙو ڀائيندين هِت، پاڻ پنهنجو پاڻهين
تهڙوئي ٿيندين هُت، ٻي ساڻ يقين جي
۲٦ جيڪي آهي هِت، هُت ٻي أهوئي اٿئي
ٻَج اِهائي ٻت، تاتون أهوئي رهين
۲۷ اول گمراهي، آهي رباني راهه ۾
تهان پوءِ همراهي، آهي هيءَ هدايت جي
۲۸ جي اول هدايت، تحقيقا ڄاڻيج تون
زياده ضلالت، آهي أنهيءَ جي وچ ۾
۲۹ قدر هدايت جو، آهي ۾ ضلالت
جي ضلالت نه هُئي. تا ڪاٿي هدايت
۳۰ جي تو نه تجريد، تا آئين نه تَفريد ۾
ڪاٿي ٿي توحيد، ڪاٿي ٻيهڻ تانهنجو
۳۱ جِتي ماڻهن ميڙ آهه، آءُ تِتي ناهيان
سِسِي سنباهيان، پٺيءَ شاهه حلاج جي
۳۲ جي مَجن ٿا آدمي، سي نه مجان مان
ڪوئي آهيان آن، جو ٻانهو ڪنهنجو نه ٿيان
۳۳ پسي ٻت ٻُليوس، تا آءُ آدمي آهيان
وچان جان ويوس، ته ساڳيو سائين آهيان

Scanned by CamScanner

٣٤ ٻـــيـــائـــي ٻـــانـــهـــپ ڇڏ، آءٌ تـــون احـــديـــت ۾
لحـــمـــؤن دَمـــؤن لَڏِ، تـــا پـــاكـــائـــي پـــاك ٿِئـــي
٣٥ جهـــڙو پـــايم پـــاٹـــكـــي، تـــهـــڙو آهـــيـــان آن ءُ
بـــاقـــي رهـــيـــو نـــان ءُ، ســـچو مُون صـــاحـــب جو
٣٦ آچپـــا اول آهـــ ِ، پـــوءِ تِكُث جو پـــنـــدڙو
جڏهـــين تـــكـــث جاءِ، وَڏ تـــڏهـــن ان حـــد كـــي

بيت سنڌي حيقيت بابت

١ هو ٻـي کين اڄڻو، هي ٻي کين ويو
نفي ۽ اثبات کؤنِ، پري خيال پيو
سچو سچ ٿيو، ٻي ٻانهپ ٻولي ناه کا
٢ سچو سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪُل
الف مؤن آدم ٿيو، ڪري هنگامان هُل
هِندو مومن سو ٿيو، پول نہ ٻئي ڪنهن ٻُل
خَلق الاشياءَ فَهُوَ عَينها، اِهو آڻ عمل
ٿج گلابي گل، مَرُ مارنيۡ منصور جان
٣ قلبي ۾ نہ قرار، آهي عاشقن کي
روحي لک رُلايا، نہ نفي نفع دار
سِري سَوَ وڃايا، خفيۡ ڪيا خوار
اَپر اخفا ناه کو، طالب کي تڪرار
ريۡ پروڙڻ پانهنجي، آهِ شيطانن شڪار
سچو هي سنسار، سارو پاڻ صحي ڪرين
٤ سائرَ منجهہ سَهس، گهيڙا گِهڙڻ آئيا
کو سِرُ سيٽاهيو ڪدي، ماٺي ڪؤن مَس
سچو لنگهي لَس، شرط وڃي پيو شهہ ۾
٥ اڇي اوتڙِياءُ، گِهڙيس گهوري جندڙي
چڙهيس ڏاڍي چاه مؤن، مستي موج مٿاءُ
تڙ لهي ترياءِ، شرط لنگهي پيس شهہ ۾
٦ جي وڃي شهہ پيا، مشڪل موٽڻ تن جو
ڇا تانگهي ڇا تار ۾، ٻُڏي پون ٻيا

جي وڇوڙن پاڻ ويا، سي پاڻ ئي پاٽي ٿيا
٧ ڳِهڙن جي گهيڙاءِ، تانگهو عشق تن جو
جنکي عشق عليل ڪيو، سي ايندا اوتڙاءِ
جي سُور چکنديون ساءُ، ميهر سي ماٽينديون
٨ اسان پرين وچ ۾، وهي ٿو درياهه
آهي ڪونه اسانجو، هاديءَ ري همراهه
سُپيريان توُن ساه،ه سچوءَ تان صدقي ڪيو
٩ ڏاها ڏوريون پنڌ، متان پائين پِرين جو
حبيباٽو هنڌ وجي ڏسج اکڙين سان
١٠ پرين منهنجا پار، تون ڪيئن هِت ويلا ڪرين
قاصد قريبن ڏي، دوڙڻ تو درڪار
ڏسي ورج سِگهڙو، دوساٽي درٻار
لڳي اٿم لَنئو، جي عجيبن سان عار
ڏاتر مون ڏيکار، صورت سانگيڙن جِي
١١ اسان پرين وچ ۾، دور وهي درياءُ
چوليون چران ٿي ڪري، پيو وِڇٿي واءُ
سُٽي آهان آءُ، ميان هِن مشتاق جون
١٢ اسان پرين وچ ۾، جر وهي جاري
هڪ ڪڙڪو ڪُن جو پوي، ٻيو ويريون ڏئي واري
هُت ساجن جا ساري، سا دَهلي ڪين درياه کؤن
١٣ مون تان توڏي موڪلي، لکي ڪتابت
ڏکن جي هن ڳالهڙي، مُنجهائي مصلحت
ڪيو فنا فرض سُنت، سِڪ توهان جي سپريم

۱۴ چري چري مَ چئو، چريو آهي لوڪ
جو چريءَ لڌو ٿوڪ، سو سچو آهِ نہ سيڪنهين
۱۵ جي اچين تان اچ، نہ تہ هِت پورن پچاڙيو
محبت ٻاريو مچ، سيني منجهہ سچوءَ جي
۱۶ ڪِيمَ مهينا لاءِ، آءٌ ٻَلا ٻُلي آهيان
اچي اکڙيون ڪٽي، سچوء ڪي سرچاءِ
جاني جوڙيم جاءِ، تو لڳ اکڙين ۾
۱۷ چشمن جي چمڪار، ساهہُ منهنجو سوگهو ڪيو
ويهي واتڙين تي، رُئان زارو زار
هوت اچج هيڪار، اڱڻ آسروند جي
۱۸ مات ڪريان تان مُشرڪ ٿيان، ڪُچان تان ڪافر
اِنهيء وائيءَ وَرُ، ڪو سمجهي سچيڏنو چوي
۱۹ روئڻ ڪؤن نہ رهن، آيل اِهي اکيون
سيڪنهن ويل وَهن، اَٿن اَٿر اوهيرن جا
۲۰ لحظو نہ لاهين، بار مٿن برسات جا
اکين ڪي آهين، اٿر اوهيرن جا
۲۱ بادل وارا بار، چشمن تي چڙهيا
رون زارو، زار اٿن اٿر اوهيرن جا
۲۲ مُدامي مَندَ مِينهن، آهي اکڙين ڪي
رُوان راتو ڏينهن، اٿن اٿر او هيرن جا
۲۳ آ اهائي تات، آگم اکڙين ڪي
روئن ڏينهن اَئون رات، اٿن اٿر اوهيرن جا
۲۴ آگم اکڙين ڪي، سدائين آهين

سي ڪين اوڳائين، جن ڪي اٿر اوهيرن جا
٢٥ اڪين ڪي آگم، هِن سدائين سرتيون!
گوندر گڏيون غم، اٿن اٿر اوهيرن جا
٢٦ لايون پرت پسن، آئون آگم اڪين سڙيا
سي تا ڪيئن نہ وسن، جنڪي اٿر اوهيرن جا
٢٧ ڏسن ۽ رُئن، اِها عادت اکين ڪي
سي سرهيون شال هُئن، جنڪي اٿر اوهيرن جا
٢٨ آهي ريجهہ رُئڻ، آيل اکڙين ڪي
هُئي تن هُئڻ، جنڪي اٿر اوهيرن جا

Scanned by CamScanner

جُهولڻو سسئي ۽ پُنهونءَ بابت

١

سرتيون سڀ ٿيس صلاحي
هوتان راه وٺي ٿيا راهي
چو ٿِينءَ ڪيڏي تنين جي ڪاهي
ڏونگر ڪِيم ڏسائج ڏاهي
حب ۾ ڪونه ڪندئي همراهي
هِت ٿو سنگ مُنجهائي ساهي
تَڏهن چَپُ ڪرڻ ٿو چاهي
پر هو اهڙو امر الاهي
پيا سڀ ويهه تون وهم وساري

٢

چي ڙي مونسان مُور مَ ٿيو مصلاحاتي
ثابت سِڪ رهي ڪا ساتي
هاريون هي چا آهي حياتي
تنکي روهه رسان ٿي راتي
پائيندس ڏر تتي جهنگ جهاتي
چاجي چجي پوي مون چاتي
ڪنديس وڙ سنڌين ويلاتي
ايندس ساڻ وٺي پڙياتي
ڏسنديون هوت مڙيئي هڪواري

٣

چي ڙي ويهه، وسار وجڻ جي وائي
توسان لعلن جنهن لئون لائي

تنهنجي دل ڪٽي تنهن تائي
سو اڄ جاڙ ڪري ويو جائي
ڏيئي ڪَنُ پڏج تون پائي
ٻوهن پاس نہ ٻوڙج ٻائي
سُرت صلاح تون سمجھہ سائي
اِها ڳالهہ امر ۾ آئي
ڏونگر ڏورئون ئي ڏهڪاري

٤

آيل اڄ مُلهي جا آهي
ساڪيئن سڱ سچڻ سان ساهي
پيو تان ناهہ نہ هرگز تاهي
ڏاڍن ساڻ شريڪ ناهي
جاپئي سپ لاڳاپا لاهي
چپر چوهہ اڳيانئُس چاهي
ڪيچن ڪڍ اُها مَرُ ڪاهي
ڪٽندي گام تہ پچندي گاهي
محض اُنهي ڪي مير نہ ماري

٥

٥ چي ڙي رَهہ رَوين تي روڙي
آڏو پينگ، ٻُجهي تي پوڙي
هيبت هول حراست هوڙي
ڪامڻ ناهي اسانکي ڪوڙي
تون تنهن ديس ۾ وڃج ٻوڙي

Scanned by CamScanner

پرڏيهي جي پٽ ۾ پوڙي
تر ۾ ترس آتئي تڪ توڙي
هُت تاڪان گهڙي هڪ گهاري

٦

آڻ دل آرياڻي ءَ سان اتڪي
مان جا ريجهه اديون تنهن وٽ ڪي
هئي هئي گهوري ڪا هن ڳِهتڪي
رهنديس ڪين هجر ۾ هتڪي
جانب ڪاڻ نه جاڳيس جَهتڪي
پُني ءَ لعل وجان مَرُ لَتڪي
ڪنهن جي فهم نه هتڪا ڦتڪي
هاڻي سرِ توڙين مون ستڪي
هِنڪي ڪام هلڻ ڪوَن ڪاري

٧

چي ڙي سپ پرسُج چلي تي چاڻي
پُرجهج پب اتيئي نه پاڻي
وِسهج تو دل جنهن سان واڻي
سَسُئي سوتا تيئي نه ساڻي
ناحق تانگهه تنهين ڏي تاڻي
چو ڪيئي خواب ڪٽي توڪاڻي
ڪيئن تي آب اکين ۾ آڻي
حيلا ڪرِ مَ هلڻ جا هاڻي
پُڇندين بام پسي برباري

Scanned by CamScanner

٨

جيڏيون جبل ڇئو تيون جيئي
ساجهر سنگ لتاڙيان سيئي
گهوريان گهوٽ ٻنان گهر هيئي
سائي وَس وٽانئُم ويئي
رهندس روح نه هت تن ريئي
ويڙم دوست دلاسا ڏيئي
هيءَ تان پلؤِ پنهونءِ جي پيئي
هُن تا ڪامڻ ڪيڙس ڪيئي
نيائونس وَر وٽي ويساري

٩

چي ڙي گهورين ڪاڻ جنين هي گهرڙا
اتئي تن اڙانگا ارڙا
آڏو تاڪ نه ڏيندئي تڙا
تيندئي زور متي تو ذرڙا
بيدل بس ڪرائيندي ٻرڙا
اَوجهڙ ڪوهه اتئي سي ڪرڙا
گهائي پير ڪائيندئي ڪرڙا
گسندءِ پيرن جا پئي ترڙا
سگهندئين نار نه وَرُ نهاري

١٠

ثابت ڳالهه سڻو هي ساري
جبل واٽ نه جيڏيون جاري

Scanned by CamScanner

پر پيي برهه جهين سان باري
سا هڏ مون ڏي مُور نه ماري
ڇاجي وَر وِنگا وڍ واري
تايي درد مندي دهداري
توڙي کوکوهه کري ٿو کاري
کندو پاڻ پنهون پوءِ واري
تاپڻ سرس سِکائي ساري

١١

جيڏيون کيس وراڻين جوڙي
هُت ٿو روهه رڙندا روڙي
تنهن جو تاب نه سگهندي توڙي
آڏو مير ميائي موڙي
رائو ريگ ٿرن کون ٿوڙي
سگهندئين پير نه کرڳل کوڙي
تون تا لعل لهين کيئن ووڙي
کنهنجي کام کمر ڇڏ ڇوڙي
ٻيا ٿي ماڳ مرون چوڏاري

١٢

جيڏيون جِت منهنجو آهي جائين
آءُ تاوينديس اڄ تنهن تائين
آهيان ٻانهي اُنجي آءُ ئين
پاٽؤن گهٽ پينر ٿي ٻائين
آنکي پلؤ ٻچيءِ پائين

Scanned by CamScanner

دم دم دُرس ڪــــريـــــجو دُعـــــائـــــين
مـــونـــڪـــي ســـچڻـــين مـــيـــڙيـــن ســـائـــين
ڪـــيـــچن ڪـــي بـــــ پـــهـــچان ڪـــائـــين
ويـــڙا بـــاهـــ بـــرهـــ جي پـــاري

۱۳

آڏو لـــــس بـــــگـــــهـــيـــڙ ڪـــن لـــوڙا
تـــــن ڪـــؤن ڪـــــن پـــئـــي ٿـــين پـــوڙا
تـــــاتـــــي ٿـــــاڪ ٿـــــڪـــــر جا ٿـــوڙا
ســـهـــمـــنـــاڪ سُنـــديا ســـي ســـوڙهـــا
ڏيـــــوَن مـــــارَ مـــتـــــي ڏيـــــن مـــــوڙا
ســـــــــــي ئـــــــــي ڏرت ڏورڻ جا ڏوڙا
ڏيـــــنـــــيـــــو ڏنـــــگ هـــــٹـــــن ٿـــــا ڏوڙا
آهـــن هـــاڙهـــي مـــنـــجهـــ هـــزاري

۱۴

چي ڙي چاجي مـــــســـــت مـــرون هُئـــن مـــــارا
چُرڙيـــــــــــن نـــــــــانـــــــگ چرن چوڏارا
ســـــي ئـــــي وِرهـــــ اڳيـــــون ويـــــچارا
هـــٹـــنـــدا شـــيـــنـــهـــن ڏســـي شـــوڪـــارا
هـــوجي هـــاڙي مـــنـــجهـــ هـــاڪـــارا
ســـرتـــيـــون! ســـنـــگ نـــهـــاريـــان ســـارا
ڪِيـــــــا جُڪ جانـــــــــب جي جيءَ جارا
ويـــــري لـــــهـــــن نـــــ اتـــــهـــــين وارا
وَرســـان ڪـــانـــ ايـــنـــدي ڪـــا واري

١٥

چي ڙي هُيڙئي جِيءَ جتن جي جاڪا
توکي سمجهه پئي چئو ساڪا
ويَڙئي نار نه هوڙي ناقا
ڏونگر ڪين اٿئي ڪي ڏاڪا
لُوهي لَس وجهندئي لاڪا
ڇپون ڇوهه لنگهندئين جهاڪا
آڏو فلڪ فڪر آهنِ فاقا
ونگن وچ واسينگن واڪا
هُت تو پب وجهي پلتاري

١٦

ڪاڪيون! ڪامَ تڪي هُت ڪاني
جاڏي جت وني ويس جاني
سورج آهِ نه تنهنجو ثاني
تاڏي ترت وڃان آءٌ تاني
ڇاجي پب نه هوندس پاني
ڇپر ڇوهه اڳيانئس ڇاني
توڙي برهه وڃايس باني
لوچون ڪين ڪنديس سالاني
اِهو عرض آتو اظهاري

١٧

جَلدؤن جَت وني ويم جوري
ڀوري چوني پِرينءَ تنهن ڀوري

Scanned by CamScanner

گاذر هاڻ محل گهر گهوري
ڏونگر ڏرڙ سڱين کيئن ڏوري
عاجز عام ٿيندئي هِت اوري
ٿر جي پنڌ نہ ٿڪيئنءَ ٿوري
تنڪي توڙ سري ٿي توري
وجهم جِيءَ پلا ڪنهن جهوري
مرنديءَ گام ڪنيون ڪوڪاري

١٨

چي ڙي بيخَد ڪِيمَ ڪهو پيون باتيون
چو ٿيون لَس لوايو لاتيون
ڪنهن ڪي ڪنڌ مَ اينديون ڪاتيون
رهنديس روز نہ اِتي راتيون
وينديس سڪ سڄڻ جي ساتيون
ڏاتر ڏس جو ڏيندو ڏاتيون
پائينديس جال جبل ۾ جهاتيون
محبن من سَر اهِي محلاتيون
هلي آءُ مرد ساڻ اماري

١٩

ڪامڻ منت ڪريو ڪنهن ڪيهي
سي جَت جاڙ ڪري ويئي جيهي
ڪيڙي پُرجهہ نہ تو پَبُ پيهي
ڪا ڪر ڪاهہ تنين پُٺ تيهي
تون تان نينهن نسوري نيهي

Scanned by CamScanner

وڙج، وَرُ مَ وِرچج ويهي
ڪيائين درس ديواني ديهي
اول عشق نشاني ايهي
تڙ ڦڙ رات ڏينهان تڪراري

٢٠

ڪيچن ڪڏ لڳي هُوءِ ڪهڪي
پهرين پُور ٿڪر سان ٿهڪي
ڪامڻ ڪوهه ڏسي نا ڏهڪي
اُتي روح نه ٿنهنجي رهڪي
توڙي پير ڦِٽس پپ ڦهڪي
تان ٻي نار نه ٻلڪل نهڪي
توڙؤن ڪين تهين هڏ تهڪي
اوجان عاشق اهڙي اهڪي
ڏونگر سڀ وڏائين ڏاري

٢١

توڙي جهڪ جَهڪي ڪئي جهولي
ٻي تان ٻولي هڏ نه ٻولي
ڦيريون ڏئي پِرينءَ ڪي ڦولي
چوهؤن پاڻ چپر ڪي چولي
گورن رَند ڏسي سِرُ گهولي
ڳڙ ڳڙ ڳوڙها ڳاريون ڳولي
ڏونگر ڏرڙ ڏڪوئي ڏولي
قادر شال قريبن ڪولي
ڪندو گام ٿَڪر ڪؤن تاري

٢٢

پهريون ڪانءُ پهاڙ پچيائين
هِت ڪي ويتا هوت هنڌائين
هر هر توکي سُرت سڻائين
کي هُئا رات توئي وٽ سائين
ڪريگل الله لڳ الائين
پيو هڏ سور نه سڱ سليائين
مونکي محبن ساڻ ملائين
هوتن سندي دڳ هلائين
عاشق واهي واهي ويا آزاري

٢٣

پوءِ تا ٿيڙس جبل جوابي
پنيءَ ليل لنگهيا بشتابي
ساڳين سارو سات ثوابي
سي سڀ هُئڙا گل گلابي
وڃندا ويڙا رات ربابي
اصل اڙٻنگ هُئا اعرابي
توسان ڪيائون خام خرابي
اوٽي عين هُئا عاذابي
هِتؤن ڪاهه آڙاهه انداري

٢٤

ڏونگر! ڏَس چُڪيءَ چڏ ڏيئي
تو وٽ رات تنين ڪا پيئي

Scanned by CamScanner

آهي وَس تنين کؤن ويئي
ڪِي تا لنگهيو ساٿ سنجهيئي
هاڻي حال سڻج مون هينئي
ويڙس ڏک وڏو هي ڏيئي
هو هوا ڏاڍا سپنرين سيئي
جانب آهن منهنجا جي ئي
ماري آهـِ ويا آتاري

٢٥

حجر چيس هي هينئڙي هاري
جي تون محبوبن جي ماري
آهين عشق سندي آزاري
وجهج ڳل ڳچيءَ ڪبا ڳاري
مونکي تِر نہ کج تڪرارِي
پتن ڪاهہ، نہ تيءُ قراري
اٿئي برهہ بلوچي باري
يڪدل ڪانئن منگج ياري
ويندئي عشق نہ هڏ اوتاري

٢٦

ڏونگر! ڏيرن ڏي ڏُسُ ڪوئي
آوڙي روح نہ پيو رَسُ ڪوئي
ناهي ويچاريءَ جو وَس ڪوئي
لاهي ڪونہ پيو ڪَسُ ڪوئي
ناهي جانب جو جَسُ ڪوئي

Scanned by CamScanner

ڪُٺـــي غم ڏســـــي ڪُســـــڪـــوئـــي
خاطـــر مـــنـجهـــ نـــ پـــيـــس خس ڪـــوئـــي
وٺـــــي درد ڦِري ڏس ڪـــــوئـــــي
بـيـنـي عـشـق مـنـجهـؤن اوسـاري

٢٧

چڪـــــــيءَ چوٽ وٺـــــي ورچاٽـــــي
ويـــڙا وِرهـــ تـــوئـــي ســـان واٽـــي
آنـــدي عـــشـــق تـــڏهـــن اورهـــاٽـــي
ڪُـتـل ڪـــيـــچ وچج ڪـــنـــد ڪـــاٽـــي
پـــيـــتـــئـــي زهـــر مـــنـجـهـؤن گهـت گـــهـــاٽـــي
تـــوڪـــي آنـــدو عـــشـــق آڳاٽـــي
ڳولـــج چامر پـــنـــهـــونءَ گـــهـــر گـــهـــاٽـــي
هَئـــي هَئـــي لـــنـعـلـــن ويـــو لـــوهـــاٽـــي
هُئـــڙي جن جي هـــيءَ آجهـــاري

٢٨

هَئـــي هَئـــي مـــاري عـــشـــق امـــيـــران
وٺـــي ورهـــ وڪـــيـــل وزيـــران
تـــوڙؤن هِيـئـــن لـــڪـــيـــون تـــقـــديـــران
پـــانـــهـــن هـــٿ ٿـــيـــون تـــقـــصـــيـــران
ڏاڍيـــون عـــشـــق ســـنـــديـــون تـــڙ پـــيـــڙان
پـــنـــيءَ مـــنـــهـــنـــجي بـــرهـــ بـــهـــيـــران
هـــلـــن هـــٿ نـــڪـــي تـــدبـــيـــران
مـــونـــســـان ســـنـــدَيـــن ســـوز ســـفـــيـــران
ورتـــئـــي وِرهـــ ڪـــنـــهـــيـن وٺـــجاري

Scanned by CamScanner

۲۹

اول بابين برهه پڙهيائين
تنهن پوءِ سورن منڊ سڙيائين
سَسُئي سان فراق ڦڙيائين
اصلوُن ڪيچن سان ڪڙيائين
جَڙان جِيءَ ۾ جال جڙيائين
تيلهان متي روهه رڙيائين
محبت منجهه مريض مڙهيائين
توڙوُن غير خيال تڙيائين
پيئي هٿ برهه هاڪاري

۳۰

هيءَ دل لالن ويڙس لٽي
وڏس ٻاڻ ٻروچ جي ٻُٽي
وَر ڪوُن شال فقير نه ڦٽي
ڏونگر ڏک چريءَ ڪي چُٽي
ڪيائين ڪيچن منزل ڪُٽي
آنديس عشق گهٽيري گهٽي
متو پير ڪَرايون ڪُٽي
ته ٻي ڪين چئين ڪون چُٽي
هَئي هَئي ڪيو ٿي سا هُونگاري

۳۱

ور جا وِرهه پياريس وَٽي
توڙي سسئي سورن سَٽي
تنهن دل ڏانهن نه محبن مَٽي

Scanned by CamScanner

چوکو عشق نه آهي چَٽي
سُورن سوز کِلڻ کؤن کَٽي
محبت کاڻءِ نه گهايل گهٽي
سسئي سوز فراق جي ڦَٽي
پائين پٻ پٽولا پَٽي
روئي ڦوڙائي جان ڦوهاري

۳۲

لُوٽي لک هنيون سڀ لَٽي
ڊوڙي تيز منجهارؤن تتي
محبت مَن تنهين جي مَتي
وڃي کيچ ورهه مؤن وتي
گهوري گام گهٽيرو گهتي
ڏک جي چِٽ هنيائونس چَٽي
روئي پئو تنهين سڀ رتي
چاڙهي پٻُ سيو هڪ پَٽي
عاشق عشق منجهؤن اُڃنگاري

۳۳

هرٽيون کير پيارڻ آيس
گرهڙ دانهن کري سڀ کانئُس
کُوکن ساڻ چپر سڀ ڇانئيس
ڏونگر ڏک منجهارؤن گهايس
چلنگيون عشق ڏکن پٽ لايس
ڳالهيون کيچ کيچڙن ڳايس

بَرکي برهون بازر پايس
سِرڙا سپ بلائن نايس
حجر ڳاريس ساڻ هوکاري

۳۴

هَئي هَئي هوت کري ويس هولي
تنهن محبت ڀاروچي جي ٻولي
ڏونگر جَبؤن پائين ڏولي
کوهيارل جي ڀانهي گولي
ساتِي ٻَپ پرئين جي ڦولي
تنهن تان جانب تان جند گهولي
روئي کيائين چيچر چولي
سنگ جي راهه کيائونس سؤلي
نيندس کيچي نال قطاري

۳۵

منجهؤن نينهن هنيائين نعرو
سُڻندي سير سڙي ويو سارو
من ۾ محبت وڌس مارو
کيائين واري أتي وارو
اندرؤن ڏنس عشق أبارو
ڏيئي متي سنگ سرارو
کائين ماَن ڏسان کوهيارو
محبت رئي آهي مُنهن کارو
سچيڏنا کون سنياري

Scanned by CamScanner

٣٦

٣٥ مستي روهه چيائين روئي
هيءَ ڪَل ڪوهيارل ڏئي ڪوئي
عاشق تنهنجي عشق اندوهي
محبت منجهه هلاڪِي هوئي
لڳي لالن تا لڙهه توئي
توڙؤن سُور وڌائين پوئي
ساقي ٿيس سچيڏنا سوئي
جانب آيس جِيءَ جو جوئي
قادر ڳڏ تنهن سان ڪاري

٣٧

٣٦ هيءَ جا هنيڙي ٿي حيراني
محبت ماد ڪئي مستاني
دلبر ڪاڻ هُئي ديواني
باقي نينهن رهيس نيشاني
ڪيڙي فوج فراق جي فاني
ڪيائين ساهه سرير قرباني
ڳڏبُس شال جبل ۾ جاني
ٿيندس رحم اُتس رحماني
آئي هيٺؤن نينهن نغاري

٣٨

محبت محبوبن جي ماري
ڪا جا ٻاهه ٻاروچل ٻاري

Scanned by CamScanner

ڳالهين ڪي چيڙن جي ڳاري
ڪيائين جانب توڻ جند واري
منجهوڻ ذوق چيائين زاري
هِي دل آهَ سچڻ توڻ واري
ڪُوڪان وه ڪري ڪوهياري
توڙي وِره ڪئي ويچاري
راتيان ڏينهان گهنگهر گهاري

۳۹

متي روهه ڏسو جا رمڪي
ڪا جا عشق چڪايس چمڪي
ڏسي سُج نه دم پر ڏمڪي
محبت مُور نه ڪامڻ ڪمِڪي
گوندر وچ گذاري غمڪِي
هاديءَ جانب سان نيئي جهمڪي
تنهن تان تانگهه نه ترِ هڪ تمڪي
متس وچ ورهه جي چمڪي
تنهن جي شور وڏي شوڪاري

۴۰

چڙهندي چُنج نه عاشق اڙڪِي
ڪا جا فوج متانئس ڪڙڪِي
لڳي لعل پنيءَ سا لڙڪي
لڳيس باهه برهه جي پڙڪي

Scanned by CamScanner

جوهـــــر جوش ســــچڻ جي جهــــڙڪِي
رِنـــجي روهـــــ أتـــؤن جا رڙڪـــــي
ســارو ســنــگ ٻــيـــو ســـپ ســڙڪـــي
ٽـــڪــر ســـپ پـــيـــو تـــا ٽـــڙڪـــي
اهـڙو ســوز هــلــي ســيــنــگــاري

۴۱

جانـــــب ڪـــــاڻ ڇڏيـــائـــين جايـــــون
فـــوجان عـــشـــق اڳيــانـــئـــس آيـــون
ڪَلان ڪـــوهـــ ســنـــديـــس ڪـــهـــڪـــايـــون
ســـيـــئـــي ورهـــــ وســـاريـــس وايـــون
وجي خاڪ لـــــڳن ڪــــي لايـــــون
تـــنـــهـــن جي ســـوز ڇپـــر ســـپ چايـــون
روئـــــي روه ڏنــــائـــــين رايـــــون
پـــيـــان پـــپ چڙهـــي چڻ پـــايـــون
اهــڙو عــشــق هــلــي اختــيــاري

۴۲

ڇپـــر ڪـــا نـــهـــ ڇڏي ســـا چوري
جنـــهـــن تـــان گـــهـــوٽ أتـــؤن جنـــد گـــهـــوري
جانـــڪـــي پـــور پـــريـــن جي پـــوري
هـــيـــڪـــل هـــوت نـــهـــاري هـــوري
ڳولـــي تـــنـــين جنـــين ٽـــر ٽـــوري
لُون لُون قـــابـــو لـــڳيـــس لـــوري
هـــئـــڙس جهـــورَ بـــرابـــر جهـــوري

Scanned by CamScanner

تنهن جي هٿ سڄڻ جي ڏوري
انهيءَ ڳالهه وڏي سا ڳاري

۴۳

اڇي شال ڪوهيارل ڪائون
جنهن سان لوح لڌيون هم لائون
هَي هَي جَتُ وتي ويا جائون
تنهن تان ڏَس پڇي ٿي تائون
نڌر هيءَ جا نال نيائون
تنهن جون زيلان هُت سُيائون
هَهِڙُس ڏونگر حال ڏنائون
ويچاري ٿي تونگ تنواري

۴۴

موٽي چاهه پرينءَ جي چائي
تنهن ڪا ڳالهه محبت ڳائي
ڇپر سڀ ڪيائين ڇائي
ڏاڍي تِک تهينجي تائي
"ويجهي آيس" هُئڙس وائي
روئي روهه ڏنائين رائي
گهٽن منجهه قلم گهمائي
تان تان اوڏي وسؤن آئي
آيس محب اڳيون مُنهن پاري

۴۵

ڪُونجن هٿ مُڪائين روئي
دانهن ڏوگهه منجهارئون ڏيئي
سا تا ڪَنِ سڄڻ جي پيئي

Scanned by CamScanner

أتي هليا هوت هنڌيئي
جانب جِيءَ گهريا هَسِ جيئي
آيس سڄڻ پاڻ سنجهيئي
جن جي ڪاڻ ويچاري ويئي
وجي ڪيچ أها ڳل پيئي
پنهون پرين گڏيو غم تاري

٤٦

سسُيءِ چام پنهون هڪ هوتان
ڪامڻ جان ڳوليو جو تان
ساڳي پاڻ پنهوُن هُئي سو تان
پيجي هِيءَ ڳجهارت ڪو تان
ڇاجي ڪاڻ ڪرين تي ووءِ تان
ڇپر ڳولي تي سا چو تان
سچو دست دئي ڪان ڏو تان
ساجن ڪيئن صحي ڪيو تو تان
پر جي عشق اچي اوجاري

٤٧

آهي ڪُل شيءُ سو هادي
خلق الاشياء ڪؤن آبادي
وَهُو عينها تي آزادي
واندي غير ڪنون هِيءَ وادي
لثا شڪ شُبهه تي شادي
سِري سِره تي امدادي
جنهنڪي سمجهه نه تنهنکي تعدي

Scanned by CamScanner

سوئي مرد نئي آهي مادي

سڀ وچ صورت يار پياري

۴۸

پنهنجي پاڻ ڪري تو وائي

تنهن تان ڳالهه اِها ڳالهائي

ڪافر مومن صورت سائي

اِنهيءَ رمز ڏنائين رائي

جانب ڏس ڏنو هي جائي

"فَاينما تولو" آيت آئي

تيڙو اچ ٻهاني ٻائي

احمد وحي هڪو هئائي

احمد احد هُئا اسراري

۴۹

"عرفت ربي بربي" آيت آئي

نئوبت "اناالحق" وڄائي

"اعظم شاني" رمز رلائي

ڪَيڙي "لوڪشف" اُجرائي

"يَسمع يُبصر" آهي هڪڙائي

"بلاميم احمد" اِها وائي

"اِني اَناالله" آگاهي

هُئڙي صورت هڪ سيائي

سوئي بندو سو مولائي

سوئي هيت سوئي بالائي

عالم الله مؤن اظهاري

Scanned by CamScanner

۵۰

۴۹ ظاهر سچ تہ سيڪنهن جائِين
هيءَ ٻي رمز تون دل سان لائين
تون تا آئينو ٿي آئين
پنهنجو پاڻ ئي ۾ مُنهن پائين
"مَئين" ڪي ڇوڙ تہ ٿيوين "سائين"
ٻولو مُور نہ هن ۾ ٻائين
توکي صحي سچ سڻائين
ڪاشيءَ ناهي بنا حق ڪائين
"ڪُل شيءِ ناطق بالحق" ڳالهہ اهائي ڳالهائين
هر جا پاڻ غني گفتاري

تحمت باالخير

Scanned by CamScanner

داستان وڏو

رسالو سچل سائين جو

هن رسالي ۾ سنڌي ڪافيون ت

۾ سي حرفيون هر قسم سچل

سائينءَ جون پيل آهن

گڏ ڪيل

مسٽر هيمراج ۽ ميان دُرمحمد ۽

ٻين دوستن سيو ن —

مسٽر ٺوڪرداس ٺانورداس

تاجر ڪتب شڪارپور سنڌ جي

ڇپائي پڌرو ڪيو

دفعه اول قيمت ۱—۸—۰۰

لاهور جي آرٽ پريس

داستان وڏو رسالو سچل سائين جو

رسالو ميان سچل فقير جو
پاڱو ٻيو

هي رسالو

تمام گهڻي محنت ۽ ڪشالي سان گڏ ڪيل مرزا
عليقلي بيگ صاحب اسسٽنٽ ڊپوٽي ايجوڪيشنل
انسپيڪٽر ضلع حيدرآباد سنڌ جو ٺٽي ۽ ستي
هر ديسنگه پٽيٺن ۾ تاجر ڪتب سکرنڊ جي
هٿ جي خرچ سان ڇپائي پڌرو ڪيو —

—

لاهور جي مصطفائي پريس ۾ ڇپيو

دفعه اول سال ١٩٠٣ع جلد (٧٥٠)
قيمت هڪ جلد سان جي ٻارهن آنا — ١٢ —

ڇپائيندڙ جا سڀ حق واسطا قائم

سال ١٨٦٧ع جي ايڪٽ ٢٥ موجب رجسٽر
ٿيو

سچل سائين جي رسالي جي پاڳي ٻئين جو عڪس

Scanned by CamScanner

رسالو سچل پاڳو بيو
فقير جو متفرق ڪلام

بسم الله الرحمن الرحيم

سي حرفي پنجابي بولي ۾

هو

الف - احدي احمد ديچ هين تفاوت ڪوئي - محمد ميم
اِڪو آها هڪا صورت سوئي - انديا هر سيئ هيڏا سڄهين سر سيئي

ب - بابن اهائي بات ميڏي يار توں تا غير نه آهين - خام خيال جو
بابه ب وڪلا لا وچ لا شڪ لا هين - من عرف نفسه فقد عرف ربه ڪيتي توں دي ڪلهين

ت - تحقيق حق اهو ئي غير تو ڪيوم جاتا - عرفت ربي بربي هتڪون
توهين ڪنهن آپ سڃاتا - ڪل آهل نون ڪل اهيڏي پير ليڏي هنن منهن پاتا

ث - ثابت رهه يڪ وچ يقيني غير گمان نه آيئن - الله توهين پاهر
توهين جي توں نه آپ سڃاپئن - خلق الانسان على صورته جو ڪل اهو ئي جائين

ج - جهان جو جسم اهيڏا ڪيو نڪر نانؤ رکيو ئي - الست بربکم قالوا بلى
اپون آپ اکيو ئي - خلق الاشياء فهو عينها سارا سچو سکيو ئي ه

ح - حال تسار اسير جهليا پيڏي هادي هڏي ولا - متي دي ماتت محبت
پيوت پر ڪر نه تس پيالا - فسقاهم ربهم شرابا طهورا پيا سڄي نال پيالا

خ - خمر خمار اهيڏا تا پا سولي چڙهڻ سروري - ازلا ابدا هنا نبد بيهي
مڪي ابهي محمودي - انا احمد بلا ميمي مار ين ڪه منصوري -

سچل سائين جي رسالي جي پاڱي ٻئين جو پهريون صفحو

ديباچو

پڌرو هجي ته سچل فقير جي ڪلام گڏ ڪرڻ ۾ مون گهڻي تڪليف ورتي
آهي سو هن ڪري جو شاعرن جي ڪلام پڙهڻ جو شوق به پهريائين مون کي
هن فقير جي ڪلام پڙهڻ کان پيدا ٿيو هو آءٌ ننڍي هوندي کان ئي ڪافيون
پڙهندو ايندو هوس ڇاڪاڻ ته فقير شير خان جهنگي حيدرآباد جي [illegible]
۾ [illegible] علي فقير ڪري چوندا هوا جو سچل فقير جي معتبر شاگردن يا
ٻانهن مان هڪ [illegible] ميان مير محمد [illegible] جي گوٺ [illegible] لونڊهي
۾ مير [illegible] علي خان جي خدمتگار [illegible] هو انهي فقير شير خان جا
ٻارڪا فقير قادر بخش ۽ نور شاه جي حيدرآباد جي [illegible] ۾ ڪلام ڳائڻ
ڪري بلڪل مشهور هوا تنهن کان ئي [illegible] اچي پيو [illegible] هو هنڪري
مون کي ڪلام پڙهڻ جو گهڻو وجهه ملندو هو هن کان اڳ به هڪ دفعو مون فقير
صاحب جو ڪلام گڏ ڪيو هو پر [illegible] سبب انهي ڇاپائڻ جو بندوبست
ٿي نه سگهيو هن کانسواءِ اهو مون کان چوري ٿي ويو سنه ١٨٩٥ع ۾ [illegible]
حيدرآباد [illegible] بدلي ٿي آيس ته هن انهي سال مون کي [illegible]
گشت ڪرڻو پيو اتفاق سان ڪنڊياري تعلقي جي ڪوٽڙي [illegible]
ٿيو جتان معلوم ڪيم ته درازن جو شهر نزديڪ آهي انهي شهر جو [illegible]
فقير [illegible] يوسف فقير جي ڪلام ۾ پڙهندو هوس تنهنڪري [illegible]
زيارت ڪري اچان ۽ ڪو ڪتاب فقير جي ڪلام جو به هٿ ڪريان آخر
اتي ويس ۽ [illegible] واقفيت پيدا ڪري هڪڙو ڪتاب [illegible]
اهو گهڻو وڏو نه هو مون کي معلوم هو ته فقير صاحب گهڻو ڪري ڪلام [illegible]
هو تنهنڪري ضرور [illegible] ڪلام انهي ڪتاب کان وڌيڪ هوندو [illegible]
کان معلوم ٿيو ته خيرپور [illegible] ڪتاب [illegible]
گوٺ [illegible] سگهيو تنهنڪري بندوبست ڪري آيس ته فقير جا ڪتاب [illegible]

مرزا صاحب واري رسالي جي ديباچي جو پهريون صفحو

Scanned by CamScanner



مرزا علي قُلي بيگ جي مزار

Scanned by CamScanner

تواریخات وصال بزرگان شاه دراز ... لسخیزه

سجاده اول ... سلطان ... محمد ... مشهور باسم ... صاحب ... عرس

گل فردوس رحمت باغ فاروق | زاسرار خدا واقف کماهی

ولایت او لودست ... هور آفاق | زفوق عرش اعظم تا بماهی

محمد حافظ هادی تولد | منش کامل نقل مظهر الهی

۱۱۹۶

سجاده دوم خواجه عبد الحق صاحب

مرشد کامل حقیقت یار | وارث دین احمد مختار

گوهر بحر ... واحد | لیس فی الدار غیره دیار

سال تاریخ ادت مظهر حق | میم مادمن ازمیان بردار

نبود مثل او ... رحمت امیر عادلین

... فردوس ... سالار ناصرین

گل بوستان صفا ... و گلشن ... جاودین

نونهال کامرانی ... باصد ...

خازن فردوس رحمت گشت باصد ...

ای ولی ... اطاعت زین العابدین

۱۲۴۲

منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو

Scanned by CamScanner

غزل [illegible]

پیش یار خود نکردی جان و دل قربان چرا
[illegible] چرا

[illegible] قرب [illegible]
قرب او [illegible] چرا

از شمار [illegible]
[illegible] چرا

خوش لباس پوشی [illegible] درون
عیب خود را میکنی در خرقه پنهان چرا

چون [illegible] علم بی عمل
[illegible] چرا

نازنین جسم ترا در خاک چون غلطان کند
پس چنان تن پروری در عشرت سامان چرا

چون طریق درد نزدیکست با حق ای عزیز
از طبیبان جهان منت بری درمان چرا

این زبان تا فرق بستی غرق در بحر گناه
می نهی دست اهانت بر [illegible] چرا

حکمت انوار او چون در دل تو جا گرفت
میکنی انبهان شکم خود پر از آب و نان چرا

[illegible]

منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو


اي ماه آسمان ... زندگاني
احوال ما تو داني يا مصطفى مددي تو

منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو

Scanned by CamScanner

سلطان العاشقین رهبر الموحدین سلطان میان ... صاحب

در مصفای ازل ترقید شد مخروج عشق — کف زد دریائی گہت گرد بیرون موج عشق

از خدا بودی صدیق پیش احمد شد سچو — وز علی صادق یقین پیشوا مخروج عشق

سال از دامنشی بر لوح تقدیر این نوشت — بود هر برج بُد او آفتاب اوج عشق

۱۲۴۲

الله

سجاده سوم سلطان ... قبول محمد صاحب ... علیه رحمه

ما بنائی منیر شمع نکو — عاشقی جائی رحمت ایمان

عابد بود فائض دارین — رحمت الله آیت سبحان

مظهر یمن اہل ذات حق — کاشف صدق عارف جمال

۱۲۴۵

الله

سجاده چہارم ... سلطان میان ... رحمه

نظر محمد صاحب علیه رحمه

مہر برج ولایت اوج کرم

... شرع احمد

پس از سال وصالش ...

چراغ ... نظر محمد

۱۲۵۲

منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو



مرحوم منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو

Scanned by CamScanner



مرحوم منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو


سجاده نشین یوسف ثانی خواجه نجم الدین نورانی روح الله روحه

مدرسه ... سراپا نور نجم الدین منیر کز فروغ ارشادی معدوم ظلمات قلق

صاحب سجاده عالی مرتبت کز حسن خلق داشتی طبع کریم او بد لیحوی سبق

مرهم دلهای ریش و محرم سر وجود مقبل درگاه حق بی شک در دور افق

چون خرامیده ازین معبر سوی دار خلود شد ز فرقت او جگر بر خویشتن برگ شق

بهر واضح بودن تاریخ وصل آن حبیب جای زروی کشف گفتا جلوه خورشید حق

محبوب مرغوب میان محمد عزت صاحبزاده روح الله روحه

چون محمد عزت صاحب ازین کرد انتقال ار جمی لشنید احق یافت تشریف وصال

نوجوان شیرین زبان و حدت بیان سر بیان غرق دریای لقا غواص بحر بی مثال

... صهبای لقا محرم سر الست سینه بی کینه اش آیینه نور جمال

بهر تاریخ وصالش عالم ارواح گفت باد محو الوا ... چون سالک عالم خیال

منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو



مرحوم منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو



مرحوم منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو

Scanned by CamScanner



هٿ اکر مرحوم مرزا علي قلي بيگ.

Scanned by CamScanner

هيردي

عشق تي اسان بيا سيم نيهه پر ادکر ادي لون

پيچينه ڏيکي واڌلون ويڙلو پيچي سور سهڻي جي ڏڏلون

1 صابري بنيا سدا ڪمرلون ڪما حق جون ڀڏلون

ساڳئن سوريءَ متي ڏسن الالهن لاوان لڏلون

2 دل ذرڙج ڏنه عير غفلت جئن ڏڏن گاڏر لڳيڏلون

نروي الله ترڪ ڏي دنيا ومافيها ڀنڊلون

3 ڪر وحدت جي پيچين ٻترلون بيائي جون ڏڏلون

ڪين سمهيا سيڙهون جاڳي ڄڙهيا ماني ڀڏلون

4 زهد ڪر جاڳي جئن لون چوڙهي حياڏان ڀنڊلون

ن جيڏلون ڪحسن بسي چون پڙهي ڄڳيڏلون

از احمد فقير

هت اکر مرحوم آندل فقير

Scanned by CamScanner

الحمد الله جو ڪالهه رات ٻارنهن بجي ڌاري مون کي سعيد گهڙي آئي تاريخ ٢٠ جنوري ١٩١٥ع مطابق

تاريخ ١٢ صفر المظفر ١٣٣٣ھ تي خواب ۾ حضرت سلطان العاشقين سلطان سخي قبول [illegible]

جن جي ڪمترين نوڪر زاده هادي بخش فقير کي حضرت شهنشاهه جيلان بادشاهه هر دو جهان جي

دربار فيض آثار ۾ حاضر ٿيڻ جو موقعو آيو. ٻه دفعا هن غلام کي وٺي ويا آهن مگر اڳي کان وڌيڪ هيءَ

ڀيرو وڏي بهاري جشن هو. هن دفعي حضرت محبوب سبحاني قطب رباني غوث صمداني

جن جي خدمت اقدس ۾ پيش ڪري فرمايو ته پاڻ پنهنجي زبان مبارڪ سان هي ڳالهه

ظاهر ڪري فرمايو ته فقير اسان توکي اڳي به ڏٺو آهي تون ڪاڏي [illegible] بيعت

ڪرڻ فرمايو ته هيءَ تبرڪ [illegible] طعام جو ورتائي ڪري فرمايو ته [illegible]

ٻارهون حصو توکي ڏنو [illegible] نوڪر زاده اهو طعام [illegible]

مان وٽي [illegible] تاريخ ٢٠ جنوري ١٩١٥ع

نبر هادي بخش فقير

هٿ اکر مرحوم هادي بخش


بسم الله الرحمن الرحيم

سچل سائين جي مثنوي رهبر نامہ جو پهريون صفحو
منشي نظر محمد جي بياض تان ورتل



مرحوم منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو


آن متقی و دین یگانه که خوش بود صحبتش — رفت از جهان بماند بدل داغ حسرتش
مقبول حق غلام محمد که دور زد — خون شد دلم ز سوز غم و درد فرقتش
یا رب دوام باد بحق حبیب تو — فیضان ابر رحمت بر خاک تربتش

مرحوم منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو

Scanned by CamScanner



منشي نظر محمد جي بياض مان هڪ ورق

این خدائی خاک راهی تو بود — از سبب خاکت سگ کو نیکو بود

می‌شود قربان بر آل عبا — سگ بدر وا [illegible] تو بود بین [illegible] گدا

شد خدائی از غلامانش غلام — راز نامه ختم کردم والسلام

آمدم اینجا قلم را شد شکست — در نوشتن هر چه بود آن نوشت

ای خدائی چند گوئی این کلام — این حقیقت را بگفتی والسلام

لا اله الا الله
محمد
الرسول
الله

محرر فدوی الحقیر محمد ولد مرحوم منشی [illegible] بخش مغل تیموری دهلوی فی التاریخ ۲۶ ماه رمضان المبارک [illegible] ۱۳۳۳ هجری [illegible] مطابق تاریخ ۱۰ جولای سنه ۱۹۱۵ع [illegible] وقت ۳ بجه روز آخرین جمعه - این نقل تمام شد از کتاب [illegible] غلام نبی معروف عبد النبی ولد مرحوم منشی [illegible] که آن کتاب بتاریخ ۲۹ رمضان المبارک سنه [illegible] الهی [illegible] حصول طفیل [illegible] محمد قبول [illegible]

هت اکر مرحوم منشي نظر محمد

Scanned by CamScanner

غزل از بس

گل سخی مقبول محمد خواجه نجم الدین گل | پیر غوث گل ناظر محمد شاه طوسین گل

گل شاه سرو عالی مظهر علی تمکین گل | زین عابد گل محمد بچل خوش آئین گل

گل سخی صاحب کلان ذات شاه عابدین گل | خواجه عبدالحق گل محمد صلاح الدین گل

گل سخی عاشق الله سرمست حق لقین گل | هست در هر دو جهان خوشبوی آن رنگین گل

گل شاه فاروق محمد حافظ یسین گل | اسم آن شهسوار صاحبزاده حق بین گل

شاه عبیدالله گل اولاد محی الدین گل | بوسعید اولاد حضرت شاه عمر نمکین گل

آن امیرالمومنین حضرت [illegible] گل | در عدل شاه مشتهر از چین تا ماچین گل

آن امیرالمومنین حضرت عمر عادلین گل | شوهر حضرت ام کلثوم بنت علی مومنین گل

کفر [illegible] اسلام کرده [illegible] | شاه فاروق از خدا شد در جهان [illegible] گل

هر که از فاروق [illegible] گل | در دو عالم رو زمینه [illegible] گل شیرین گل

بوبکر عمر و علی [illegible] شمس الدین گل | در خود آن با [illegible] الدین گل

شاه عبید الدین فاروق [illegible] گل | زوجه حضرت فاطمه بنت حسن [illegible] گل

در صحبت شاه بنت [illegible] گل | شوهر حسین [illegible] گل

هست شاهنشاه [illegible] سید محی الدین گل | آل شاه اولاد حسینی [illegible] الدین گل

هست [illegible] رب العالمین گل | عاشق آن [illegible] گل

گل چند [illegible] مسکین گل | گل محمد صالح و [illegible] الدین گل

شیر علی قربان علی محمد [illegible] گل | گل [illegible] محمد صدیق و گل بهرام امین گل

خیر شاه حیدر شاه و [illegible] گل | میان محمد حافظ [illegible] محمد شاه [illegible] گل

گل محمد یوسف [illegible] گل | گوئی سبقت برد [illegible] گل

گل محمد یونس [illegible] نور الدین گل | گل غلام محمد [illegible] گل

مرحوم مُنشي نظر محمد جو چيل هڪ فارسي غزل

Scanned by CamScanner


لا اله الا الله محمد رسول الله

منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو

Scanned by CamScanner